
آديسي اُٿي ويا
ڪامريڊ مير محمد ٽالپر

# آديسي اٿي ويا

(خاڪا، مضمون ۽ خط)




اپريل 1997

| | |
|---|---|
| ڪتاب | آڏيسي اٿي ويا |
| ليکڪ | ڪامريڊ مير محمد ٽالپر |
| ايڊيشن پهريون | اپريل 1997 |
| تعداد | هڪ هزار |
| قيمت | هڪ سو روپيا |
| ڇپائيندڙ: | انور سولنگي ۽ احمد سولنگي |
| ٽائيٽل | عبدالرسول عباسي |



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.



(سڀ حق ۽ واسطا قائم)


# AADESEE UTHEE WAYA


Written by Kamraid Meer Muhammed Talpur

First Edition April 1997 Price Per Copy Rs 100/=

Published by Anwer solangi and Ahmed Solangi



(All Rights Reserved)

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# پيتا

هي ننڍڙو ڪتاب
"آديسي اٿي ويا" پنهنجي قابل
فخر چاچي مرحوم مير دوست علي ٽالپر کي
پيتا ڪريان ٿو جو جنگ آزادي جو
هيرو هو، ننڍپڻ ۾ جيلن جون تڪليفون
سهي سله جو مرض به جيل مان ڪٽي
آيو. مون سندس ڳالهيون پنهنجي گهر
۾ ٻڌيون انهن جي ڪري مون ۾ به
ڪجهه سياسي سمجهه آئي.

**حق پرستن جي پيرن جي خاڪ**

**ڪامريڊ مير محمد ٽالپر**

**ٽنڊو ڄام**

# پڙهندڙن لاءِ

منهنجا صاحبو! آئون ڪو عالم، فاضل يا ڪو وڏو اديب يا علامہ نہ آهيان، ائين سمجهو تہ اڻپڙهيل انسان آهيان، هي ننڍڙو ڪتابڙو آديسي اتي ويا ، اوهان جي هٿن ۾ آهي، ان ۾ ڪن اهڙن ماڻهن جو ذڪر آهي جن کي اوهان سڃاڻندا بہ نہ هجو، ٻڌل بہ نہ هجن، مون تمام جاکوڙ ڪري اهڙن ماڻهن جا نالا هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جن انگريزن سان مهاڏو اٽڪايو هو، اها لسٽ بہ مون پيش ڪئي آهي، انهي لسٽ ۾ جيڪي صاحب آهن انهن جي بہ ڪجهہ تاريخ ڏيڻ کپي ها اهو آئون ڪري ڪو نہ سگهيس ڇو تہ مڙئي پيءِ جوانيءَ پويان پير ڪري هلي وئي آهي. ڪيتريون غلطيون بہ آهن، اِن لاءِ گذارش آهي تہ اهي ڪامريڊ کي معاف ڪندا.

ٽڙيو هو جنهن کي يزيدي هٺ مروڙي ڇڏيو. هن مضمون لکڻ تائين شهيد جي قاتلن جو ڪنهن به پتو ڪو نه لڳايو آهي، رڳو بيان اچي رهيا آهن. مير صاحب کان پ پ وزير ۽ ميمبر سخت ڊپ ۾ هوندا هئا، مون کي هڪ دفعي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر عبدالغفور نظامائي ٻڌايو هو ته چاچا ڪامريڊ! مير صاحب جڏهن اسيمبلي ۾ ايندو آهي جنهن وزير ۽ ميمبر ڏي اک کڻي نهاريندو آهي ان جو پيشاب وهي ويندو آهي. سرڪار جا سمورا آهلڪار مير صاحب جا جاني دشمن هئا، اڄ انهن جي عيد آهي. مير صاحب جي شهادت بعد ڪيترا جيالا ميمبر - وزير پنهنجن بنگلن ۾ قرآن خواني ۽ خيرات ڪرڻ لڳا خاص ڪري ٽنڊي الهيار جو ستار بچاڻي جيڪو مير صاحب جو وڏو مخالف دشمن آهي ان به قرآن خواني ڪرائي اهڙا حرامخور هان پاڻ کي لڪائي رهيا آهن جيئن مير صاحب جي شهادت جي ڏينهن آصف زرداري مڇون ڪوڙائي ڇڏيون، بابا ڳالهه ظاهر ٿي پيئي "چور جي ڏاڙهي ۾ ڪک". ارمان اهو آهي ته مير صاحب جي ڀيڻ جي شهيد ڀاءُ جا قاتل ڳولي عوام اڳيان پيش ڪيا ته پوءِ سندس پٽ رهجي ايندي نه ته سنڌ جو عوام ڪيس ڀاءُ جو قاتل سمجهندو پوءِ ڇا ڪندي هينئر زمين مائيءَ جي پيرن هينان نڪري چڪي آهي. مائي ماڻهن جي سامهون منهن ڪٽندي، منهنجي خيال ۾ پوءِ بينظير صاحبه گهر جا ديگڙا ڌوئندي، رلين کي ٽوپا ڏيندي، پنهنجي والد ۽ پنهنجي ڀنهي ڀائرن کي ساري منهن مٿو پٽيندي رهندي. ڪيس ڳڙهي خدا بخش جي قبرستان ۾ به جاءِ ڪو نه ملندي، ڪيس بلاول زرداري جي قبر ۾ دفن ڪندا، شهيد مير صاحب منهنجو ڪامريڊ هو.

شهيد مير صاحب اليڪشن پوسٽرن تي به ڪامريڊ مرتضيٰ لکرايو هو، سندس نشان به مکو هو، جيڪو ڪميونسٽ جو سرخ سلام آهي، آئون به ڪيس سرخ سلام پيش ڪريان ٿو. هڪ عرض ٻڌو - ڪنهن رن زال جو ڪکڙ چوري ٿيندو آهي اها به پاڙي ۾ دانهون ڪري چور سوڌو ڪکڙ هٿ ڪندي آهي، مائي بينظير وٽ وڏي طاقت آهي، پوءِ الائجي ڪيس ڇا جي ڳڻتي آهي، شايد وزير اعظم واري ڪرسي جي، اها وڃي نه هلي. شهيد مرتضيٰ جهڙي ڪونڌر ڀاءُ جي مقابلي انهي ڪرسي کي به لعنت. هي قهر تاريخ ٢٠ سيپٽمبر ١٩٩٦ع جمع رات جو ساڍي اٺين بجي ٿيو، شهيد مير بابا جي ڄمار ٤٢ سال ٢ ڏينهن هئي.

# آمراڻي سياست جو شهيد
# مير علي بخش خان ٽالپر

شهيد مير علي بخش خان ٽالپر سنڌ جي ماڻڪاڻي ٽالپر گهراڻي جو فرد آهي، سندس شجرو هن ريت آهي.

مير علي بخش خان ابن نواب مير حاجي الهداد خان ابن مير امام بخش ٽالپر ابن سرڪار شير سنڌ مير شير محمد خان ٽالپر حاڪم ميرپور خاص ۽ انگريزن سان ڏُبي جي جنگ جو هيرو هو. شهيد مير علي بخش خان جي جنم جو سال ١٩٢٦ع آهي. پاڻ مير جي لانڍي، تعلقي ڪوٽ غلام محمد ضلع ٿرپارڪر ۾ ڄاوا هئا. سندن والد بزرگوار نواب حاجي مير الهداد خان ٽالپر بمبئي اسيمبلي جو به ميمبر هو. سنڌ جڏهن بمبئي کان ڌار ٿي صوبو بنيو تڏهن نواب صاحب سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ٿيو هو، ضلع ٿرپارڪر لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ به رهيو هو، مرحوم ڪيترا ڀلائي جا ڪم ڪيا هئا. شهيد علي بخش وارا پاڻ ۾ ٽي ڀائر هئا. وڏو مرحوم مير امام بخش خان هو، جيڪو سنڌ حڪومت ۾ وزير به رهيو هو، ڪچهرين جو موز ۽ مردم شناس هو. لانڍي کي وسايو ويٺو هوندو هو. چوپائي مال جو به نواب صاحب وانگر شوقين هو، اهو به جواني جي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو. وچٿ ڀاءُ مرحوم مير حاجي حسين بخش خان هو، هي هو ته مير پر فقير صفت انسان هو، سياسي طرح خاڪسار جماعت سان هو. اهو به جواني ۾ هليو ويو، باقي سيني کان ننڍو شهيد مير علي بخش خان ٽالپر هو. مير علي بخش خان بمبئي يونيورسٽي جو گريجوئيٽ هو. ننڍپڻ کان هن جي ياري دوستي پنهنجي هارين، نوڪرن سان هوندي هئي ۽ انهن جي ٻارن سان راند روند ڪوڏي ڪوڏي، ونجهوٽي ڪيڏندو هو. ڪنهن غريب هاري ڪولهي، ڀيل، مينگهواڙ وغيره جي ٻار جي سنگهه وهندي ڏسندو هو ته پنهنجي مٽي تان پوتڙو لاهي ان جي پلاند سان ان ٻار جو نڪ اگهي ڇڏيندو هو. منجهس انسان دوستي ايتري قدر

هئي جو بنا حجاب ڪولهين، ڀيلن ۽ مينگهواڙن سان ماني بہ ڳڏ ڪائيندو هو.

شهيد جي سوچ انقلابي قومپرستي ۽ سوشلزم ڏي مائل هئي. هن جي پوشاڪ شروع کان سادي هئي، کدر جا ڪپڙا، پيرن ۾ سنڌي جتي، ڪن موقعن تي مغربي لباس بہ پائيندو هو، پوءِ تہ صفا پرنس آف ويلز پيو لڳندو هو، سونهن ۾ بہ سهڻن جو سردار هو. جتي بہ ڪو ڏاڍ ۽ ظلم جو ٻڌندو هو، تڏهن سندس لڳ ڪاندارجي ويندا هئا. جڏهن هتي ڊڪٽيٽر ايوب جو دور آيو، سياسي وڏن ليڊرن جي وات تي ايوب الياڻ لغام چاڙهي ڇڏيا هئا، هر طرف مات لڳي وئي، جڏهن مولانا ڀاشاني مرحوم، ميان افتخار الدين مرحوم، باباءِ سنڌ حيدربخش خان جتوئي مرحوم، خان عبدالغفار خان مرحوم، ڪامريڊ غلام محمد خان لغاري، حضرت شيخ السنڌ مولانا عبدالحق رباني مرحوم، شيخ عبدالمجيد سنڌي، شيخ مجيب الرحمان، جناب جي ايم سيد صاحب، جناب حفيظ قريشي، جناب حسين شهيد سهروردي مرحوم وارن گڏجي نيشنل عوامي پارٽي جي جهنڊي هيٺ ايوب شاهي جي خلاف تحريڪ هلائي، هر هنڌ جلسا جلوس ٿيا. ان سموري هلچل ۾ شهيد مير صاحب پيش پيش رهيو. ان وقت ميرپورخاص ۾ هڪ وڏو جلسو ٿيو هو، مٿي جن ليڊرن جو ذڪر ڪيل آهي، اهي سمورا ان جلسي ۾ هئا، جلسو رات جو هو. پناهگير ليگي ڇورن جلسي ڦٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مير صاحب پنهنجا رضاڪار آندا هئا. اهي سڀ بلوچستان جا ڪوهي مري هئا، مونکي ڪن جا نالا ياد آهن، هڪڙو توريت خان، ٻئي جو نالو انجيل خان هو انهن جون ڏاڙهيون وڏيون، ڊپ ڏيارڻ وارا مهاندا هئا، اهي ڪهاڙيون کڻي اٿيا ۽ هڪدم اهي ڀاڙيا ڀڄي ويا، جلسو خير سان پورو ٿيو.

ايوب، عام ماڻهو کان ووٽ جو حق کسي ورتو هو. هن وري بنيادي جمهوريت جنهن کي بي ڊي بہ سڏبو هو، اهو نظام ملڪ تي مڙهيو ۽ بي ڊي جون اليڪشنون ڪرايائين تہ اهي جيڪي بي ڊي جا ميمبر چونڊبا اڳتي صدر ۽ اسيمبلين لاءِ اهي

ڪامريڊ غلام محمد خان لغاري پيش پيش هئا، ترت ميرپورخاص جي ماٺڪائي ٽالپرن جو پڳدار مير محمد خان ٽالپر مير آچن مرحوم تمام جوش جذبي سان پنهنجن جان نثار ساٿين سان شامل ٿي ويو، تنهنڪري ٿرپارڪر ضلعي ۾ سواءِ چند پاڙ قسم ميرن، پيرن، وڏيرن کان سواءِ بين فاطمه جناح جي حمايت ڪئي، فاطمه جناح ٿرپارڪر ضلعي ۾ ايوب کان کٽي وئي. آئون سنڌس سامارو ۾ ايجنٽ هئس، اتي فاطمه جناح ڏهه ووٽ وڌيڪ ايوب کان کنيا هئا. ڪي بي ڊي ميمبر بي ايمان هئا. جن ڪجهه خرچ پکي جي بہ گهر ڪئي هئي، انهن جي ڪيسي ۾ بہ چار ڏوڪڙ شهيد علي بخش ۽ مير آچن وڌا هئا. اهڙي طرح ڪامياب سڄي ملڪ ۾ فاطمه جناح ٿي هئي پر ملڪ جو ڪامورو ايوب جو اولاد هو ۽ صفا بدڪردار ۽ بي ايمان هو، ان هن بوگس ووٽن سان فاطمه جناح کي هارايل اميدوار ڏيڪاريو ۽ ايوب کي ڪامياب قرار ڏنو. ان وقت ڪورٽن جو حال ڪو نہ هو، سيني تي ايوب جو موچڙو هو، سپريم ڪورٽ جو وڏو چيف جسٽس منير جيڪو پنجابي هو، اهو چون ٿا تہ ايوب جا بوٽ صاف ڪندو هو، جڏهن ايوب سنڌ جي جاگيردارن وٽ شڪار تي ايندو هو تڏهن ايوب جي ڪارتوسن جا ٿيلها، جسٽس منير پاڻ ڪلهي تي رکندو هو، فوجي سربراهہ جنرل موسيٰ خان هو، سو ويچارو تہ ايوب جو سيليوٽ ڪري پوءِ سنڌس منهن تان مکيون هڪليندو هو. مطلب تہ سڄي انتظاميہ ايوب جي لانگ بوٽ جي هيٺيان هئي. ملڪ ۾ فاطمه جناح جي اليڪشن واري زوردار مهم ڪري ايوب جون ڪليون ڍريون ٿي ويون هيون پوءِ اڪثر عام ماڻهن کان ڪترائيندو هو. سنڌس فوجي چاڙتن ڪيس ننڊ ۾ ستي فيلڊ مارشل جو خطاب ڏئي ڇڏيو هو، هن خود اهڙو ڪو بہ جنگي ڪارنامو بجاءِ ڪو نہ آندو هو جو ڪيس فيلڊ مارشل جو اعزاز ڏجي، اها مڙئي دلالي پڙوت ۽ چاپلوسي ڪئي وئي. ان وچ ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ سال ٦٥ع ۾ لڳي. روس جي ڪوشش سان جنگ بند ٿي هئي. پوءِ تاشقند ۾ روس طرفان هڪ عهد نامون تيار ڪيو ويو هو. تڏهن هندستان جو وزير اعظم مسٽر

تو. اوهان وٽ رهندس، مرحوم مير رسول بخش ڪيس دلي موٽ ڏني.

هڪ ڏينهن پٽو صاحب حيدرآباد مير صاحب وٽ اچي نڪتو. مير صاحب ڪيس دل ۾ جايون ڏنيون، مير صاحب ٽنڊي ڄام مون ڏانهن نياپو موڪلي ڏنائين ته ڪامريڊ هڪ نئون ماڻهو آيو آهي، ان سان اچي مل ڪچهري ڪري وڃ. آئون به صبح جو سوير ٽنڊي مير محمود مير صاحب جي بنگلي تي پهتس. مير صاحب ٻاهر ڪن ماڻهن سان ويٺو هو، انهن ڪان موڪلائي مون ڏانهن وڌي آيو. پليڪار ڪري اندر وٺي ويو. اندر پٽو مرحوم ويٺو هو، مير صاحب منهنجي واقفيت ڪرائي. پٽي مرحوم چيو ته آئون ڪامريڊ کي سال ۱۹۵۳ع کان سڃاڻان ٿو. خبرون ۽ ڪچهري ٿي، مرحوم چيو ته پاڻ سنڌ جو دورو ڪري ايوب مخالفن سان ملي، سياسي پارٽي ناهيون ٿا.

سنڌ ۾ هر هنڌ اهڙا چاپلوسي وڏيرا هئا، جيڪي ايوب جي حڪومت ۾ پٽي مرحوم جا بوٽ به صاف ڪندا هئا، جي گهٽا پرن ۾ لڪي ويا، پٽي جي پاڇولي ڪان به لهرائڻ لڳا. ان وقت مرحوم مير رسول بخش خان ٽالپر وٽ سواري ڪا نه هئي، پٽو مرحوم به ريل ۾ آيل هو. مير رسول بخش مرحوم ڪيترن کي فون به ڪيا گاڏي لاءِ هر هنڌان انڪار جو جواب هو. اوچتو رئيس خير محمد خان ڪنياڻ اچي نڪتو، مير صاحب مرحوم چيس، اوهان به ڪپو اوهان جي گاڏي به کپي، پٽو صاحب پاڻ سان هلندو مڙئي سنڌ جو چڪر ڏئي ايندا سين. ڪنياڻ بلوچ هاڻوڪار ٿئي پوءِ اسين چار ڄڻا روانا ٿيا سون. چڱا پراڻا خاڪسار، هاري ورڪر امام انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌي عليه رحمت جا شاگرد حضرت حسين احمد مدني عليہ رحمت جا شاگرد جن ۾ پيش پيش شيخ السنڌ مولانا عبدالحق رباني نصرپور وارا، ٻئي طرف مرحوم محمد خان سومرو، ترقي پسند مان شهيد مير علي بخش خان، مولانا محمد يعقوب هاليپوٽو، عوامي سردار غلام قادر خان مري، قربان علي شاهه ۽ ديوان روچيرام وڪيل، نوروز خان هزارو ۽ ٻيا به انيڪ

گل حسن وارن کي موڪليو تہ اوهين ڀٽي صاحب کي وٺي اچو تہ هن کي حڪومت جي واڳ ڏجي. اهي جنرل ڀٽي کي وٺي آيا ۽ جنرل يحيٰ خان کي چيائون تہ تون حڪومت ڀٽي جي حوالي ڪر. هو راضي ٿيو. اول ڀٽي مرحوم کي فوجي جنتا وارن مارشل لا ايڊمنسٽريٽر بنايو. ڇو تہ مارشل لا هو. ڀٽو صاحب دنيا جي تاريخ ۾ پهريون سول ماڻهو مارشل لا ايڊمنسٽريٽر بڻيو. اها ڳالهہ صحيح هئي يا غلط اهو پڙهندڙ فيصلو ڪن. جنرل يحيٰ خان پوءِ خاموش رهيو. ڀٽي مرحوم هندستان سان شملا معاهدو ڪيو. جنهن ۾ ان وقت جي هندستان جي وزير اعظم مائي اندرا گانڌي هئي. شملا معاهدي هيٺ اسان جا ٻہ لک جنگي قيدي بہ واپس ٿيا. هتي جن علائقن تي هندستان قبضو ڪيو هو. اهي خالي ٿيا. ان معاهدي ڪري هتي پنجابين ۽ فوجي جنتا ۾ ڀٽي صاحب لاءِ وڏي ڪشش پيدا ٿي.

ڀٽي مرحوم هتي چونڊيل قومي اسيمبلي جو اجلاس گهرايو. جنهن ۾ اول هن پاڻ کي صدارتي اميدوار ڪري پيش ڪيو. سندس مقابلو مولانا شاهہ احمد نوراني ڪيو. ڪيس ٻہ چار ووٽ مليا. سنڌ مان مرحوم مير علي احمد خان بہ ڪيس ووٽ ڏنو هو. پوءِ چئني صوبن جون اسيمبليون گهرايون ويون. پنجاب صوبي ۾ پيپلز پارٽي جي سرڪار نهي. صوبہ سرحد ۾ نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي گڏيل حڪومت نهي ۽ مولانا مفتي محمود وزيراعليٰ ٿيو. صوبہ بلوچستان ۾ بہ نيشنل عوامي پارٽي وارن حڪومت ناهي پهريون وزير اعليٰ عطاءالله مينگل ٿيو ۽ صوبہ جو گورنر مرحوم مير غوث بخش خان بزنجو ٿيو. صوبہ سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت نهي. ان جو پهريون وزير اعليٰ مسٽر ممتاز ڀٽو ٿيو ۽ صوبہ سنڌ جو گورنر مرحوم مير رسول بخش خان ٿيو. پوءِ قومي اسيمبلي جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ مرحوم ڀٽو وزير اعظم پاڪستان ٿيو ۽ اسيمبلي جو چيف وهپ شهيد مير علي بخش خان ٽالپر کي بنايو ويو. شهيد مير علي بخش خان قومي اسيمبلي جي سيٽ مرحوم خان بهادر غلام محمد وساڻ

ڪان ڪٽي هئي. وساڻ مرحوم راڄاڻتو ۽ اشراف سياستدان هو، هن ڪڏهن بہ اليڪشن ۾ هار نہ کاڌي هئي پر شهيد مير علي بخش خان جي قلندرانہ شخصيت کان هارائي ويو، وساڻ مرحوم غيرت مند هو، اليڪشن جي هار جو ٻڌي جهان ڇڏي ويو، هتي ايترا تہ بيغيرت سياستدان وينا آهن جن سون دفعا هارايو آهي پوءِ بہ جڏهن اليڪشن ٿيندي آهي تڏهن اهي گڏهن جا ڦر بيهو رهن.

بلوچستان جو علائقو صدين کان وٺي پوئتي پيل هو ڇو تہ انگريزن جي جنرل سنڊيمن جڏهن بلوچستان تي ڪاهون ڪيون، تڏهن اتي جي بلوچن ڪافي جنگيون ڪيون انگريزن سان - ڪيترا انگريزن جا فوجي قافلا بہ بهادر بلوچن ماري ڇڏيا، خاص ڪري ڪوهلو ۽ ڪاهان جا مري بلوچ خوب وڙهيا. جنرل سنڊيمن پنهنجي ڪتاب ۾ مرين کي وحشي بلوچ ڪري لکيو آهي. انگريزن جي وڃڻ بعد بلوچ عوام پنهنجي حقن جي جدوجهد ڪئي، جيڪا اول پر امن هئي پر پوءِ هٿياربند ٿي وئي، بلوچستان ۾ جيڪو ڍانچو حڪومت هلائيندو آهي، اهي سڀ پنجابي ڪامورا هئا ۽ مرڪز جي ماتحت هئا، انهن بلوچن سان دشمنن وارو سلوڪ ڪيو، ڪامورن بلوچ علائقي جي ناڪابندي ڪري انهن کي بک مارڻ جي ڪوشش ڪئي. وڏو ظلم انور عادل ڪيو جيڪو ايوب خاص طرح ڪمشنر بنائي موڪليو، هنن جا مال وغيره بہ پاڻي نہ هئڻ ڪري مرڻ لڳا، پنجابين بلوچن کي سکن جو اولاد سڏيو. ان وقت پاڪستان ۾ ڪي جمهوري حڪومتون نهيون، اهي بہ ڪمزور رهيون، ڪامورا شاهي جو انهن تي ڪنٽرول رهيو. غلام محمد منڊي جهڙا ڪرپٽ شرابي زاني گورنر جنرل بنيا. اسڪندر مرزا بہ هڪ فوجي ڪامورو هو، انهن جمهوري قدرن کي هلڻ ڪو نہ ڏنو. آخر ۾ سر فيروز خان نون مرحوم جي حڪومت هئي، سا شايد يارنهن مهينا مس هلي هئي تہ هڪدم بري فوج جو سربراهہ جنرل ايوب ڏنڊو ڪڍي ، مارشل لا جو اعلان ڪري ويهي رهيو. ايوبي دور ۾ ظلم جو نشانو بلوچستان بنيو، ايوب اتي فوجي آپريشن بلوچن خلاف شروع ڪرايو، بلوچن بهادري سان پنهنجن

بخش خان ٽالپر جو ڪارنامو سال ٧١ع جي جنگ ۾ ٿر علائقي مان هندو لڏي هندستان هليا ويا هئا. پڻ مرحوم قومي اسيمبلي جي ميمبرن جي ٽيم هندستان جي شهر باڙ مير موڪلي ته اوهان جيڪي هندو ٿر مان لڏي ويا آهن، انهن کي پرچائي وٺي اچو، اهي ميمبر هي هئا، مرحوم پير غلام رسول شاهه جيلاني، راڻو چندر سنگهه، شهيد مير علي بخش خان ٽالپر هي صاحب هيليڪاپٽر ۾ باڙ مير پهتا. هندستاني آفيسر هنن کي لڏي آيلن جي ڪئمپ تي وٺي آيا، اتي هنن تقريرون ڪيون. باڙ مير شهر واري ڪئمپ ۾ پير غلام رسول جيلاني ۽ راڻي چندر سنگهه پنهنجي تقريرن ۾ چيو ته اسان کي پڻ صاحب موڪليو آهي ته اوهان موٽي سنڌ ۾ پنهنجي ماڳ تي هلو، اوهان کي اوهان جا گهر ۽ زمينون واپس ملنديون. ڪافي ڏوڪڙن جي به امداد ڏني ويندي. آخر ۾ شهيد مير علي بخش خان ٽالپر تقرير ڪئي. هن ماڻهن کان پڇيو ته اوهان مونکي سڃاڻو ٿا، ته ماڻهن هڪ آواز چيو ته اوهان نواب مير الهداد خان ٽالپر جا فرزند آهيو، اوهان مير علي بخش خان آهيو، مير صاحب برجسته انداز ۾ چيو ته هي پير ۽ راڻو ٻئي پڻ صاحب جا بوٽ چٽڻ وارا آهن، پڻ صاحب کان پنهنجا مطلب ڪڍڻ وارا آهن، منهنجي صلاح اٿئو ته متان هتان هليا آهيو، اتي هر اشراف جو پٽڪو پيرن ۾ آهي، اجايا در بدر ۽ خوار ٿيندؤ، جڏهن ڪو نيڪي وارو زمانو آيو تڏهن آئون خود اوهان کي وٺي ويندس. پوءِ چون ٿا ته پير صاحب ۽ راڻي صاحب جي منهن تي سمجهو ملجي وئي، ماڻهن مير صاحب کي چيو ته اسان جو اوهان تي اعتبار آهي.

آئون انهن ڏينهن ۾ شهيد مير صاحب وٽ ڪراچي آيل هئس، مير صاحب ڏاڍي مونجهه ۾ هو، ڳالهه به نه ڪري، هڪ ڏينهن شام جو چيائين ته ڪامريڊ اچ چڪر ڏئي اچون. مون چيو ته سرڪار حاضر ڊرائيور پوتار هو، ڪڏي ۽ لي مارڪيٽ جي علائقي ۾ وياسون، جتي ڪباڙ خاني جون انيڪ شيون ملن ٿيون. اتي پهچي مونکي چون لڳو ته يار سردي اچي وئي آهي، پاڻ ڪايو پيئو زالن کي ٻڪ وجهيو ستا پيا آهيون، بلوچستان ۾ پنهنجا

# پٽي مرحوم جي ڦاسي جي ڏينهن لاڙڪاڻي جي حالت

پٽي مرحوم کي ڦاسي ۴ اپريل آئي. اسين مير محمد خان ٽالپر، سيد غلام شبير رضوي ۽ ساٿي ۵ اپريل تي ٽنڊي ڄام کان لاڙڪاڻي روانا ٿيا سين، ريل جي رستي ڪوٽڙي اسٽيشن تائين تہ ڪم از ڪم ڏهن هنڌن رڪشي کي بيهاري اسان کي لاهي هر طرح جي تلاشي ورتي وئي، اسان ٽڪيٽ وٺي بولان ميل ۾ سوار ٿياسون. رات وڳڙو هو عجيب مسافر هئا، گهڻو ڪري انهي واقعي ڪري سيني تي سڪتو طاري هو. رات تي هڪ ريلوي اسٽيشن تي گاڏي بيٺي اتي ڪا وڏي درگاهہ آهي، گاڏيء ۾ هڪ نوجوان جذبات مان ڌري مان ان درگاهہ کي پونڊو ڪوڙي ڏنو چيائين تہ بيغيرت توتي سونا دروازا ڪو نہ پٽي چاڙهايا هئا پوء بہ تو ڪڇو ڪو نہ ڪوهيو، سڄي گاڏي ۾ خاموشي ۽ حيرانگي ڇانئجي وئي. خير اڄا رات پئي هئي تہ لاڙڪاڻي گاڏي پهتي، اسٽيشن تي راڪاس گهميو پيو هو، هر طرف جمعدار نظر پئي آيو. اسان کي بہ اڇي سر جي لڳي تہ هتان هان ڪيڏانهن نڪرون، اسين ويٽنگ روم ۾ ويهي رهياسين.

جڏهن روشني ٿي تڏهن مسٽر عبدالغفور پرڳڙي جيڪو تڏهن اين پيپلز پارٽي جو ليڊر هو ۽ واقفڪار بہ هو ان جو گهر پڇائي روانا ٿيا سين. ان جي دروازي تي پهچي گهنٽي وڄائي سون هڪ پيرسن خاتون نڪري آئي. ان کان پڇيو سين تہ امان پرڳڙي صاحب آهي، هن جواب ڏنو تہ اهو رات پوليس جهلي وئي، هاڻي اسان کي بہ اڇي دل جا دورا پيا تہ يار ڪٿي ٽنڊو ڄام ڪٿي لاڙڪاڻو جتي هيڏي ۽ هوڏي مات لڳي پئي آهي، مون کي هڪ واقفڪار انجنيئر ياد اچي ويو سندس نالو عبداللطيف ميمڻ هو، هاڻي فوت ٿي ويل آهي ان جي بنگلي جو رخ ڪيوسون پڇائي وڃي پهتاسون. دروازي تي پٺيوالي قسم همراهہ ويٺو هو، مون پڇيومانس تہ بابا صاحب آهي اسين مهمان آهيون هن چيو تہ ويٺو

# 90 هزار سهاڳڻيون

جڏهن بنگلاديش وجود ۾ اچي ويو تڏهن اتي جيڪي اسلام جا جوڌا پئي وڙهيا اُهي اطلاع موجب نوي هزار ڪن جنرل اروڙا جي اڳيان ڪنن ۾ هٿ وجهي پيش پيا ۽ قيدي بنجي ويا. انهي دؤر ۾ انهن مجاهدن جي بيگمات صاحبان خوب مظاهرا ڪيا ته اسان جا مڙس آزاد ڪرايو. پنو مرحوم ملڪ جو حڪمران هو، تڏهن اسلام آباد ۾ جيڪي وي آء پي هئا انهن مان هڪڙي مون کي ٻڌايو ته انهن ۾ به وي آء پي هئا. انهن جي بيگمات جو وفد ڀٽي صاحب وٽ آيو ته هان سياري جون راتيون آهن. مڙسن کانسواء مريو ٿيون وڃون نه ته تون ڪبوتر لڳو پيو آهين اسان کي قبول ڪر. اهي حال هئا انهن نوي هزار سهاڳڻين جي نمائندن جا. پوء اوهان کي خبر آهي ته ڀٽي مرحوم شملا وارو ناهه ڪرائي انهن جي جند ڇڏائي ۽ نوي هزار سهاڳ ڀٽي بچايا. جڏهن ڀٽي جي سر تي تارا مسيح اچي بيٺو تڏهن هڪ به انهن مان سهاڳڻ ڪا نه نڪتي. صرف هڪ سهاڳ بچائڻ خاطر انڌا ۽ موڳا سوچيو.

# جنگ آزادي جو هيرو
# محترم ارونا آصف علي لينن پرائيز

انگريزن خلاف جيڪا آزادي جي جدوجهد هلي ان ۾ ڪيترين عورتون به شامل هيون انهن مان هڪ محترمه ارونا آصف علي پڻ هئي. ارونا ديوي اجا حيات آهي دهلي ۾ رهي ٿي، هيءَ هڪ باهه جي شعلي وانگر فريدم فائيٽر هئي. سندس گهر وارو مرحوم آنربل مولوي سيد محمد آصف علي بار ايٽ لا دهلي ڪانگريسي هو، تمام وڏن عهدن تي به رهيو هو، پر خود ارونا ديوي سوشلسٽ پارٽي جي رڪن هئي. تمام تيز هئي. هن جي جلسن ۾ لکين ماڻهو ايندا هئا. جڏهن سڀ هندستان جي چوٽيءَ جا ليڊر گرفتار ٿيندا هئا ته هوءَ روپوش ٿي ويندي هئي، هڪ دفعي هوءَ لاڳيتا چار ورهيه روپوش هئي، هتي سنڌ ۾ رهي هئي. ڪراچي ۾ ڪيترو ٽائيم سر حاجي عبدالله هارون جي گهر به رهي هئي، آئون به دفعا اتي به ويو هوس سندس درشن ٿيو هو، تڏهن اجا جوان هئي، ڇا سندس حسن هو، ڇا سندس وار هئا آسماني حور کان گهٽ ڪا نه هئي. سر عبدالله هارون کي ان ڪري بليڪ لسٽ ڪيو هو پر هن نيڪ مرد ان ڳالهه جو نوٽيس ڪو نه ورتو. سر عبدالله هارون پنهنجي نيڪي ۾ گهڻا ڪم ڪري ويو هو پر هي ڪارنامو سندس وڏي دليري وارو هو. ڏيپلي جي ميمڻ کان اهو ڪم ڪو نه ٿيندو ڇو نه سر عبدالله هارون به ميمڻ هو، ميمڻ مڙئي ڪچي مٽي سڏبا آهن. مائي ارونا ديوي ڪو سال ڪن روپوشيءَ وارو دور حيدرآباد ۾ پاتي پرتاب ون ۾ گذاريو هو، اها جاءِ اجا بيني آهي جنهن ۾ ڊاڪٽر عباسي جي اسپتال آهي. پچاڙي ۾ هڪ سال ٽنڊي آدم شهر ۾ ڪنهن سيٺ وٽ به رهي هئي جنهن جو ڦٽين جو ڪارخانو هو. دهلي ۾ هڪ دفعي مولانا آزاد مرحوم کي وائسراءِ هند لارڊ ويول چيو ته اسان سڀني ڪانگريسي ۽ بين ليڊرن کي گرفتار ڪيو پر ارونا آصف علي اسان کي هٿ نه آئي. مولانا آزاد مرحوم وائسراءِ ويول کي چيو ته اوهان جي انگريز حڪومت

تان تہ سچ ڪو نہ تو لهي. هڪ عورت بہ اوهان کي هٿ نہ آئي. وارنٽ منسوخ ڪريو. وائسراءِ ڳالهہ مڃي محترمہ ارونا ديوي جا وارنٽ منسوخ ٿي ويا، ان ڏينهن چون ٿا تہ دهلي ۾ اعلان ٿيو تہ شام جو آزادي جي متوالن جو جلسو ٿيندو. جنهن کي جنگ آزادي جي هيرو ارونا آصف علي خطاب ڪندي. ماڻهو لکن جي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيا، جلسو شروع ٿي ويو ماڻهو انتظار ۾ هئا تہ ڪيڏي مهل ٿي ارونا اچي، اوچتو اعلان ٿيو تہ هاڻ ارونا ديوي تقرير ڪندي. ماڻهو چرين وانگر نچڻ ڪڏڻ لڳا ۽ زور سان نعرا هڻڻ لڳا، اوچتو مائڪرو فون جي اڳيان ارونا ديوي اچي بيٺي، سندس تقرير پنيور کي باهہ ڏئي چڏي، سڀ حيران ٿي ويا تہ هيءَ ڪٿان آئي. ارونا ديوي جي مولانا آزاد مرحوم سان تمام رغبت هئي، چون ٿا تہ مولانا مرحوم جڏهن بيمار هو تڏهن هن نيڪ خاتون سندس خدمت ڪئي، پڇاڙي جي وقت بہ سندس سيراندي کان ويٺي هئي ۽ هن جو هاري رهي هئي جوهريءَ کي قدر هوندو آهي هيري جو ٻئي کي ڪهڙي خبر، ارونا ديوي کي خبر هئي تہ ابوالڪلام آزاد ڇا آهي.

آئون ٨٦ع ۾ دهلي ويو هوس تڏهن مرحوم سجاد ظهير جي نياڻي نور ظهير مونکي گڏ وٺي وئي هئي، سردي هئي پاڻ ڪمري ۾ هيٽر ٻاريو ويٺي هئي. ڏادي محبت سان ملي، مون کيس سنڌ جي سوکڙي اجرڪ بہ پارائي، ڏادي خوش ٿي، مون سان منهنجو ننڍو پٽ غلام رسول خان بہ گڏ هو. ان کي خوب پيار ڪيائين. کيس چيائين تہ تنهنجو بابا منهنجو پٽ آهي تون منهنجو پوٽو آهين، مونکي بہ هڪ پيالو سوکڙي ڪري ڏنائين. سانس جيڪي گهڙيون گڏ مون گذاريون سي وسرن ڪو نہ ٿيون. اهڙن جي پيرن ۾ ويهي حياتي گذارجي. هتي اهڙيون خاتون ڪو نہ آهن. جنهن طرف نهار تہ بابڙا شريف ۽ سندس پرستار نظر ٿا اچن. جيئي امان ارونا آصف علي.

جڏهن ڪميٽي جيل سپرنٽينڊنٽ کي مون گهڻو ستايو تہ هتي هن جو عزيز اقارب ڪونهي، ائون هن لاءِ ڪجهہ ضروري سامان کڻي آيو آهيان، اهو ان کي ڏيان. آخر جيل جي سپرنٽينڊنٽ چيو تہ آئون توهان کي هن جي جهلڪ ڏيکاريندس، ملاقات ڪو نہ ٿيندي، پوءِ ڊاڪٽر صاحب مرحوم کي جيل جي دروازي تي وٺي آيو. مون سندس منهن مبارڪ ڏٺو، صرف هڪ ٻئي کي سلام ڪيو سون، سامان ڏنم. اها گهڙي وسري ڪا نہ ٿي.

ڊاڪٽر اشرف مرحوم جي هڪ انگريز خاتون دوست هئي، جيڪا لنڊن کان آئي ۽ هتي جي حڪومت سان ملي. ڊاڪٽر صاحب کي جيل مان ڪڍائي پاڻ سان گڏ وٺي وئي. پوءِ مرحوم کي سال جرمني ۾ رهيو ۽ اتي سال ١٩٩٥ع ڌاري شايد فوت ٿي ويو. اهڙا انمول موتين جهڙا ماڻهو صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. هتي هينئر ڪيترا ڪميونسٽ پيا سڏجن، ٿاٽ ٿيا هلن. ڪن ڪجهہ بہ ڪو نہ رڳو سوشلسٽ ملڪن جي سفارتخانن ۾ شراب پيئن ۽ انهن کان نقد نذرانا وٺن، خوار ڪري ماريو اٿن. ڪا لينن جي مار پوين.

# مرحوم ميان افتخار الدين لاهور وارو

جناب ميان افتخار الدين مرحوم لاهور شهر جا رهاڪو هئا. ميان صاحب انگريز شاهي جي جنگ آزادي جو هيرو هو. شروعاتي ڪانگريسي هو. گڏيل پنجاب جي صوبائي ڪانگريس جو صدر هو. آل انڊيا ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽي جو ميمبر هو. پنڊت جواهر لال نهرو، مولانا ابوالڪلام ۽ ٻيا چوٽيءَ جا ليڊر هن جا ذاتي دوست هئا. اهي حضرات جڏهن به لاهور ايندا هئا ته مهمان ميان صاحب جا ٿيندا هئا.

ميان صاحب برطانيه جي آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو، تڏهن ٻيا به ڪي نوجوان هن سان گڏ پڙهندا هئا، جيڪي ڪميونسٽ خيالن جا هئا. جن مان جناب سيد سجاد ظهير ولد جسٽس سر سيد وزير حسين، جج هاءِ ڪورٽ الله آباد برصغير جو مشهور ڪميونسٽ اڳواڻ ڊاڪٽر محمد اشرف، ڊاڪٽر گنگاڌر اڌيڪاري. جناب فيض احمد فيض وغيره هئا. انهن جي صحبت جو به ميان صاحب تي وڏو اثر هو. ڪانگريس ۾ هوندي به هن جو لاڙو ڪميونسٽن ڏي هوندو هو. انهن اختلافن جي ڪري پوءِ ميان صاحب ڪانگريس کي ڇڏي ڏنو ۽ جلد پاڪستان ٺهيو. مرحوم ميان صاحب خود دولتمند انسان هو، لاهور ۾ هن جي وڏي شهري جائداد هئي، زرعي زمين تي هزار کن ايڪڙ هئس.، لاهور ۾ جيڪو مغلن جو شاليمار باغ آهي اهو به ميان صاحب جي وڏن جو پوڪيل آهي. تنهنڪري کين شاليمار هارپ جو حصو ملندو هو. پاڪستان قائم ٿيڻ وقت هتي جيڪي اخبارون هيون، سي گهڻو ڪري رجعت پسند ۽ ليگ وارن جون لونڊيون هيون. ترقي پسندن جي ڪا به اخبار نه هئي. ميان افتخار الدين مرحوم کي خيال آيو ته پنهنجي پريس قائم ڪري اخبار جاري ڪجي. مرحوم ميان صاحب لاهور مان هڪ انگريزي اخبار "پاڪستان ٽائمز" ۽ اردو ۾ هڪ اخبار "امروز" شايع ڪيون. پوءِ "امروز" اخبار ڪراچي مان به شايع ٿي هئي. لاهور مان هڪ اردو ماهوار رسالو "ليل و نهار" ڪڍيو

ريو. ملڪ جا نامور اديب. ميان صاحب انهن اخبارن جا ايڊيٽر
ڪيا. جن ۾ خاص هي هئا. جناب فيض احمد فيض مرحوم (لينن
پرائز) جناب سيد سبط حسن، جناب انيس هاشمي، جناب ابراهيم
جليس ۽ ٻيا ڪي هئا. انهن سڀني اخبارن ملڪ جي محنتڪش
طبقي، ترقي پسند طبقي لاء وڏي قلمي جدوجهد ڪئي. ان وقت
پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي هئي. ميان صاحب ان اسيمبلي جو
بہ ميمبر هو، پاڻ اڪيلي سر مخالفت ۾ ليگين جي سرڪار جا چوڏا
لاهيندو هو. وڏي همت سان پنهنجو ڪردار ادا ڪندو هو. اسيمبلي
۾ شينهن وانگر گجندو هو. مرحوم ميان صاحب پنهنجي سياسي
پارٽي بہ ناهي هئي، جنهن جو نالو "آزاد پاڪستان پارٽي" هو.
جڏهن ايوب فوجي ڊڪٽيٽر ٿي حڪومت تي ويهي ريو. تنهن جي
خلاف بہ ميان صاحب جي اخبارن خوب جنگ ڪئي. انڪري ايوب ۽
سندس فوجي ساٿي صفا ميان صاحب تي سوڙ ٿي پيا.

ميان صاحب جي پريس ۾ اخبارون جيڪي هيون،
انهن جي ماليت لکن روپين ۾ هئي، سا ايوب ضبط ڪئي ۽
سرڪاري ملڪيت ٿي وئي. اهو سمورو ڪم جنرل ڪي ايم شيخ
ڪيو، جيڪو ايوب جو خاص هو، پوء انهن سڀني اخبارن تي
سرڪاري مگٽهار ايڊيٽر بنجي ويٺا.

ميان صاحب دل جو مريض پراڻو هو، هن واقعي
ويتر ميان صاحب کي وڏو صدمو رسايو. ميان افتخار الدين مرحوم
سال ١٩٦٠ع ڌاري فوت ٿي ويو. ميان صاحب جي ياد سدائين
رهندي

اقتدار تي وينو هو. اهو جڏهن بيمار ٿيو ته ٽي ورهيه بيهوش رهيو، آمريڪا به علاج لاءِ ڪٺي ويا پر فائدو ڪو نه ٿيس. ڪيس بيهوشي جي حالت ۾ واپس ترڪي ڪٺي آيا پوءِ به ڇهه مهينا سڪرات ۾ پيو هو. تڏهن به فوجي تمغا ۽ وردي ڪيس پارائي ويندي هئي ۽ صدارت جي ڪرسي به ڪا نه ڇڏيائين. گرسل اسان وارن جمعدارن ايوب ۽ ضياء کان هزار دفعا وڏو ظالم هو. هن هزارين ترڪ نوجوان مارايا هئا. آچاريه ونوڄياوي امر رهي.

# ڊاڪٽر راجندر پرشاد
# اول-صدر جمهوريہ هند .

ڊاڪٽر راجندر پرشاد، آزاد هندستان جو پهريون چونڊيل صدر بڻيو هو. هو گانڌيءَ جو ساٿاري ۽ اصل کان ڪانگريسي هو، مانهن سان کيس محبت هئي. تنهن ڪري ماڻهو کيس قرب جي نالي راجن بابو ڪري سڏيندا هئا. مون گنهگار جو ڏنل ڪو نہ هو پر سندس ڪي ويجها ماڻهو مليا هئا، تن کان ڪجهہ حقيقت ملي، جيڪا اوهان جي ڄاڻ لاءِ عرض رکان ٿو. راجندر پرشاد آزادي جي جنگ ۾ انگريزن جا ڪيترا جيل ڪاڙا هئا. مولانا عبيدالله سنڌي مرحوم ۽ ان جي دوست مهاراجا پرتاب جڏهن، ڪابل ۾ وڃي هندستان جي عارضي حڪومت ناهي هئي تہ ان جو بہ صدر راجن بابو کي ڪيو ويو هو. ان ڳالهہ مان ظاهر آهي تہ راجن ڪيڏو مان ۽ مرتبي وارو هو. جڏهن راجن بابو هندستان جو صدر بڻيو ۽ قسم نامي جي رسم پوري ٿي، تڏهن صدارت وارو محل هن کي گهمائي ڏيکاريو ويو. انگريزن جو وائسراءِ جيڪو هندستان تي حڪومت ڪندو هو اڳ اهو ان محل ۾ رهندو هو. راجنن بابو کي چيو ويو تہ هي محل هاڻ اوهان جي رهائش لاءِ آهي. راجن بابو چيو تہ منهنجي زندگي جيلن ۾ يا ڪچي جهوپڙي ۾ گذري . هن ايڏي محل کي آئون ڇا ڪريان؟ مون کي صرف ٽي ڪمرا ڪپن! باقي هيڏي فلڪ نما محل ۾ رهندي مون کي شرم ٿو اچي، ڇو تہ لکين ڪروڙين هندستاني بنا گهر جي آسمان جي ڇت هيٺ پيا آهن. سردي توڙي گرمي ۾. ان محل جي باقي عمارت سرڪاري ڪم ڪار لاءِ مخصوص ٿي وئي. کيس سندس پگهار ۽ ٻيا الائونس جڏهن ٻڌايا ويا جيڪي ماهوار لکين روپيہ ٿي ٿيا، تڏهن چيائين تہ اهو خزانو تہ مسڪينن جو آهي. منهنجو ڪو بہ حق ڪونهي جو آئون اڪيلو انهي خزاني مان لٽ ڪريان. چون ٿا تہ راجن بابو پنهنجو پگهار صرف ٽي هزار روپيہ ماهوار وٺڻ قبول ڪيو. وڌيڪ پائي بہ نہ ٻين لاءِ بہ مثال قائم ڪري ڇڏيو. اهي

ياڱ هئا هندواسين جا. هتي اسان جي نصيب ۾ جيڪي صدر ۽ وزير لڳا انهن جا نخرا اوهان کان ڳجها ڪو نہ آهن، چون ٿا تہ هتي جڏهن ڪي وزير- صدر عهدن تان لٿا ٿي، تڏهن اهي سرڪاري قالين ۽ ٻيو قيمتي سامان بہ چورائي گهر ڪٽي ويندا هئا تہ سندن پوٽن اولاد لئہ ڪري. هتي جناح جي سياست ۽ ان جي آندل دادلن جيڪا پينگ ڪئي، اها وسارڻ جهڙي نہ آهي. اڄ بہ انهن جا نعرا هٿو تہ پوءِ اوهان جا ٻئي جهان وِيا.

*

ٿي هئي. هندستان جي آزادي کان پوءِ هن کي هندستان جي وڏي آبادي واري صوبي اتر پرديش جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو.

هتي ذڪر آهي تہ سروجني حيدرآباد دکن جي هئي، دکن هندستان ۾ هڪ رياست هئي. ان جي حڪمران کي نظام دکن سڏبو هو. مسلمان هو، جناح جي لباڙن ۾ اچي ويو هو، ان ڪري هن اعلان ڪيو تہ آئون پنهنجي رياست پاڪستان سان ٿو ملايان، دکن هندستان جي مرڪز ۾ آهي، وڏي آبادي بہ هندو هئي. ان ڪري هندستاني فوج هڪدم چڙهائي ڪري نظام کي قيد ڪيو ۽ قصو پورو ٿي ويو. نظام هندستان جي جنرل چوڌري جي اڳيان پيش پيو. چون ٿا تہ اها خبر جڏهن سروجني نائڊو کي سندس ملٽري سيڪريٽري ٻڌائي تہ دکن پيش پيو آهي تڏهن غصي ۾ ڪرسي تان هيٺ لهي ويهي رهي ۽ چوڻ لڳي تہ افسوس آهي جو منهنجو ملڪ پيش پيو آهي. سروجني هندستان جي صوبي جي گورنر هئي، ان کي ائين ڪرڻو نہ هو، آئين جي خلاف ورزي هئي. سروجني جي هيٺ ويهڻ واري خبر جڏهن وزير اعظم هند جواهر لال نهرو کي ٻڌائي وئي تڏهن نهرو هڪدم چيو تہ "ڪا ڳالهہ ناهي، سروجني اسان سيني کان وڏو انسان آهي". افسوس اهو آهي تہ سروجني جهڙيون خاتون اسان جي ورثي ۾ ڪو نہ آيون. اسان کي رعنا لياقت علي، بيگم خليق زمان، سروري عرفان الله جهڙيون ڪوراڙون رنون نصيب ۾ لڳيون، جن جو نالو وٺندي الٽي ٿي اچي.

# جناب ناڳجي ۽ شيوڏان ڪولهي ننگر پارڪر سنڌ وارا

عالي جناب ناڳجي ۽ عالي جناب شيوڏان ڪولهي ٻئي ڀائر آهن. هي ترپارڪر ضلعي جي تعلقي ننگر پارڪر جا رهاڪو آهن. هنن جو ڳوٺ ڪچ جي رڻ جي ڪنڌي تي آهي. هن وقت اهي قرباني جا هيرا حياتي آهن يا نه؟ سا خبر نه آهي. جنهن زماني ۾ فيلڊ مارشل ايوب جو راڄ هو. تڏهن ننگر پارڪر وڃڻ ٿيو هو. شايد سال ١٩٦٠ع هجي. ننگر پارڪر شهر ۾ ٻه چار ڏينهن رهڻ جو موقعو مليو، سواري ٻه قبضي ۾ هئي. هڪڙو ڪي ٿو براند وڏيرو ٻه گڏ هو. شهر جي اسڪول جي هيڊ ماستر سان ٻه ملاقات ٿي. مون استاد صاحب کان پڇيو ته هتي ڪي شاعر، اديب، سگهڙ يا ڪي اهڙا قومي ڪارڪن پراڻي وقت جا انگريزن جي دؤر جا آهن؟ استاد صاحب فرمايو ته هتان ڪجهه پنڌ پري ڪچ جي رڻ جي ڪنڌي تي هڪڙو ڪولهين جو ڳوٺ آهي، اتي ٻه ڪولهي سڳا ڀائر آهن. جيڪي گانڌي سان گڏ جيل ۾ هئا، انهن سان ملو ته آئون ڳڏجي هلندس. مون استاد صاحب کي عرض ڪيو ته دير نه ڪريو هينئر هلو، ڪي ٿو براند وڏيري ڪجهه نخرو ڪيو پر نيٺ تيار ٿيو. هاڻ جيپ کي ١٠٠ واري ڪانٽي تي ڪچ جي رڻ جي پر ونيو تنا وڃون. ماستر صاحب واقف ڪار هو واٽ پلجڻ جو سوال ئي ڪو نه هو. وڃي سڌا ڪولهين جي ڳوٺ پهتاسين. پٽيل جي اوطاق جي اڳيان جيپ بيهاري سون، پٽيل پاڻ موجود هو. هٿ ٻڌي مليو. وينا سون ماستر صاحب کي پٽيل سڃاڻندو هو، تنهن ڪري ماستر صاحب کان پٽيل خبرون پڇيون. ماستر صاحب چيو ته هي دوست آهن پارڪر گهمڻ آيا آهن. منهنجي نالي چيائين ته هن همراهه مونکان پڇيو ته هتي پارڪر ۾ اهڙا ڪي ماڻهو هجن جيڪي انگريزن جي دؤر ۾ سياسي ڪارڪن رهيا هجن؟ مون ڪيس چيو ته هتي ٻه ڪولهي ڀائر آهن. جيڪي گانڌي سان گڏ جيل ۾

ماني کو نہ کائيندس. ماستر صاحب بہ چيو تہ آئون بہ ماني کو نہ کائيندس.

بابُ هي ويچارا اشراف ڪولهي اچي پريشان ٿيا. جڏهن تہ هن ڳوٺ ۾ کو بہ مسلمان ڪونهي، نہ تہ اسين انهن کان ماني پچرائي وٺون ها. خير پوءِ ناچيز هٽ ڏوئي وڃي ماني تي ويٺو، ماني کائي ۽ اڌ چوٿري کير جي بہ پيتم. پوءِ انهن کان موڪلائي ننگر پارڪر روانا ٿياسين. واٽ تي ڪي ٿو برانڊ وڏيري ۽ ماستر صاحب سان جيڪ بڪ جي ڪاري واري هئي سا بيان نٿي ڪري سگهجي. افسوس آهي تہ هتي ڪي ڪاهوڙي پيا سڏائين ڪي چند ڏسن واري ڪميٽين تي ويٺا آهن، سارنگيون پيا وڄائين. اهڙن موتي جهڙن ماڻهن تائين ڪو نہ پهتا. صرف گڏهہ جي ڦرن جا ڪارناما بيان ڪندا ۽ لکندا رهيا. هي آزادي انهن اڌ اگهاڙن جو صدقو اهي. ٽري پيس سوٽ پائڻ وارن، مالا بار هل بمبئي، ڏهہ اورنگزيب روڊ دهلي ۾ رهن وارن جو صدقو نہ آهي، موڳا نہ ٿيو جي ايڏا ڪمزور آهيو جو زبان سان سچائي جو اقرار ڪري نٿا سگهو تہ ڪم از ڪم دل ۾ تہ ڪريو.

سيٺ کي چيائين تہ توهان وڏو ظالم آهيو، هيترا مسڪين تو جيل ۾ بند ڪرايا هئا. مسڪينن کان معافي وٺ ۽ هيترو ڏنڊ ڀري ڏي. سيٺ سڀ شرط قبول ڪيا. ڏنڊ ڀري ڏنائين ۽ مڪرانين جي پيرن تي ڪري معافي ورتائين. هينئر آهي ڪو سنڌ ۾ اهڙو مير، پير، مخدوم، رئيس جيڪو غريبن جي پرگهور ڪري پر اهي حرامخور پاڻ مسڪينن جا لاڪپ پرابو وينا آهن. انهن جا ڪير ڳڻ لکي. ڪاريون ڏانگيون انهن جي ٻوٿ تي ملجن.

امر رهي گر ڏنو مل. سال ۱۹۴۴ع ڌاري جهان ڇڏي ويو.

کو سيد سڏائيندو هو. ان جي گهران شادي ڪري ويهي رهيو، ڪياني صاحب کي سخت ڪاوڙ لڳي، جو ڪيس آرام نہ اچي. رات جو ڪيس خواب ۾ بشارت ملي تہ ڪراچي وارو پنگي، بہ هتي واري پنگي جو عزيز ٿيو آهي، پوءِ ڪياني جو غصو ڍرو ٿيو. جيئي ڪياني مومن.

# ڊاڪٽر عبدالحئي خان بلوچ

پڑهندڙ حضرات کي ڪجهہ قدر ڊاڪٽر صاحب جي بہ واقفيت ڪرائجي. ڊاڪٽر عبدالحئي خان ڪراچي واري ڊاؤ ميڊيڪل ڪاليج جو ايم بي بي ايس ڊاڪٽر آهي، مرحوم يحيٰ خان جيڪا اليڪشن ڪرائي هئي، تنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب قلات جي شهزادي دائود خان جو قومي اسيمبلي ۾ مقابلو ڪيو هو، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب ڪامياب ٿيو ۽ شهزادي جون پڳڙيون ٿي ويون. ان وقت جي اسيمبلي ۾ ننڍي ڄمار وارو ميمبر صرف ڊاڪٽر صاحب هو. چون ٿا تہ ان وقت جو وزير اعظم مرحوم ڀٽو ڊاڪٽر عبدالحئي خان کي وڏا پاڪر پائيندو هو ۽ کيس چوندو هو تہ تون منهنجي پارٽي ۾ شامل ٿي تہ توکي وزير بنائيندس. ڀٽو صاحب شايد سمجهندو هو تہ هي بلوچ نوجوان کدر پوش آهي، پيرن ۾ پيش جي چپل پايو وتي، سو لالچ ۾ اچي ويندو پر ڊاڪٽر صاحب ڪنهن بہ لالچ ۾ ڪو نہ آيو. ثابت قدم رهيو. ڪوئٽا ۾ سرياب روڊ تي هڪ ڪلينڪ آهي سا ڊاڪٽر صاحب جي آهي، اتي هڪ دفعي ڊاڪٽر لاءِ وڃي پڇا ڪئي وئي، اتي بيا بہ نوجوان ڊاڪٽر هئا، انهن چيو تہ ڊاڪٽر حئي صاحب کي بهراڙي جا ماڻهو علاج لاءِ وٺي ويندا آهن. پوءِ مهينن جا مهينا ڪو نہ ايندا آهن، مسڪينن جو علاج ڪندو رهندو آهي. پڇا تي معلوم ٿيو تہ ڊاڪٽر حئي صاحب ساڳيو کدرپوش اهي، پيرن ۾ ساڳي پيش جي چپل پايو وتي، مست قلندر آهي. منهنجي دعا آهي تہ ڊاڪٽر عبدالحئي خان وڏي حياتي ماڻي. بلوچستان جي مسڪين جيالن ۽ حريت پسندن جو سائين بانهن ٻيلي ٿي رهي. اسان سنڌ وارن کي بہ ڊاڪٽر حئي صاحب جهڙو فقير تن ملي. هنن پلاٽ علي شاهہ جهڙن ٽيٽائي ليڊرن مان جند آجي ٿئي.

ياٺو پلاٽ علي شاهہ مردہ آباد
جيالو جوان ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ زندہ آباد

... ڪنهاڙو، مانهن جي خدمت ۾ بيٺو هوندو هو. ان همراهه جيو ... هو ته چوڪرو پر هن کي حيا شرم ۽ خدمت جو مارو هو. رب کيس جواني بخشي. اها جڏهن جام جي سخاوتن جي خبر مون کي پئي، تڏهن آئون حيران رهجي ويس. جڏهن مون ڏٺو ته هوٽل کان ٻاهر جام صادق علي، پير جي پيرن تي هٿ رکيا تڏهن آئون حيران ٿي ويس! هيڏو سخي مرد، جيڪو جلاوطن، وطن کان هزارين ميل پري به پيو سخاوتون ڪندو هو، غريبن جي پرگهور ڪندو هو، سو پنن واري پير کي ڇو پيرين پيو؟ پير جي ڪهڙي به خانداني هجي پير جو ڏنڊو پني ڪائن آهي. ان پير ۾ حيا شرم هجي ها ته خود جام صادق علي جا پير چمي ها. ڇون ته اهو پير پنو به ڪيترا دفعا لندن ويو هو. اتي جام صادق علي جا ديگڙا چنيندو هو. افسوس اهو آهي جو جام صادق علي شايد پان کي نه سڃاتو اهي ته هو خود ڇا آهي.

ڌر مانهن سان ٽڪر کاڌو اٿم ۽ انشاءالله انهن اصولن تي قائم رهبو، سون جهڙا ڪئين انسان هن ڌرتيءَ تي آيا، ويا ۽ ويندا. پر اصول، چڱايون ۽ گڻ هميشہ زنده رهندا. اهو ٻڌي ڪامريڊ روچي رام ڪان بہ ڌڪ ٿيو ۽ ڪل بہ آئي تہ اوهان کي شهادت نصيب ٿي ڪانهي ۽ گولي ڪو بہ اثر ڪو نہ ڪيو، بوري ٻئي هٿ مٿي تي ڏيو وينو هوندو تہ گولي حرام تي وئي. ڏٺا نہ ڏيو هيڏانهن اچڻ لاءِ بلڪل تياري ڪري روانا ٿيو.

مرشد لطيف سائين چيو آهي تہ

**"سڌ سٽين پرين جو، واڪي جي نہ ورن**
**ڪچاڙي ڪن، ڪوڙي دعويٰ دوستن جي"**

اميد تہ سڄي خاندان سان سرسبز آباد هوندا

هن پرديسيءَ جون سيني کي دعائون ۽ نياز، سرڪار مير محمد خان "نياز" کي يا علي مدد چوندا

پرديسي اوهان جو نيازمند

## جام صادق علي

ڪامريڊ مير محمد ٽالپر ڏي مرحوم جام صادق علي سابق وزير عليٰ سنڌ جو جلاوطني جي ڏينهن ۾ لنڊن مان لکيل خط جو عڪس مرحوم اندر جي ڳالهہ ڪري ويو

# جناب شير محمد خان عالماڻي مرحوم سيڪريٽري آبپاشي سنڌ

منهنجي مرحوم شير محمد خان سان چار پنج دفعا ملاقات ٿيل آهي. پنهنجي وقت جو وڏو ماهر ڄاڻو انجنيئر هو. سندس جيڪو ڪيس لکي ڏنل آهي سنڌ جي پاڻي جي متعلق، اهو هڪ تاريخي ڪارنامون آهي. پر عمل ان تي ڪو نہ ٿيو آهي.

مون کي هڪ ٻہ رات مرحوم شير محمد خان وٽ رهڻ جو بہ موقعو مليو آهي. مرحوم رڳو ڪورو ڪامورو ڪو نہ هو، هو جهانديد انسان هو. هن کي برصغير جي تاريخ جي وڏي ڄاڻ هئي. ڪيترن ئي ليڊرن کي هن تمام ويجهو ڏٺو هو. هن جي ڪچهري منهنجي معلومات ۾ وڏو اضافو ڪيو. سنڌ ۾ ڪيترا انجنيئر مادول ماپڻ جون ڪانيون ڪڇيو وتن. پر ڪين ڪيوسڪ جي بہ خبر نہ آهي. رڳو ٺيندر هضم. شير محمد خان تمام سنو ڪجهہ لکي بہ ڇڏي ويو آهي. الله ڪنهن کي همت ڏي تہ سمورو ڇپائي وجهي. ڳوٺ مون کي پڙهڻ لاءِ ڏنوهوس. هڪ سني تاريخ آهي. مرحوم عالماڻي صاحب جيڪي ڪجهہ لکيو آهي. اهو پڙهڻ سان پردا کليو وڃن. ڇو ـ ڪيتريون ڳالهيون پردن جي پويان لڪل آهن. پر ظاهر ڪير ڪري! رب هن کي همت ڏني.

جيڪي ڪجهہ منهنجي ذهن ۾ يادگيرون آهن، سي قلم ۾ بند ڪجن ٿيون. مرحوم شير محمد خان فرمايو، سنڌ جي مسلمانن جو عقيدو آهي تہ الله سائين هر شيءِ تي قادر آهي. پر پنجابي جا عقيدا عجيب آهن. پنجابين جو شاعر اقبال سيالڪوٽي هو. جنهن جو هڪ شعر آهي تہ

خودي کو کر بلند اتنا
کہ هر تقدير سي پهلي
خدا بندي سي خود پوڇهي
بتا تيري رضا کيا هي

ون يونٽ جي زماني ۾ سرگوڌا ۾ چيف انجنيئر هوس. هڪ ڏينهن هڪ ايم اين اي نالي سيف الله تارڙ مون وٽ آيو. ڪنهن ڪم سان، هن ڳالهين ڪندي مون کي چيو ته اوهان جو واسطو صوبہ سنڌ سان آهي. اوهان سنڌ وارا اسان پنجابين جي بہ ابري نٿا ڪري سگهو. اسين پنهنجي ڪم لاءِ غيرت بہ وڪڻيو ڇڏيون.

اسان جا ننڍا ايم اين اي جيڪي پنجابين لاءِ مريو ٿا وڃن، انهن کي پنجابين وارو نسخو آزمائڻ گهرجي، ڇو تہ وڏي پاءُ جي سنت آهي.

مرحوم عالماڻي هندستان جو بہ چڱو سير سفر ڪيو هو. تنهن ڪري هن کي هندستان جي رياستن جي راجائن ۽ نوابن جي چڱي ڄاڻ هئي. هن مرحوم لکيو آهي تہ پٽيالا رياست جي راجا وٽ هڪ قيمتي هار هو. جنهن ۾ اٽڪل هڪ هزار قيمتي هيرا هئا. ان زماني ۾ بہ ان جي قيمت ڪروڙن ۾ هئي. اهو پائي تخت تي ويهندو هو. راجا جي عمر تمام وڏي هئي. سندس رياست ۾ چرچو عام ٿي ويو تہ هاڻ راجا پوڙهو آهي. سندس جواني جي طاقت هاڻ ختم ٿي چڪي آهي. اها خبر بہ راجا کي پئجي وئي. هن وڏن حڪيمن ۽ ويدن جا طاقت جا ڪشتا وٺي کاڌا هڪ ڏينهن پنهنجن وزيرن کي چيائين تہ عام دربار جو اعلان ڪريو،جيئن دربار ۾ گهڻا ماڻهو اچن، دربار ۾ ماڻهو جام اچي مڙيا ۽ راجا جو انتظار ڪرڻ لڳا. اوچتو مهاراجا بهادر صفا الف ننگو اچي نڪتو ۽ پنهنجو فيلڊ مارشل تيار ڪري ماڻهن جي اڳيان پريڊ ڪندو هليو ويو. هن اهو ڪم ان لاءِ ڪيو تہ منهنجي رعيت ڏسي تہ راجا صاحب اڃان جوان مرد آهي.

هن برصغير ۾ پهرين موٽر ڪار بہ مهاراجاپٽيالا گهرائي هئي سال ١٨٩٢ع ۾، جيڪا فرانس مان آئي هئي.

حيدرآباد دکن جي نواب کي نظام دکن سڏبو هو. اهو تمام ڪنجوس مکي چوس هو. سندس رياست ۾ ڪو ماڻهو نئين موٽر ڪار خريد ڪندو هو تہ ان ڏي نظام دکن نياپو ڪندو هو تہ اها ڪار مون کي نذراني ۾ ڏني وڃي. اهڙي طرح

ڏسو، جڏهن نر هاٿي مادي هاٿڻ تي پوندو هو تڏهن ماٿهو مهاراجا کي جئي جا نعرا هڻندا هئا.

بنارس رياست جي راجا جي عجيب حالت هئي! هو سخت قسم جو ڪٽر هوندو هو، صبح جو ننڊ مان تڏهن اٿندو هو، جڏهن ڪنهن ڳئون جي رنڀڻ جو آواز ٻڌندو هو، تنهن ڪري محلات ۾ هن جي سمهڻ واري ڪمري جي پر ۾ رات جو ڳئون ٻڌبي هئي. هڪ دفعو بنارس جو راجا رامپور جي نواب جي دعوت تي ويل هو. نواب رامپور محلات ۾ مٿين منزل تي راجا جي رهڻ ۽ سمهڻ جو بندوبست ڪيو هو، نواب رامپور کي مدراس جي راجا جي ماٿهو ٻڌايو هو ته راجا صاحب بنارس صبح جو جيسين ڳئون جي رنڀ جو آواز نه ٻڌندو تيسين اٿندو ڪو نه، ستو پيو هوندو، رات جو نواب صاحب چيو ته ڪا ڳئون ڪاهي اچو، جيڪا محلات جي مٿئين منزل تي چاڙهيو، ڳئون آندي وئي پر ڳئون چڙهي ڪين! پوءِ هڪ ڪرين گهرائي وئي، ڳئون کي ڏکي ڪرين ۾ ويهاريو ويو، ڳئون اهڙيون دانهون ڪيون جو مهاراجا بنارس ته جاڳيو پر سڄو رامپور جو شهر جاڳي پيو.

عالمائي مرحوم فرمائي ٿو ته هندستان جي مغل بادشاهه اورنگزيب جنهن کي اسلام جو وڏو علمبردار چيو ويو ۽ لکيو ويو، ان جا تاريخي ڪارناما هي هئا.

پنهنجي پيرسن پيءُ شاهجهان بادشاهه کي انڌو ڪرائي ڇڏيائين ۽ قيد ۾ رکيائين، وڏي ڳالهه ته وقت جي مجذوب مرد قلندر حضرت سرمد عليه رحمت کي شهيد ڪرائي ڇڏيائين، جنهن جي مزار دهلي جي شاهي مسجد وٽ آهي.

عالمائي صاحب لکي ٿو ته جڏهن اسين ڪراچي ۾ تعليم پرائي رهياهئاسون، ان وقت اردو ٻولي ڪان ڪير به واقف ڪو نه هو، ڪنهن کي به ڳالهائڻ ڪانه ايندي هئي، ڪراچي جي مشهور نيپئر روڊ جي سهاڳڻين جي بازار ۾ اردو ڳالهائي ويندي هئي. هاڻ ڏسو ته اها ٻولي ڪهڙي پاڙي جي هئي ۽ جناح اها چٽي قومي ٻولي ڪرائي مڙهي ڇڏي.

لياقت علي هتي جيڪو ڪردار ادا ڪيو، ان تي به سني روشني آهي. سنڌ صوبي کي مهاجرستان جو صوبو بنائڻ لاءِ هندستان مان ماڻهو جام گهرائي انهن کي هڪدم سنڌ ۾ آباد ڪرايائين. لياقت علي غنڊن جا جٿا تيار ڪرائي. سنڌ ۾ رهيل هندن تي قاتلاڻه حملا ڪرايا، جيئن هو ڀڄي وڃن ته انهن جون زرعي زمينون ۽ جائدادون انهن غنڊن کي ملن. جناح کي چئي اردو کي سرڪاري ٻولي قرار ڏياريائين ۽ ملڪ جي اصل ماڻهن جي دلشڪني ڪيائين. ان وقت پاڪستان جي پنجن ئي صوبن ۾ پنهنجي ٻولي هئي، اردو جو نالو نشان ڪو نه هو. لياقت علي صوبن جو ن حڪومتون توڙي اتي پنهنجي پسند جا ماڻهو رکيا. لياقت علي جي حڪم تي گهرن، دڪانن ۽ بنگلن مان سڀ سنڌي تڙي ڪڍيا ويا.

لياقت علي سامراجين ۽ آمريڪا جو دلال بنيو. هن سڀني پاڙيسري ملڪن سان ڦٽايو. انهن کي اجايو دشمن بنايائين، جهڙوڪ ڀارت، روس ۽ افغانستان. لياقت علي صوبي کي صوبي سان ويڙهائي صوبائي تعصب جو بنياد وڌو هو لياقت علي بازاري ماڻهو هو. اسلام جو صرف نالو وٺندو هو. سندس رن اجا جيئري آهي. رعنا ان وقت بدمعاش رنن جون مينا بازارون لڳائيندي هئي، اتي هر قسم جون خرابيون ٿينديون هيون. لياقت علي جلسن ۾ مڪا ڏيکاري پنهنجي غير مهذب هئڻ جو ثبوت ڏنو. مهاجرن کي ملڪ جي اصلي باشندن تي فوقيت ڏئي، ملڪ جي تباهي جو ٻج پوکيو.

بزرگن چيو آهي ته مذهبي حڪومت صرف اٽلي جي شهر ويٽنڪن ۾ آهي، جتي عيسائي مذهب وارو پوپ رهي ٿو، ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ مذهبي حڪومت نه آهي، سعودي حڪومت لاءِ به اجايو خيال آهي ته اها به ڪا مذهبي اسلامي حڪومت آهي. هر گز نه- انهن حاڪمن جو بابو شاهه سعود به زوري اچي حجاز مقدس تي قابض ٿيو. اندازن هڪ سو ڪان به وڌيڪ زالن سان شادي ڪري خوب عيش سان زندگي گذاريائين. اسين ڪهڙي

اسلامي نظام ڏانهن وجون، شيعن وارو يا سنين وارو يا ديو بنديـن ۽ رائـونـڊ وارو . شيعـا حضرات چـون ٿـا تـہ حضرت مـولا عـلي عليہ السلام کان پوءِ اسلامي نظام ختم ٿي ويو ، سني حضرات بہ ان جي تصديق ڪن ٿا علي ڪانپوءِ پينگ ٿي وئي.

هاڻ اسان پاڪستان جا شيدائي ١۴ سئو ورهيـن جو ختم ٿيل نظام ڪيئن هلائينداسون، سوچڻ جو مقام آهي رڳـو ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وڌي پئي وڃي، باقي خير آهي.

افسوس جو مقام آهي تہ هينئر شير محمد جهڙو ماڻهو نہ آهي نہ تہ وڏو ڪم ڏئي ها. خدا وند ڪيس پنهنجي رحمت ۾ جاءِ ڏئي.

مولوي خير محمد خابر صغير جي سياست ۾ بہ حصو ورتو، سندس طبيعت البت جلالي هوندي هئي، جمعيت العلماء ۾ بہ هئا پر اتي مولوين سان ڪو نہ نهيا، خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيا ۽ ان ۾ خوب جوش سان حصو ورتائون. سڄي برصغير ۾ هليا. سندس تحريڪ ۾ خوب ڌاڪ هئي. تحريڪ جو باني مرحوم علامہ عنايت الله خان المشرقي بہ کين باادب سلام ڪري ملندو هو.

مولوي خير محمد خان جن اهل قلم بہ هئا. سنڌي نثر لکڻ ۾ مولوي خير محمد خان جو درجو اول هو. مولوي صاحب جن سنڌ جي وقت جي معروف اخبارن جا ايڊيٽر بہ رهيا جن ۾ الوحيد، ڪاروان، قرباني، مهراڻ ۽ ٻيون بہ هيون، جيڪي ياد نہ آهن، مولوي صاحب مرحوم قلم ڪٽي ڪنهن جي پويان پئجي ويندا هئا تہ پوءِ رب جي پناهہ، مولوي صاحب مرحوم جڏهن حيدرآباد مان ڪاروان اخبار ڪڍندا هئا، ان وقت سائين جي ايم سيد صاحب سان سندس ڪي اختلاف ٿيا، جيڪي ديني توڙي سياسي هئا. مولوي صاحب سيد صاحب جي خلاف،روزانہ اخبار ۾ ڪالم بہ شايع ڪرڻ شروع ڪيو. مون کي ياد آهي تہ چوئيتاليهہ کن قسطون مولوي صاحب لکيون، شاهہ صاحب جون چوڙيون ڍريون ٿي پيون. سائين مسڪين کي رني ڪوٽ ياد اچي ويو، سو هن کان ڳچي ۾ ڪپڙو پائي، اچي حيدرآباد ۾ مولوي صاحب کان معافي ورتائين. سائين جيئرو آهي خبرون پڇي ڏسوس.

مهراڻ اخبار هن وقت پير صاحب پاڳاري جي آهي. هن کي گهڻو ڪري ڪهاڙا لکڻ وارا ايڊيٽر نہ مليا آهن. ان ڪري اڄ پين جي ٻيٽ ۾ اخبار گهٽ ٿي هلي. جماعت سڳوري لاءِ محدود آهي. انهن لاءِ تہ لازمي آهي تہ اخبار خريد ڪرڻ، شروع جي ڳالهہ آهي جيڪا مرحوم پير علي محمد راشدي مون کي ٻڌائي هئي. راشدي مرحوم ٻڌايو تہ مون کي پير صاحب پاڳاري گهرائي چيو تہ، چاچا، مهراڻ اخبار لاءِ ايڊيٽر کپي، جيڪو في الحال باهہ ڏئي ڇڏي. مون ٻڌو آهي مولوي خير محمد خان نظاماڻي اهڙو آهي

صاحب مسڪين نوي سال جي عمر ۾ تيري عمر هي سولاسال شال ڪسي ڪي نظر نہ لگي. ان چمار واري دوشيزه سان شادي ڪئي. پوءِ مولوي صاحب ويچارو ٻن پڙن جي وچ ۾ اچي ويو. اکين جي بينائي بہ موڪلائي وئي. پڇاڙي ۾ سندس رهائش بدين شهر ۾ وچي ٿي. مولوي صاحب جن جو وڏو احترام، مرحوم مير علي احمد خان بہ ڪندو هو، چو تہ ٻئي موحد بہ هئا ۽ خاڪسار تحريڪ ۾ بہ گڏ هئا. آخري وقت ۾ مير صاحب مرحوم جي ميچالي بہ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ پاڻ جنرل ضياءَ جا وزير دفاع بنيا، پوءِ جيڪا ضياءَ مجلس شورا ناهي هئي، ان ۾ مولوي صاحب مرحوم کي ڦاسائي ضياءَ جو شورا ناهيو ويو هو. اجايو مير صاحب، غريب مولوي جي عاقبت بوڙي، پاڻ تہ پنهنجي عاقب بوڙي اچي ضياءَ جي بيڙيءَ ۾ سوار ٿيا. ترت مولوي صاحب جن بہ هن جهان مان پيالو پي ضياءَ جي شورا کان جند ڇڏائي. سندس وصيت مطابق ڪيس عالي جناب مولانا احمد ملاح رح جي پير ۾ دفن ڪيو ويو. اها جاءَ وڏيڪ چوڪاري واري هوندي. جتي احمد ملاح آرام هجي. خير غلطيون انسانن کان ٿينديون آهن. مولوي خير محمد خان نظامائي جو پنهنجو مقام هو. خير محمد ڪير سڏائي. اڄوڪا نڙڪو ايڊيٽر بہ سڄاڻو! ڪنهن وزير، مير، پير جي خلاف بہ اکر لکيو، پوءِ انهن جي دروازن تي، شراب جي ڍڪ ۽ بوڙ جي پليٽ تي پيا آهن.

انهن اڄوڪن ايڊيٽرن کان تہ گھٽهار چڱا آهن.

مولوي صاحب خير محمد خان نظامائي مان ڪيترن فيض حاصل ڪيو ۽ اهي بہ چڱا لکڻ وارا ٿيا. اڃا رئيس عيسيٰ خان نظامائي حياتي آهن، جي هينئر ٽندي سومري ۾ رهن ٿا، اهي بہ قرباني ۽ ٻين اخبارن جا ايڊيٽر رهيا. طبيعت ۾ سدا عاشق آهن.

ٿيو. ان وقت مير پور خاص جا سڀئي سگهارا پٽي مرحوم جا سگهارا ڪيل هئا. جيلاني پير ۽ ٻيا مير ۽ وڏيرا تن کي خبر پئي ته پٽو ميرپورخاص ٿو اچي. تنهن ڪري سوچيائون ته جهنگ منهن ڪجي نه ته ايوب تنگرائي ڇڏيندو. پوءِ ڪي وڃي ٽاٽي بولا خان جي ميٺ جي جبل ۾ لڪا، ڪن وڃي ناري جو جهنگ وسايو. ڪامورن جو شهر جي معززين تي ڏنڊو پئي ڦريو ته خبردار جي پٽي کي ٽا پاڻ وٽ رهايو. ڪامورن کي شڪ هو ته جي پٽو ايندو ۽ ساڻس گڏ مير رسول بخش به ايندو ته پوءِ شايد ڪامريڊ غلام محمد لغ ري وٽ نه وڃي رهن، تنهن ڪري راتو رات ڪامريڊ لغاري کي گرفتار ڪري حيدرآباد جي جيل حوالي ڪري ويا.

حيدرآباد کان ان رات مير صاحب جو ماڻهو ڪامريڊ لغاري جي جاءِ سچائي منزل تي نياپو کڻي آيو هو ته صبح جو مسٽر پٽو ۽ آئون ميرپورخاص اوهان وٽ ايندا سين. هاڻ ان همراه جا به نهڪڙ نري ويا ته هاڻ ڇا ڪجي؟ ان همراه جي مسٽر روچيرام سان آشنائي هئي، سو هڪدم وڃي روچيرام جي گهر نڪتو. ساڻس حال احوال ڪيائين. روچيرام ڪيس چيو ته مونکي خبر آهي ته پٽي صاحب جا جيڪي نوازيل هئا، انهن کي رڳو ڪامورن جا فون ويا ته ميرپور ڇڏي وڃو. خبردار! جي پٽي کي ٽا پاڻ وٽ رهايو ته پوءِ خبر پئجي ويندي. ڪامريڊ لغاري به ان ڪري ٻڌجي ويو، هاڻ فڪر نه ڪر روچيرام جو گهر حاضر آهي. آئون پاڻ موجود آهيان، رڳو مير صاحب ۽ مسٽر پٽو ٽا اچن، پر پلي سؤ ڄڻا به اچن پرواهه نه آهي. واهه واڻيا جن ٻڏا ٻيڙا تاريا هئا، انهن جو اولاد پڙ ڇڏي ويو.

مسٽر روچيرام کي گهڻي پائڻ وارن مان هڪ رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي ماتلي وارو مصنف ”ڪئي ڪتاب“ به هو. نظاماڻي صاحب روچيرام جو نالو رچرام رکيو هو.

حضرت شيخ السنڌ مولانا عبدالحق رباني مرحوم نصرپور وارن جو به روچيرام سان پيار هو، ٻي هڪ شخصيت هئي جو مسڪين هاري هو. مولانا عوامي جن جو نالو يعقوب هاليپوٽو

هو سو بہ روچيرام کي پيار ڪندو هو. مسٽر روچيرام جن هينئر خوش خورم آهن. اولاد ڪيس نيڪ مليو آهي. سندس وڏو پٽ نيلو ڊاڪٽر آهي، اسلام آباد ۾ نوڪري پيو ڪري، شايد ٻيو پٽ نالي ڪيشو وڪيل آهي، پٽس جو ٻانهن ٻيلي آهي، ڳچي ۾ ڪاري اڳڙي ٻڌيو وينو آهي، مطلب تہ روچيرام باغ بهار ماٺهو آهي، نہ تہ منيءَ جي وائڻي ۽ ڏيپلي جي ميمڻ ڪان ملائڪن بہ پناهہ گهري آهي.

مسڪين هارين جي ڪمن لاءِ پوءِ محمد يوسف لغاري مرحوم ڪامريڊ غلام محمد لغاري جو پاڻيجو بہ وڪيل ٿي ميرپورخاص ۾ آيو. اول روچيرام سان گڏ هو، هينئر ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ سندس وڪالت جي آفيس ڌار اهي، تمام اعليٰ وڪيل آهي. اخبارن ۾ ايندو آهي تہ سنڌ ۾ جيڪي قومي ڪارڪن سرڪار ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائيندي آهي انهن جو مفت ۾ وڪيل ٿيندو آهي. ڪجهہ سال اڳ هن ڄام ساقي جي ڪيس جي اعليٰ پيروي ڪئي هئي.

❋

# مرحوم مير دوست علي خان
# ٽالپر ٽنڊو ڄام وارو

مير دوست علي خان ٽالپر جي اسڪول واري زندگي بہ باغيانہ هئي، ڇوڪراٽي ڄمار ۾ اسڪول کي ڇڏي وڃي سياست ۾ شامل ٿيو ۽ آل انڊيا ڪانگريس جو ميمبر ٿيو. مون هو انمول هيرو ڪو نہ ڏٺو هو، عزيزن کان ڳالهيون ٻڌل آهن. ٿرپارڪر ضلعي ۾ پير پٿوري ۾ ڪانگريس جو وڏو جلسو رکيل هو. مرحوم دوست علي خان ان جلسي جو انتظام ڪرڻ وارو هو. جلسي ۾ وڏا وڏا ڪانگريسي ليڊر غلام محمد خان ڀرڳڙي، شيخ عبدالمجيد سنڌي آيل هئا. مرحوم دوست علي خان ان جلسي ۾ تمام باغيانہ تقرير ڪئي ۽ گرفتار ٿيو. شيخ عبدالمجيد سنڌي بہ گرفتار ٿيو. انهن ٻنهي کي بمبئي جي ويجهو يرودا جيل ۾ رکيو ويو، ان جيل ۾ گانڌي ۽ ٻيا بہ ڪانگريسي اڳواڻ بند هئا.

شيخ عبدالمجيد سنڌي مرحوم هڪ دفعو، ان وقت جو قصو ٻڌايو تہ يرودا جيل ۾ جنهن وارڊ ۾ اسين رهندا هئا سين، ان ۾ انبن جا وڻ بہ هئا ۽ انبڙيون پڻ هونديون هيون ۽ اسان کي شوق هوندو هو تہ ڪو انبڙيون پٽي ڏي اسين کٽي کائون. اسان سيني ۾ مير دوست علي عمر جو ننڍو ڇوڪرو هوندو هو، اسان سيني کيس چيو تہ تون اسان کي انبڙيون پٽي ڏي تہ چٽي ناهيون ۽ هو روز اسان کي انبڙيون پٽي ڏيندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن بدمعاش جيلر کيس ڏٺو ۽ دوست علي خان کي دڙڪا ڏنا، اها خبر گانڌيءَ کي پئي، تنهن اسان سيني کي گهرائي چيو تہ اوهان هن ٻار کان انبڙيون پٽائي چٽيون کٽي تا کائو ۽ هي جيلر جا دڙڪا ٿو کائي! مير دوست علي خان پنهنجي گهر کان سوين ميل پري، ٣ سال يرودا جيل ۾ گذاريا، کيس جيل ۾ سلهہ جو موذي مرض ٿي پيو، ڄمار ننڍي هئس. ان وقت سلهہ جو مرض لاعلاج هو، ان ڪري بيماري هن کي ڳاري ڇڏيو. جڏهن جيل مان ٽنڊو ڄام گهر آيو، تڏهن صرف هڏن جو پڃرو وڃي رهيو هو. پوءِ اٽڪل هڪ سال جي

اندر جهان ڇڏي ويو. ڪيس سندس ڪانگريسي دوست مير مولوي محمد صالح مرحوم مير پور واري غسل ڏنو هو. نوجوان دوست علي خان وڏو انگريز دشمن هو. ولائت جي ڪا به شي ڪا نه واپرائي. سدائين ڪاڏي جا ڪپڙا پائيندو هو ۽ پنهنجي ڪفن لاءِ به ڪاڏيءَ جو ڪپڙو رکيو ويٺو هو، چوندو هو ته مون کي ولايتي ڪپڙي جو ڪفن نه ڪپي، ڪيس تندبو جام ۾ سندس والد بزرگوار الحاج مير باغ علي خان جي مزار جي پر ۾ دفن ڪيو ويو. وفات جو سال ١٩٢٧ع آهي. تڏهن سندس عمر ٢٣ سال هئي. مرحوم مير دوست علي خان، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جو سڳو چاچو هو. اهل سنڌ وارن کي اهڙن آزادي جي متوالن کي نه وسارڻ گهرجي. جن ڏڦر جوانيءَ ۾ دور دراز علائقن جا جيل ڪاٽا ۽ موذي مرض پرائي گهر پهتا. هن ڪتاب ۾ ميرل فقير شر جو ذڪر آهي، اهو مرحوم مير دوست علي خان جو پڳ مٽ يار هو. مرحوم دوست علي خان ميرل فقير وٽ مهينن جا مهينا وڃي رهندو هو. ڪنيري جو مرحوم ميان جان محمد ولهاري به مير دوست علي خان جو يار هو. اتي جي ميان هدايت الله مرحوم سان به سندس دل هئي، اتي به سدائين ويندو هو.

# جناب برڪت علي آزاد سنڌ وارو

برڪت علي آزاد صاحب جن اصل اهل قلم آهن، ڪيترين اخبارون رسالا ٻه هنن ڪڍيا. ڪنهن وقت وٽس چڱي موچاري پريس به هئي. ڪانگريس ۽ ٻين تحريڪن ۾ برڪت علي آزاد جون جيل ياترائون به آهن. درباري صحافي ڪو نه ٿيو، ان ڪري وقت سندس پورو ساٿ ڪو نه ڏنو. هينئر به شايد سندس اهو حال آهي جو ڪيسو خالي. سندس پرگهور لهڻ وارو ڪو به اهڙو ادارو نه آهي. هينئر عوامي دؤر جو ڍنڍورو پيو اچي. ريڊين ۽ ٽيليويزن تي ڏمالون پيا وجائين، جيڪي اڳ ضياءَ جا طبلا وڄائيندا هئا، وقت جي حاڪمن ڪي گهرجي ته برڪت علي آزاد ۽ علي احمد بروهي جهڙا ۽ بهادر اهل علم آڻي ٽيليوزن تي ويهارين. اهي انهن نون ستارن، لغڙ بازن، سائيڪل بازن جا پور بند ڪري ڇڏين، ڏڪار ڪو نهي رڳو حاڪمن ڪي عقل ڪونهي.

بي هڪ ڳالهہ ٻڌائيندا هئا تہ آئون ڪنهن زماني ۾ ننڍي محمد خان ويو هوس، تڏهن سواريءَ جو وسيلو ريل هئي، جڏهن ريل مان لهي ٻاهر آيس تہ سواريءَ وارا ٽانگا بہ بيٺا هئا. هڪڙو ڪو سفيد پوش زميندار بہ گاڏيءَ مان لٿو هو. اتي چار پنج ٽانگي وارا ڦري بيٺا هئا تہ رئيس منهنجي ٽانگي ۾ سوار ٿئي، انهن ٽانگي وارن ۾ هڪ شيدي بہ هو، جيڪو آفيم جو موالي بہ هو، سو ان سفيد پوش کي سڃاڻندو هو، تنهن نڪا ڪئي هم نہ ڪا ٿم وڃي ٻانهن کان رئيس کي ڇڪي چيائين تہ ٻختاور! اوهان سدائين منهنجي ٽانگي جي سواريءَ ڪندا آهيو، هيڏانهن هلو، پوءِ سيني ٽانگن وارن اچي رئيس جون ٻانهون ڇڪيون، رئيس جي قميص ريڙون ٿي وئي، باقي ڪالر وڃي ڪنڌ ۾ بچيو. تڏهن شيدي موالي ٽانگي واري رئيس مان هٿ ڪڍيا ۽ چيائين تہ خان صاحب هاڻ اوهان جي مرضي جنهن بہ ٽانگي ۾ سواريءَ ڪريو.

مطلب تہ استاد جمن مرحوم هڪ انجمن هو. سندس نوجوان پٽ جيڪو بئنڪ ۾ نوڪري ڪندو هو، گردن جي بيماري ۾ مبتلا ٿي پيو هو، ان کي علاج لاءِ ٻاهر بہ موڪليو هئس، سو ويچارو سندس حياتي ۾ جهان ڇڏي ويو هو. پوءِ ويچارو جمن ويڳاڻو ٿي پيو. جلد جهان ڇڏي ويو. شايد سال ١٩٨٧ع آهي.

# استو ساجن مرحوم حجام- حيدرآباد وارو

آئون مرحوم استي ساجن حجام کي انگريز جي صاحبيءَ کان سڃاڻان، هن مرحوم جي حيدرآباد شهر ۾ گاڏي کاتي م سئلون ۽ حمام هو. پاڻ خود بہ سنوارت جو وڏو بادشاهہ ڪاريگر هو، هن وٽ وڏا هوشيار هجام ڪاريگر ڪم ڪندا هئا، انهن ۾ خاص ڪري مرحوم سومر ۽ مرحوم پورو جيڪو ڏاڍو خوبصورت جوان هو جيڪو جواني ۾ فوت ٿي ويو. ان وقت سندس دڪان تي ٻيو نوجوان ڪاريگر بچل نالي هو. هي ڏاڍو سلڇڻو ۽ با اخلاق نوجوان هو. استي ساجن جي جهان ڇڏڻ کان پوءِ بچل پنهنجو سئلون ڏاروچيکوليو، اتي سندس سنو ڪاروبار هلندڙ هہ مونکي جڏهن ضياءَ جي دؤر ۾ گولي لڳي هئي، تڏهن آئون جيترو وقت حيدرآباد اسپتال ۾ زير علاج هئس، مون وٽ روزانو ايندو هو ۽ منهنجي سنوارت ناهيندو هو، مالشون بہ ڪندو هو، زور بہ ڏيندو هو، بنا ڪنهن اجوري جي. صرف دلي محبت ڪري. هاڻ بچل اولادي آهي. اڄ بہ جڏهن حيدراباد ۾ ملندو آهي تہ هڪدم قدم بوسي ڪندو آهي، پنهنجي دڪان تي وٺي ويندو آهي. ڪوڙ خدمتون ڪندو آهي، رب کيس خوش رکي.

ڳالهہ استي ساجن جي-

استو ساجن مرحوم وڏو دل جو درياءُ ۽ مهمان نواز هوندو هو، وٽس دڪان تي ائين ديڳڙي چڙهي پئي هوندي. ڪڏهن ڪڪڙ پيا رجهن، ڪڏهن تتر پيا رجهن، ڪڏهن ڍنڍ جا پکي، نيرگيون، ڊگوشون ۽ تلورون پيون رجهن، مطلب تہ چوويهہ ڪلاڪ سگري پئي ٻرندي هئي.

مرحوم پنگ واري ڌاڳل جو شوقين هو، ڏندو ڪوندو ائين پيو هلندو هو. ائين ڪو نہ هوندو هو تہ رڳو ساجن پاڻ چيني پنگ جي گهوٽي اڪيلو پي ڇڏيندو هو. هر ڳڻ نہ- راڄ اچي گڏ ٿيندا هئا. سندس دڪان جي ڀنيان هڪ ڪوٺڙي هئي. ان جي

حيدربخش جتوئي جو ڪندو هو. چوندو هو تہ بابا هي ننهن ڪان چوٽي تائين سچا سون آهن. جنهن ڪي قائد اعظم چون ٿا ... جو جيڪر ڪو نالو وٺندو هو تہ هڪدم موچڙي م هٿ وجهي ... هن سخت نفرت هوندي هئس. افسوس آهي تہ مرحوم پڙهيل ڪو نہ هو.

استو ساجن مرحوم حيدرآباد جي حجامن جي جماعت جو جنرل سيڪريٽري هو، صدر استاد مور ججام مرحوم هو. استاد مور حجام سنڌ جو نامور حجام هو. پاڪستان ٺهڻ وقت سنڌ جو پهريون گورنر سر غلام حسين هو. ان جو تہ خاص حجام هو. ان جون ڪافي ڳالهيون ٻڌائيندو هو. آخر ۾ استي ساجن مرحوم کي جگر ۾ تڪليف ٿي. ترت انتقال ڪري ويو. مرحوم تہ جيئرو قلندر هو.

سدائين مار رهندي آئي آهي. وڏيرا گهڻو ڪري سڀ سرڪاري ۽ صوبيدارن کي ويهي زور ڏيڻ وا ا. ايوبي دؤر ۾ رستن ۽ واهن تي بيلو ڪاٽو قائم ٿيو هو. اتي بہ بيلي وارا ڪامورا ويهي ويا هئا. چوپائي مال کي پاڻي پيارڻ جي بہ اجازت ڪا نہ هئي. زوري بيلي ڪاٽي وارا ماڻهن جو مال ڪاهيندا هئا ۽ سنا چيلا زوري جيپن ۾ وجهي ڪٺي ويندا هئا. فقير محمد رمضان اتي بيلي ڪاٽي خلاف خوب تحريڪ هلائي، نيٺ اها مصيبت بہ لهي وئي. ان ناري جي علائقي ۾ وڏيون ڍنڍيون ٿينديون آهن، جن ۾ مڇي آهي. مقامي مير بحر اها مڇي ڦاسائي وڪڻي گذر سفر ڪندا آهن. ايوب جي صاحبي ۾ انهن ڍنڍن تي وري پوليس وهاري وئي. ان ڪري مسڪين مير بحر بکون ڪاٽڻ لڳا، آخر انهن بہ جدوجهد ڪئي. مير بحرن ۾ هڪ ڦوٽو نالي مير بحر هو، ان هزارين مير بحر گڏ ڪيا ۽ فقير صاحب انهن جي اڳواڻي ڪئي. ڪپري ۾ رٽائرڊ ايئر چيف نور خان گورنر جو گهيراءُ ڪيائون، اها مصيبت بہ ختم ٿي، مير بحرن ساهہ پٽيو. ايوب جي ڏينهن ۾ بي ڊي اليڪشنون ٿيون هيون. فقير محمد رمضان ان ۾ بہ حصو ورتو. پاڻ سندس ساڀي يونين ڪائونسل جو چيئرمين ٿيو. جڏهن ايوب جي صدارتي اليڪشن ٿي، جنهن ۾ مائي فاطمہ جناح ايوب جي مقابلي ۾ هئي. ان وقت عام ماڻهو جو ووٽ ڪو نہ هو. ووٽر صرف بي ڊي جا ميمبر هئا. فقير صاحب جمي ايوب جي مخالفت ڪئي. سڄي سنڌ ۾ ايوب جي خلاف ڪم ڪيائين. مائي فاطمہ جناح سندس تمام عزت ڪندي هئي. وري جڏهن مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي ايوب جي خلاف تحريڪ شروع ڪئي، تڏهن بہ فقير صاحب سيني تي هٿ هڻي ميدان تي آيو. سڄي سنڌ ۾ هن خوب ڪم ڪيو. مرحوم ڀٽو بہ کيس داد ڏيندو هو تہ فقير صاحب وڏي صبر وارو انسان آهي. ڪيڏي بہ تڪليف ۾ هجي پر هوندو هشاش بشاش. سائين کيس وڏي حياتي عطا ڪري. چو تہ همت وارن جو ذڪار پوندو وڃي، ڀاڙين جي واڌ ٿيندي وڃي. فقير محمد رمضان ۾ سياسي سمجهہ غريبن سان همدردي پيدا ڪرڻ وارو جذبو سندس ماسات عبدالواحد

مگريي پيدا ڪيو، جيڪو جوانيءَ ۾ فوت ٿي ويو. اهو وڏو قومپرست هو. وڏيرن ۽ مسلم ليگين جو دشمن هو، اهڙا ماڻهو ٻه وري الائجي ڪڏهن اچن.

نوٽ: فقير محمد رمضان فيبروري سال ١٩٩٠ع ۾ ڪراچيءَ ۾ دل جي دوري سبب فوت ٿي ويو. کيس سندس ڳوٺ صاڀيءَ ۾ سندس قبرستان ۾ سندس والد فقير ابراهيم جي پير ۾ دفن ڪيو ويو.

کي چوندو هو تہ علم پرايو نہ تہ انڌا رهجي ويندا، بلند اخلاق ڌاريو. جيئن ماڻهو اوهان کي پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏين، مظلوم ۽ بيکسن لاءِ جدوجهد ڪريو.

مرحوم مولوي صاحب پنهنجي هارين جي اولاد کي پڙهايو، جن مان هڪ پروفيسر مسٽر سچڻ چنو سنڌ يونيورسٽي ۾ آهي، ٻيو هڪ پروفيسر الله بخش چنو زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ آهي، ٻيا بہ آهن. مرحوم مولوي محمد حسن خان ٽالپر پنهنجي هڪ نياڻيءَ کي پڙهائي ڊاڪٽر بڻايو، جنهن لاهور جي فاطمه جناح ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس جي ڊگري حاصل ڪئي، محترم جو نالو بيبي سونا ٽالپر آهي.

ڪافي سالن کان سعودي عرب ۾ ڊاڪٽر آهي، هينئر جدي ۾ آهي. انهي پلاري پار ڏي ڪو بہ سنڌ واسي وڃي ٿو تہ ان جي سٺي پرگهور ڪندي آهي.

مولوي صاحب کي آخر ۾ هڪ پٽ ٻچيو هو، تنهن کي بہ ننڍي عمر ۾ فالج ٿي پيو هو، ان ڪري ڪمزور رهيو ۽ پوري تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو، پنج سال کن ٿيندا تہ نوابشاهہ کان حيدرآباد لطيف آباد ۾ پنهنجو بنگلو خريد ڪري اچي رهيو، جيئن اولاد پڙهي سگهي. تازو ۲۹ سيپٽمبر سال ۸۹ ۾ ڪن دهشتگردن رات جو هن جي گهر تي حملو ڪري ڪيس سندس گهر واري ۽ هڪ چوڪر (گهر ۾ ڪم ڪرڻ وارو) کي ماري ويا. بيگناهہ مارجي ويا، نہ ڪو داد نہ ڪو فرياد.

مرحوم مولوي محمد حسن خان ٦٠ سالن جي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو. ديهہ نصرت ۾ اباڻي قبرستان ۾ مدفون آهي. هينئر اهڙن مولوين جي اشد ضرورت آهي. هينئر وارن کي تہ زهر ڪچلو ڏيڻ کپي. انهن تہ مخلوق ۾ زهر پري ڇڏيو آهي.

# حاجي محمود مرحوم هالائي - ايڊيٽر اخبار همدرد ميرپور خاص

حاجي محمود هالائي صاحب اصل نون هالن جا هئا، ذات جا ميمڻ هئا، پوءِ ڳوٺ ڇڏي اچي ميرپورخاص ۾ رهيا، اتان هفتيوار اخبار "همدرد" جاري ڪيائون. جنهن ۾ تر ضلعي جي مسڪين ماڻهن لاءِ تمام گهڻو ڪجهه لکندو رهيو ۽ اخبار ضلعي جي اندر تمام مقبول ٿي هئي.

حاجي محمود چون ٿا ته هالن شهر جي چڱن مڙسن جي سور ڪان شهر ڇڏي آيو هو. وڏي ڳالهه هئي ته حاجي محمود خوشامدي ڪو نه هو. عقيدي جي لحاظ کان هو موحد هو. صرف الله پاڪ ۽ نبي سڳوري کي مڃڻ وارو هالن جو شهر جيڪو پيرن جو ڳڙهه آهي، جتي به ادائي درجن ته جيترا پير آهن، جيڪي پنهنجي عبادت وينا ڪرائين. مونکي خاطري آهي ته ويچاري حاجي محمود انهن پيرن ۽ پيرزادن جي عذاب کان هجرت ڪئي هئي. منهنجي حاجي صاحب سان چڱي نياز مندي هئي: سندس وفات بعد ڪيس، مسلم ليگي ڪري لکيو ويو هو. خدا واحد شاهد آهي مرحوم وڏو ڪانگريسي، خلافتي ۽ خاڪسار به هو. پوءِ اسان سان هارين جي جلسن ۾ هلندو هو، سني تقرير به ڪندو هو، هتي عام طور رواج آهي ته جيڪو چڱو انسان مري ٿو ته ان کي به مسلم ليگي ليکيو ڇڏين، حاجي محمود مرحوم حقيقت ۾ انگريز دشمن هو. هن هڪ دفعو به جيل ياترا نه ڪئي هئي.

مرحوم خوش طبع به هو هڪ دفعي هن پنهنجي اخبار ۾ هڪ ناري جي وڏيري جي مرڻ جي خبر شايع ڪئي هئي. ان ۾ لکيل هو ته مرحوم وڏو سخي، مهمان نواز هو، سندس دروازي تان ڪو به خالي نه ويو، مون مرحوم حاجي محمود کي چيو ته يار اهو وڏيرو ته وڏو ڪنجوس ۽ حرام خور وڏيرو هو، اوهان ان کي سخي ڪري ڇو لکيو؟ مرحوم کلي مون کي چيو ته يار! مونکي

ٻہ خبر آهي تہ برابر وڏيرو گڏهہ جو ڦر هو پر سندس پٽ مونکي هزار روپيا ڏئي ويو هو تہ ابي لاءِ سنو لکجو، پوءِ مون حاجي صاحب کي چيو تہ توهان سنو ڪيو جو مردود مان هزار روپيا ڪڍيا.

مرحوم جي پريس ۾ اخبار اچا ٻہ ميرپور خاص ۾ آهي. سندس پٽ پيا هلائين. هينئر ٿرپارڪر ضلعي ۾ وڏو خال ٿي پيو آهي. حاجي محمود جهان ڇڏي ويو آهي، هاڻ ٿرين مسڪينن لاءِ ڪير لکي. الله مرحوم تي رحمت ڪري.

○

# جناب حاجي محمد ابراهيم مومن
# ڪنري شهر ڪي وسائڻ وارو

مرحوم حاجي محمد ابراهيم ذات جو خاصخيلي هو، هاريءَ جو پٽ هو. مُلن جي مڪتب مان سنڌي، فارسي ۽ قرآن پاڪ جي تعليم ورتل هئس. عقيدي جي خيال کان وهابي هو. پينو پيرن سان هن جي ڪا نہ پوندي هئي. پنهنجي پورهئي سان هن زمين ٽڪر بہ ناهيو، ڪيس اولاد ڪو نہ هو. هاري طبقي جو وڏو همدرد هو. ان ڪري هاري ڪميٽي سان سنڌس واسطو ٿي ويو. مير پور خاص ۾ هاري آفيس ۾ سنڌس اچ وڃ ٿي. ان وقت هاري آفيس ۾ ڪامريڊ غلام محمد لغاري مرحوم ۽ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر رهندا هئا. انهن جي صحبت ۾ حاجي ابراهيم وڌيڪ مضبوط ٿيو. هارين جي جلسن ۾ بہ شريڪ ٿيندو هو. تقرير بہ سٺي ڪندو هو. سنڌس آواز سنهڙو هو، ان وقت ڪنري جو شهر ننڍڙو ڳوٺ هو، پوءِ حاجي ابراهيم ڪنري ۾ رهيو ۽ هارين جي آفيس بہ قائم ڪيائين.

جڏهن شهري ڪميٽين جو وجود آيو تڏهن پاڻ بہ ڪنري جي شهري ڪميٽي جو ميمبر چونڊيو ۽ يڪراءِ شهر جو چيئرمين بہ چونڊيو. پوءِ ڪنري جا ڀاڳ کلي ويا. حاجي ابراهيم ڪنري جهڙي ڳوٺ کي ڪراچي جهڙو شهر بنايو. شهر ۾ اسڪول، اسپتالون، مسافر خانا، پاڻي جا تلاءَ ٺهرايائين. حاجي ابراهيم مومن ڪنري شهر ۾ مرچن جي وڏي مارڪيٽ قائم ڪئي، اڄ ڪنري جي مرچن جي مارڪيٽ دنيا ۾ مشهور آهي. حاجي صاحب جي همدردي سان عيسائي مشينري وارن بہ ڪنري ۾ وڏي اسپتال قائم ڪئي، اتي اڄ بہ پري جا مريض ايندا آهن، اڪين جا خاص ڊاڪٽر آهن.

پٺي مرحوم جڏهن عوامي نعرو هڻي پيپلز پارٽي ٺاهي هئي تڏهن ڪنري ۾ بہ دوري تي آيو هو. تہ جا وڏيرا ۽ وڏا

غائب هئا. ڪو هڪ اڌ هو. انهن چيو تہ هن جي دماغ جي رڳ ڦاٽي پئي آهي، ويچاري هڪ ٻجي ڏاري دم ڏنو. اسان ڪان جيجي هميشہ لاءِ موڪلائي وئي. هاڻ الائجي ڳاڙهو جهنڊو ڪير چاڙهيندو گهر تي؟!.

وڏي جدوجهد شروع ڪئي. ان دور ۾ هن مرحوم، اسيمبلي اندر خوب آواز اٿاريو، سندس واهه واهه ٿي وئي. لساني تنظيم وارن هن کي مارڻ جو منصوبو ٺاهيو هو. حيدرآباد لطيف آباد ۾ به هن جو رهائشي بنگلو هو. ان تي هڪ رات انهن لساني تنظيم جي غنڊن سَوَن جي تعداد ۾ هٿياربند ٿي حملو ڪيو، الاهي بخش ٻانڀڻ مرحوم پاڻ ڪو نه هو، پويان سندس گارڊ هئا، انهن هنن پاڻ ڦورن جا ڏچا ڪڍي ڇڏيا.

انهي ٿوري عرصي ۾ مرحوم الاهي بخش، دل جي دوري ڪري جهان ڇڏي ويو. اڄ اسان کي اهڙن دلير وڏيرن جي به ضرورت آهي، منهنجي دعا آهي ته رب ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏي ۽ سندس وڏي فرزند ظفر ٻانڀڻ کي وڏي حياتي ڏي ۽ ڪيس پنهنجي لائق پيءُ جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا ڪري.

مائنہ کي سمہہ ڪراتي جڏهن ... سندس خادم هئا. هڪ
حو ... محمد ء بني جو نالو احمد ... سي باڙ هئا تن فقير تي
سر ... ڪيو
تاريخ شهادت ١٠ محرم ڏينهن جمع هئي. ٧ جون سال ١٩٣٠ع
اهي.

حر جي هٿان فقير کي شهادت نصيب ٿي انهن جا
بہ حال بڌو سندس ... روشن ... چون ٿا ته پوء صفا الف اچي
چادر اوڍيو کٽ تي ڪيترا سال سمهو رهيو. سندس جوان پٽ ڳالهائڻ
کان ويهي رهيو. ... سال سڪرات ۾ پيو هو. ٻيهه
جي پاندي ۾ زڙٻون ... هو ... ڪيس پاڻي جو ڍڪ ڪو نه
ملندو هو. غلام رسول شاهه پوء خيرپور هليو ويو هو. ان وقت حرن
جي شورش شروع ٿي هئي. غلام رسول شاهه جمڙاٽو منڊ تي
سرڪاري بنگلي ۾ پوليس جي ڏڍ تحت سان اچي لٿو حرن جي
مقابلي لاء. خدا جي قدرت ٻهرين رات حرن حملو ڪري ڪيس
ڪاتيء سان ڪٽهي سندس مردانه عضوو سندن وات ۾ وجهي
هڪڙي ڪڏي ۾ هڪ هڙ ... جذب ... ڪيترا پوليس وارا
مري ويا ڪيترا پڪڙجي ويا.

... تي ... حرن ... نڪ لعنتون.
ناظرين کي خبر هجي ته شهيد قلندر بخش بمبئي اسيمبلي جو ميمبر
به چونڊيو هو.

تي مسلمان آهين، وڏو گوشت کائڻ وارو. آئون ويشنو آهيان. پٺاڻ چيو تہ مون کي بہ ڏاڍي ضرورت هئي، نيٺ ڪجھہ وڏيڪ رقم ڏيئي ساڻس معاملو صحيح ٿي ويو. پٺاڻ چيو تہ جڏهن مون مدرسو هلايو، تڏهن خيال ٿيو تہ سندس منهن مان پيار ونجي. پٺاڻ چيو تہ رن پوتي ساڻ صفا منهن ويڙهي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳي تہ خان صاحب منهنجو ڌرم تہ نہ وڃاءِ. پٺاڻ ڪيس چيو تہ هيٺ اسلام جو ڏونڪو پيو وڃي ۽ تون ٿي چوين تہ منهنجو ڌرم ٿو وڃي! اهڙا نہ پٺاڻ هجن. جيڪي هينئر اسلام جي تبليغ ڪن ۽ جمع جي نماز جلال آباد، عيد نماز ڪابل ۾ ڪن.

❖

قادر خان نظاماڻي هو. ڪجهه وقت ٽيو ته سال ١٩٨٥ع ڌاري ڪراچي ۾ ڪيس سندس فليٽ ۾ مئل ڏٺو ويو. دل ڪي خاطري اچي ٿي ته مارڻ وارو ضرور بنياد پرست هو. مزي جي ڳالهه آهي ته حڪومت به ضياءَ جي هئي، جيڪو وڏو بنياد پرست هو. ڪامريڊ نظاماڻي هتان ضرور پري ٿمي، پر سندس يادون ڪو نه ٿيون وسرن، هينئر تازو نومبر ١٩٨٩ع سال جي پڇاڙي ۾ ڪامريڊ قادر بخش نظاماڻي هتي سنڌ آيل هئا. افسوس جو روبرو ملاقات ڪو نه ٿي سگهي، باقي ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ٿي هئي. سندس آواز ساڳيو پئي لڳو. تازو لنڊن ۾ فوت ٿي ويو، تاريخ ٩٦-٩-٢٧ ڪراچي ميوا شاهه قبرستان ۾ دفن آهي.

# مير محمد خان مرحوم عرف مير آچن ميرپور خاص وارو

مرحوم مير محمد خان عرف مير آچن ميرپور خاص جي ٽالپر خاندان جي حاڪم مير شير محمد خان جو جانشين هو. ان ڪري هو پوليٽيڪل پينشر بہ هو. پاڻ پنجن ڀائرن ۾ وڏو هو. سندس والد محترم جڏهن فوت ٿيو تہ مير آچن ڪانسواءِ ٻيا سڀ ڀائر ننڍا هئا. سموري ڪاروبار جو بار هن جي ڪلهن تي اچي ويو.

پاڻ مرحوم پوري تعليم بہ ڪو نہ پرائي سگهيو. ننڍن ڀائرن کي راجائن واري ڪاليج مائونٽ ابو جيڪو راجستان ۾ آهي، ان ۾ داخل ڪري آيو. ٻن وڏن کي ڪراچي ۾پڙهڻ لاءِ داخل ڪيائين. سيني کي پڙهائي گريجوئيٽ ڪرائي ڇڏيائين، پوءِ سموري زمينداري بہ انهن جي حوالي ڪري ڇڏيائين، ڪيس جيڪو ڀائر ڏيندا هئا ان تي راضي رهندو هو.

مرحوم مير صاحب سدا بهار انسان هو، سدائين پيو مرڪندو هو، ملڪ جي سياست ۾ حصو ورتائين، اسيمبلي جو بہ ميمبر بڻيو، شاهي خاندان جو هوندي بہ مسڪينن جو يار هو. ضلع ۾ جن سان بہ هن جي واسطيداري هئي انهن کي ڏوري ڏسندو هو. دوستن کي ڪڏهن بہ ڪو نہ وساريندو هو. وٽس غريبن جي هر وقت دربار هوندي هئي. سياسي طرح اشراف هو، ڪيترن کي ڪيترا فائدا وٺي ڏنائين پر مرحوم پاڻ ڪڏهن بہ سياسي فائدو ڪو نہ ورتو. اها گواهي هر ڪو ڏيندو، ماڻهن جي بنا امتياز جي خدمت ڪندو هو. پوءِ اهو کهڙي بہ جماعت جو هجي. کهڙي بہ پير جو مريد هجي، مسڪينن جا ڪم ڪامورن کان خوب وٺندو هو. گهٽو ڪري ڪامورو هن کي جواب ڪو نہ ڏيندو هو.

سياسي طرح ايڏو بهادر هو جو جڏهن ايوب سان صدارتي مقابلو فاطمہ جناح ڪيو، تڏهن مير صاحب ڏونڪي جي

چوٽ تي مائي فاطمه جناح جو ورڪ ڪيو، سنڌس ساماري واري تعلقي مان مائي فاطمہ جناح ڪافي ووٽن تي ايوب ڪان ڪٽيو هو. ڪيس سرڪاري دڙڪا بہ ڏنا ويا پر هن اڻ موٽ مير پرواهہ نہ ڪئي.

سال ٧١ع واري دؤر ۾ مرحوم مير محمد خان سينيٽر بہ ٿيو هو، پوءِ ترت ضياءُ جو مارشل لا لڳو هو. ضياءَ ڪيس گرفتار ڪرائي ڪراچي جيل ۾ بند ڪرايو.

مرحوم مير صاحب پبلڪ اسڪول ميرپورخاص لاءِ چاليهہ ايڪڙ زرعي زمين بہ ڏني، جنهن تي اسڪول قائم آهي، هڪ هاسٽل تي سنڌس نالو بہ لکيل آهي.

سنڌس حياتي ۾ سنڌس پياري ڀاءُ مير حاجي فتح خان جو موٽر جي حادثي ۾ انتقال ٿي ويو. ان حادثي هن کي وڏو صدمو رسايو. ترت ڪيس جگر جي بيماري ٿي پئي، پاڻ علاج خاطر لنڊن بہ ويو پر علاج ڪامياب نہ ٿيو.

اتي جهان ڇڏي ويو. ميرپورخاض ۾ جڏهن سنڌس لاش پهتو تہ ماڻهن ۾ ڪهرام هو. خدا جي قدرت سان ماڻهن سان گڏ آسمان بہ رنو، تمام گهڻو مينهن پيو. سنڌس جنازي نماز حضرت مولانا عبدالحق رباني نصرپور واري پڙهائي، ڪيس سنڌس اباڻي قبرستان چٽوڙي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو، آديسي اتي ويا مڙهيون مون مارين.

مير آچن مرحوم کي بہ فرزند آهن، وڏو پاڳارو مير غلام علي خان آهي. جنهن تي هينئر ماڻڪاڻين ٽالپرن جي پڳ آهي. ٻيو نمبر مير محمد علي خان آهي جيڪو ڊاڪٽر آهي، ڪيس بہ ٻائيجا آهن. جن ۾ وڏو مير غلام شاهہ خان آهي. ٽنڊي الهيار جو زميندار آهي. سموري دنيا جو بہ چار دفعا سير ڪيل اٿس، پڙهيل آهي ۽ انجنيئر آهي. ٻيو مير منصور خان آهي، جيڪو بہ بي ڪام پاس ڪيل آهي، زميندار ي ڪاروبار جو ماهر آهي، قومپرستي جو جذبو اٿس، من هن ذرتي کي ڪم ڏي. مير صاحب آچن مرحوم جا ٻائر سياست کان ڪنارو ڪيل آهن، سواءِ هڪ جي ٻيا شاهوڪار ٻيا بڌجن. چون ٿا رات جو چيڪ بڪن جو دؤر ڪن

ٿا. جيئن مسلمان قرآن پڙهي. اٿو بہ توري ڪائين، جي ڪين ڪو تتر ملي تہ اهو بہ تي وقت ڪريو ڪائين. وٺن پلجي مهمان بہ ڪو نہ اچي. ڪٿي بہ ڪم ڪار هوندو اٿن تہ پنهنجي مرحوم پاءُ مير آچن جو حوالو ڏئي ڪم ڪڍندا آهن. پنهنجي اجا پوک ڪا نہ پوکي اٿن، پرائي پوکي پيا ڪائين، ڏٺي ڪا سمجهہ ڏين.

ڪرياسون. ٻي ڳالهہ ميرل فقير ٻڌائي تہ بابا لواري ۾ حج جو اعلان ٿيو، تڏهن بہ آئون ٻين رضاڪارن سان گڏ لواري ويو هوس. اسين رضا ڪار لواري واري پير جي قبي جي چوڌاري گهيرو ڪري ويهي ويا سون ۽ هر ايندڙ مسلمان کي شرمايو سين ٿي تہ ٻيلي مسلمان ڏاهو ٿي، حج هتي ڪونهي، الله جو حج مڪي ۾ ٿيندو آهي. هي ٺڳي جو ناهہ آهي. لواري جا پير ان زماني ۾ ڪروڙ پتي هوندا هئا. سرڪار هميشہ ڪروڙپتي جي طرفداري ڪندي آهي، پير جي فون تي پوليس جون لاريون پرجي آيون، ميرل فقير چيو تہ ٻچا پوليس ماڪڙ وانگر اسان جي مٿان چڙهي وئي. اسان کي ڏاڍا ڏنڊا هڻي لارين ۾ ويهاريائون، حيدرآباد ڏي وٺيو پيا اچن، ماتلي ۽ ٽنڊو محمد خان جي وچ ۾ گاڏيون بيهي ويون. ڪاري رات هئي. پوليس جي هڪڙي آفيسر اسان کي چيو تہ سيئي هيٺ لهو نارا ڇوڙ ڪريو. ميرل فقير چيو تہ اسين سڀ هيٺ لٿا سين. پوليس وارا گاڏيون ڪاهي هليا ويا ۽ اسان وري لواري جو رخ ڪيو، وڃي اتي پهتاسين ۽ ڪوڙن حاجين جو گهيرو جاري رکيو سين، رات جو وري اچي پوليس رسي، اسان کي لارين ۾ ويهاري اچي حيدرآباد جي نارا جيل ۾ بند ڪيائون. انهن مجاهدن جي مڙسي ڪري اهو ڪوڙو حج هميشہ لاءِ بند ٿي ويو. هاڻ ڪجهہ سال ٿيا تہ لواري جو پير بہ گذاري ويو. ڪيس اولاد ڪو نہ هو. هاڻ سندس خزاني ۾ گاديءَ تي ڏاڙهي پٽ شروع ٿي آهي. مطلب تہ لواري جي گادي وارو نانئو رلي ويو. مرحوم ميرل فقير عقيدي کان اهل قرآن هو. هن جي پيرن سان ڪا نہ پوندي هئي. رستي تي ويندي ڪو پير ڏسندو هو تڏهن فقير چوندو هو تہ هي ڏاڙيل وڃي پيو. هي ڏينهن جو ڏاڙا هڻڻ وارو آهي، ٻيا ڏاڙيل رات جو ڏاڙا هڻن ٿا. هو هڪڙي الله جو پوڄاري هو. ميرل فقير مولوي احمد ملاح عليم عليہ رحمت، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، مهاتما گانڌي، مولانا محمد علي، مولانا آزاد انهن سڀني جو بيحد عقيدتمند هو. پڇاڙي جي عمر ۾ سنڌ هاري ڪميٽي ۾ ڪم ڪندو رهيو، انهن جي جلسن ۾ شرڪت ڪندو هو. مرحوم ١٩٨٣ع ڌاري ١٠٠ سال جي ڄمار ۾ هن جهان کي ڇڏي ويو.

# حڪيم پير عبدالغفور جان سرهندي مرحوم عمرڪوٽ وارو

مونکي ڪجهه ڏينهن حڪيم سان گڏ رهڻ جو به موقعو مليو آهي. پير عبدالغفور جان نالي ۾ پير ضرور هو پر هو عوام دوست ۽ عظيم انسان. سندس والد جو نالو آغا فريد جان هو. سندس رهائشي ڳوٺ سرهاڙي جي پر ۾ هو. مون پير فريد جان به ڏٺو هو، هاٿيءَ جيڏو مڙس هو، ويلي تي پنجن سيرن وارو ٻڪر يا دنبو کائي ويندو هو. ڏينهن ۾ ڏهن سيرن وارن چاءِ جي ڪٽلي پي ويندو هو. جيڪا هر وقت ان جي اڳيان رکي هوندي هئي.

پير عبدالغفور مرحوم حڪمت، دهلي جي حڪيم اجمل خان جي ڪاليج ۾ پڙهيو هو، پورا پنج سال هن دهلي ۾ گذاريا. دهلي ۾ پير عبدالغفور جون ملاقاتون ڪيترن سياسي ليڊرن سان به ٿيون، ان وقت انقلابي ڪميونسٽ اڳواڻ ايم اين راءِ سان خاص طرح هن جي آسنائي وڌي وئي، رب جو جوڙ پوءِ انهن جي صحبت ۾ پير عبدالغفور پير مان ڦري انسان ٿي پيو ۽ هن ۾ انسانن جي خدمت جو جذبو پيدا ٿيو. پير صاحب دهلي مان سنڌ ۾ اچي ڪراچي ۾ دواخانو کوليو. مزدورن ۾ به ڪم ڪندو هو، پوءِ پير صاحب کي شوق ٿيو ته هارين ۾ ڪم ڪجي، ڇو ته هارين جي حالت وڏيڪ ابتڙ آهي.

پير عبدالغفور مرحوم پوءِ عمرڪوٽ ۾ اچي دواخانو کوليو ۽ هارين ۾ ڪم شروع ڪيائين، عمرڪوٽ طرف هاري ويچارا بيگار ڪئمپن ۾ بند هوندا هئا، پير صاحب خوب ڏاڪ وجائي. وڏيرن ۽ جاگيردارن جا پوز بند ڪري ڇڏيائين. صوبيدار، مختيارڪار، ڊپٽي جيڪي وڏيرن جا رکوالا هئا ۽ هارين تي ظلم ڪندا هئا. انهن جي به هوا نڪري وئي.

ان وقت قاضي فضل الله سنڌ جو وڏو وزير به ٿيو هو، ان پير صاحب کي عمرڪوٽ مان نيڪالي به ڏني هئي. هارين

جي بيداري ۽ جدوجهد جي ڪري هارين پنهنجا حق وڏيرن کان گهرڻ شروع ڪيا. مائي بختاور کي جڏهن ڪٽڪ جي بٺائي تي قادياني زميندار خون ڪري وڌو هو ته پهريائين عمرڪوٽ کان پيرين پنڌ بختاور جي لاش تي پير عبدالغفور سرهندي اچي پهتو هو، چاليهه ميل پنڌ ڪري! پيچاڙي جي وقت پير صاحب پوءِ عمرڪوٽ ڇڏي اچي ميرپور خاص ۾ پنهنجو دواخانو کوليو. هتي به هارين جو ڪم ڪار همت سان ڪندو رهيو.

سندس موت جو واقعو به عجيب ٿيو، پير عبدالغفور مرحوم جا جيڪي به سياسي دوست سڄي ملڪ ۾ هئا تن جي دعوت ڪئي هئائين، مهمانن جي ڪاڌي خوراڪ جو عاليشان مال وٺي رکيو هئائين، خدا جي قدرت رات جو ڪيس اوچتو دل جو دورو ٿيو، پاڻ ان رات موڪلائي ويو. صبح جو سندس دوست سڀ اچي دعوت لاءِ نڪتا، انهن اهو مال به کاڌو ۽ سندس ڪلهي ڪانڌي به ٿيا. سرهندي پيرن جي خاندان مان اهڙو سر ملڻ مشڪل آهي. پير گهڻي ڀاڱي سڀ حرامخور ۽ در در پينو آهن. جيئي پير عبدالغفور

ڪا نہ ڪيائين، جمار گذري وئي نہ تہ اهڙا بہ مون ڏٺا ڊرائنگ ماستر جن کي بليڪ بورڊ تي ڪانگ ناهڻ بہ ڪو نہ ايندو هو. انهن بہ ٻين ڪان پنهنجن نالن جي پينٽنگ نهرائي انعام ۽ تمغہ حاصل ڪيا، ڪم از ڪم آئون نا چيز جناب ع ق شيخ کي مرحوم لکان ۽ سڏيان، مون لاءِ ڏک جي ڳالهہ آهي.

واقعي ڪو اڳيون جهان آهي تہ هن سفر ۾ جناب ع ق شيخ کي وي آءِ پي سهولتون هونديون، جو اسين گيس پيتار ڪرڻ وارا گواهي ٿا ڏيون تہ هي نيڪيءَ جو پتلو پير جي ننهن کان مٿي جي چوٽيءَ تائين سرف کان بہ صاف آهي. اڄ بہ پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ سفيد ڪپڙن ۾ ملبوس نوراني چهري سان ع ق شيخ پنهنجي نازڪ انداز چال سان ڏسڻ ۾ ايندو پر اهي سندس درشن ڪندا جن کي عين جون اکيون هونديون. جناب ع ق شيخ جا ڪيترا چتر مون وٽ بہ هئا، پر انگريزي دور ۾ هر وقت گرفتار ڪري اهو مايہ ناز خزانو ائين هليو ويو. جيئي ع- ق- شيخ

# خليفو فقير محمد رحيم مهر مرحوم
# ايڊيٽر الفقراءَ سانگهڙ وارو

سال ١٩٤٥ع ڌاري ميرپور خاص ۾ بخاري پاڙي ۾ مون هاري آفيس کولي هئي. ان جي سامهون واري جاءِ ۾ خليفو محمد رحيم مهر بہ رهندو هو. مردانہ رعبدار مهاندي وارو، قداور، ڏاڙهي چاپئين، اک وڏيَ ان ۾ وري سرمون، سفيد لباس، اڇو پٽکو، اڇو ڊگهو پهراڻ، اڇي سفيد گوڏ ۽ صدري پائيندو هو. مون وٽ ڪڏهن ڪڏهن ايندو هو، نيٺ اسان جي پاڻ ۾ چڱي ياري ٿي وئي، پوءِ روزانہ ڪچهريون هيون. مرحوم پنهنجي گهران ماني بہ کٺي ايندو هو، گڏجي کائيندا هئاسين. سندس گهرو حياتي جي بہ خبر چار پئي. سندس والد مرحوم جو نالو خليفو محمد مهر هو، ان کي بہ سندس جماعت وارن مسجد جي اندر ماري ڇڏيو هو. ان بعد محمد رحيم کي پڳ ٻڌائي خليفو ڪيو ويو هو.

انگريزن جي دؤر ۾ حرن جي خلاف مارشل لا هٿي فوج ڪني ڪئي وئي هئي، جن ۾ هزارين بيگناھ حر انگريز فوج گولين ۽ بمن سان ماري وڌا هئا ۽ ڪيترن حرن کي لوڙها ٺاهي ان ۾ ٻارن ٻچن سوڌي بند ڪيا ويا هئا. ان وقت خليفو محمد رحيم حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ هو. ان زماني ۾ هندستان ۾ انگريزن جي خلاف بہ زوردار آزادي جي تحريڪ هلي رهي هئي. حيدرآباد جيل اندر اهڙا انگريز دشمن، وڏا ڪانگر سي ليڊر، مولانا محمد صادق کڏي وارو، ڊاڪٽر جيرام داس ۽ ٻيا بہ هئا. انهن سان مرحوم محمد رحيم جون ڪچهريون ٿيون، انهن ياري دوستيءَ هن جو سياسي طرح قلب روشن ڪري وڌو، مرحوم وڏو مولوي يا ڪنهن يونيورسٽي جو پڙهيل نہ هو پر هن ۾ خداداد صلاحيتون هيون. هن چڱن ماڻهن جي ڪتابن جو مطالعو ڪيو، پوءِ هي خليفي هوندي بہ موحد بنجي ويو هو. علمي شوق ڪري ۽ پنهنجي حر جماعت ۾ جهالت ڏسي مرحوم الفقراءَ نالي اخبار ڪڍي، جا تمام

ڏام ڏوم شان هلي. هن مرحوم قلم سان سنڌ جي مسڪينن ماروئڙن ۽ جماعت سڳوري جي ڀلائيء لاءِ لکيو آهي، هن ماٺهو کي ٻه سانگھڙ ۾ ماري ڇڏيو ويو. ڪارڻ ڇا هو، سا خدا کي خبر، ٻي سندس خاندان کي. هن وقت سندس فرزند بخشڻ مهرائوي سنڌ اندر ادبي دنيا ۾ وڏو مقام رکي ٿو، ڏاڍو پيارو جوان آهي. منهنجي ڪيس دعا آهي ته جواني مائي. سندس قلم سان هن سنڌ ڌرتيءَ کي ڪو لاڀ حاصل ٿئي ۽ نئين نسل لاءِ ڪا رهنمائي نڪري.

هوندو هو. هڪ دفعي اهو همراهہ ريل رستي ڪوئيٽا وڃي رهيو هو. ڪالاباغ جي ماڻهن هن کي ريل ۾ ڪهي ڇڏيو. لاش وڃي ڪوئٽا نڪتي. هاڻ جاچ شهيد ابڙي صاحب شروع ڪئي، انهي وڃي سراغ لڌو، پوءِ ڪالي باغ هن کي چيو تہ نون انهي خون جي جاچ بند ڪري، ڪاغذ مون ڏانهن روانا ڪر. ابڙي شهيد انڪار ڪيو، خون جا ڪاغذ گورنر ڪالاباغ کي نہ ڏنائين.

انهي دؤر ۾ شهيد ابڙو پنهنجي سڄي فيملي سوڌو ريل ۾ ڪوئٽا کان جيڪب آباد اچي رهيو هو تہ ان کي ڪالاباغ جا ماڻهو ريل جي گاڏيءِ سندس معصوم ٻچڙن جي اڳيان ڪاتيءَ سان سير وهائي هليا ويا، ابڙو تہ شهيد ٿي ويو پر هو مردود نواب ڪالاباغ تہ پنهنجي نوڪر نوري ۽ پٽ جي هٿان گولين جو شڪار ٿيو. شهيد عنايت علي خان ابڙي تي لکين سلام، ڪالي باغ تي لک لعنتون.

اڄوڪا صوبيدار، ڊي ايس پي ۽ ايس پي بہ ڏسو جيڪي حقيقي سير وجھڻ جهڙا آهن.

# انگريزن سان جن مهاڏو اٽڪايو

۱- شيخ عبدالرحيم حيدرآباد سنڌ / خلافت تحريڪ
۲- ڊاڪٽر شيخ محمد يعقوب حيدرآباد سنڌ / خلافت تحريڪ
۳- ڊاڪٽر نور محمد شيخ حيدرآباد
۴- مير الله بخش خان ٽالپر ايڊيٽر الوحيد جهول ضلع سانگهڙ
۵- مجاهد سيد عيسيٰ شاگرد اسماعيل شهيد / بلوچستان
٦- مير محراب خان ثاني خان آف خلافت / انگريزن سان وڙهندي ۵ نومبر ۱۸۳۹ع ۾ شهادت ماڻي
۷- مير يوسف علي خان مگسي بلوچستان جهل مگسي
۸- ميان معين الدين ڪنيارين وارو ضلع نوابشاهه
۹- سيد اسد الله شاهه ٽکڙائي
۱۰- شيخ عبدالعزيز سکر وارو
۱۱- شيخ عبدالسلام ايڊيٽر الوحيد
۲ - شيخ عبدالحق الحق اخبار وارو - سکر
۱۳- مولوي محمد سليمان ٽرڙي محبت وارو
۱۴- مولوي عبدالڪريم چشتي شڪارپور
۱۵. سردار ولڀ ڀائي پٽيل گجرات ڀارت
۱٦. محترم عبدالله شهبازي ڪيٽي بندر ضلع ٺٽو
۱۷. غازي بجار خان ڊومڪي بلوچستان / هن چارلس نيپئر سان مقابلا ڪيا -۱۸۴۱ع
۱۸. غازي درياءِ خان جکراڻي مرحوم / هن بہ چارلس سان خوب جنگ ڪئي - بلوچستان
۱۹. غازي دودو خان مري مرحوم / هن بہ نيپئر سان جنگ ڪئي. ڪاهان ۱۸۴۱ع بلوچستان
۲۰. غازي لال خان مري بلوچ مرحوم / هن بہ چارلس نيپئر جو مقابلو ڪيو ۱۸۴۱ع ڪاهان بلوچستان
۲۱. غازي درياءِ خان کوسو مرحوم / هن بہ انگريزن جون ڏانون ڪڍيون سال ۱۸۴۱ع
۲۲. غازي دلمراد کوسو مرحوم /۱۸۴۱ع انگريزن سان خوب وڙهيو

٧٦. جناب ڈاکٹر ایمبیڈ کر صاحب سرگواسي / مدراس پارت.
٧٧. ڈاکٹر پنٹ سرگواسي سابق وزیر اعلیٰ / اتر پردیش پارت.
٧٨. ڈاکٹر ضیاء الدین احمد صاحب / لکنؤ پارت.
٧٩. جناب فکر تونسوي صاحب سرگواسي / تونسہ شریف.
٨٠. جناب ڈاکٹر رام منهور لوهیا سرگواسي / پارت.
٨١. جناب اجي گهوش سرگواسي / کلکتو پارت.
٨٢. جناب راهول سانکر تیان سرگواسي / دیرا دون پارت.
٨٣. جناب حسرت موهاني مرحوم / دهلي پارت.
٨۴. حضرت مولانا حفظ الرحمان صاحب مرحوم / پارت.
٨٥. ڈاکٽر حسن محمود صاحب مرحوم پٽنہ / پارت.
٨٦. جناب شیر سنگ گڙ والي سرگواسي کوهہ همالیہ / پارت.
٨٧. جناب سردار گور بخش سنگهہ صاحب ایڊیٽر پریت لڙي پریت ننگر پارت.
٨٨. جناب سردار دیوان سنگهہ مفتون ایڊیٽر ریاست دهلي.
٨٩. جناب خان عبدالغفار خان صاحب مرحوم چارسره صوبہ سرحد پاکستان
٩٠. جناب عبدالصمد خان اچڪزئي مرحوم بلوچستان.
٩١. جناب نواب یوسف علي خان مگسي مرحوم بلوچستان.
٩٢. جناب مولانا عبیدالله سنڌي مرحوم ۴۴- ٨- ٢۴ وفات سنڌ سٖونهاري.
٩٣. جناب حضرت مولانا تاج محمد امروٽي مرحوم امروٽ سنڌ.
٩۴. جناب محمد امین خان کوسو مرحوم جیکب آباد سنڌ.
٩٥. جناب محمد صالح عاجز مرحوم پنوعاقل سنڌ.
٩٦. جناب علاؤ الدین سمون مرحوم اوباوڙو سنڌ.
٩٧- جناب برکت علي آزاد سکر سنڌ.
٩٨. جناب الحاج رئیس علي محمد خان مري مرحوم ٻیراٿي ضلع سانگهڙ.
٩٩. جناب مولوي محمد صالح مرحوم پیش امام جامع مسجد میرپورخاص.
١٠٠. جناب حکیم مولوي محکم الدین صاحب مرحوم جیمس آباد.

١٢٧. مولانا محمد صادق مرحوم کڏي وارو ڪراچي.
١٢٨. ڊاڪٽر لڇمڻداس سرڳواسي سکر.
١٢٩. جناب نبا رام وکيل راءِ پور اصل سکر - هي شهيد مائي بختاور جو وکيل.
١٣٠. جناب ڊاڪٽر تارا چند لالوائي سرڳواسي ايڊيٽر ڪراچي ڊيلي ڪراچي.
١٣١. شريمتي ڇيڻي سپاهي ملاڻي سرڳواسي ڊپٽي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي.
١٣٢. جناب جمشيد مهتا سرڳواسي سابق ميئر ڪراچي.
١٣٣. جناب قاضي مجتبيٰ صاحب خان حال لنڊن اصل ڪراچي.
١٣٤. جناب مولوي خير محمد خان نظاماڻي مرحوم ڳوٺ نم ايڊيٽر اخبار ڪاروان ، الوحيد ۽ مهراڻ وغيره
١٣٥. جناب مولوي احمد ملاح مرحوم بدين.
١٣٦. جناب مولوي نور محمد صاحب مرحوم ٽنڊو سومرو.
١٣٧. جناب ڊاڪٽر شير محمد خان نظاماڻي مرحوم ٽنڊو سومرو.
١٣٨. جناب مولوي عبدالحق صاحب رباني مرحوم نصرپور.
١٣٩. جناب حيدر بخش جتوئي باباءِ سنڌ مرحوم لاڙڪاڻو.
١٤٠. مولوي ثناءُ الله امرتسري مرحوم.
١٤١. جناب مبارڪ ساغر مرحوم ڪراچي.
١٤٢. حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي مرحوم ڪراچي.
١٤٣. مولوي نذير حسين جتوئي مرحوم لاڙڪاڻو.
١٤٥. جناب پير غلام مجدد سرهندي مرحوم مٽياري.
١٤٦. ڊاڪٽر شيخ محمد عمر مرحوم سکر.
١٤٧. جناب مولوي شيخ محمد عثمان مرحوم نوابشاهه.
١٤٨. حضرت مولانا مولاداد صاحب بروهي مرحوم دوڙ ضلع نوابشاهه.
١٤٩. حضرت مولانا محمد موسيٰ بروهي مرحوم پاريسي جو ڳوٺ نوابشاهه.
١٥٠. جناب محمد لاکو مرحوم سڪرنڊ نوابشاهه.

١٥١. جناب رئيس بروهي مرحوم سرهاري.
١٥٣. جناب پير عبدالغفور جان سرهندي مرحوم سرهاري نوابشاهه.
١٥٤. ڪامريڊ غلام محمد بام مرحوم نوابشاهه
١٥٥. ڪي ايل سهگل صاحب فلمي اداڪار بمبئي.
١٥٦. پروفيسر آصف جاه ڪاروائي ڊگهڙي
١٥٧. جناب ڪامريڊ مرحوم غلام محمد خان لغاري نبي سر روڊ.
١٥٨. جناب ڊاڪٽر علي احمد آرائين مرحوم ٽنڊو جان محمد.
١٥٩. جناب غلام محمد خان لغاري ميرواهه گورچاڻي.
١٦٠. جناب غلام حيدر لغاري نبي سر روڊ.
١٦١. جناب محمد حيات جوڻيجو مرحوم بقار سانگهڙ.
١٦٢. مهاشيه گر ڏنو مل سرڳواسي ميرپورخاص.
١٦٤. غازي سلام خان بگٽي مرحوم جنهن انگريزن جا چڪا چٽايا، نواب اڪبر بگٽي جو ڏاڏو ١٩٤١ع.
١٦٥. جناب بالاچ خان بروهي مرحوم دوڙ نوابشاهه.
١٦٦. سيٺ لالو جيڪو ٻه دفعا مسلمان ٿيو، هن وٽ پنڊت نهرو مهمان ٿيو نوابشاهه.
١٦٧. جناب مير محمد بلوچ مرحوم لياري ڪراچي.
١٦٨. ملڪ محمد يعقوب مرحوم منياڻي وارو.
١٦٩. حڪيم دين محمد مرحوم وارهه لاڙڪاڻو.
١٧٠. جناب مولوي عزيز الله جروار پنو عاقل.
١٧١. حڪيم محمد بخش مشوري مرحوم ميهڙ دادو.
١٧٢. مرحوم سيد علي اڪبر شاهه ميهڙ.
١٧٣. مسٽر هنسراج وائرليس سرڳواسي امرت سر.
١٧٤. جناب تيجا سنگ ستنتر سرڳواسي جالندر.
١٧٥. جناب اسماعيل شهيد بالاڪوٽ.
١٧٦. جناب شهيد محمد اسماعيل ٽالپر جنگ مياڻي ٽنڊو جام.
١٧٧. جناب ڊاڪٽر شيخ نور محمد مرحوم حيدرآباد سنڌ.
١٧٨. جناب پير تراب علي شاهه راشدي.
١٧٩. جناب مولانا عبدالباري مرحوم فرنگي محلو لکنؤ.

١٨٠. جناب علي خان ابڙو مرحوم جمال ابڙي جو والد لاڙڪاڻو.
١٨١. سوامي ڪرشنا نند صاحب سرڳواسي گانڌي آشرم گدڙو.
١٨٢. جناب علي احمد صاحب بروهي نيوي جي بغاوت جو هيرو شڪارپور، هاڻ ڪراچي.
١٨٣. جناب عينشي وديارٿي سرڳواسي سکر.
١٨٤. جناب جماالدين بخاري مرحوم لاڙڪاڻو.
١٨٥. جناب ڪامريڊ علي محمد عباسي لاڙڪاڻو.
١٨٦. شهيد نذير عباسي ٽنڊو الهيار.
١٨٧. جناب مولوي محمد عثمان ڀنيرو مرحوم سامارو.
١٨٨. جناب نارائڻداس بيچر سرڳواسي ڪراچي.
١٨٩. جناب ڪامريڊ علي محمد مڪراني ڪراچي.
١٩٠. ڊاڪٽر امبيڪا پرشاد سرڳواسي ڏگهڙي.
١٩١. شريمتي ديوي ٻائي سرڳواسي جهڏو.
١٩٢. جناب صاحب جئنسگهاڻي نوابشاهه.
١٩٣. جناب پوهو مل سرڳواسي ڪراچي.
١٩٤. مسٽر سڌوا سرڳواسي ڪراچي.
١٩٥. مسٽر وليچا سرڳواسي ڪراچي.
١٩٦. مسٽر نيوند رام سرڳواسي سنڌ.
١٩٧. حاجي محمود هالائي مرحوم باني اخبار همدرد ميرپورخاص.
١٩٨. سوامي انگد ديو صاحب سرڳواسي اصل افغانستان جا.
١٩٩. جناب مولانا ظفر علي خان مرحوم لاهور.
٢٠٠. جناب حڪيم مولوي محمد معاذ مرحوم نوابشاهه، ٺاڏل وارو.
٢٠١. جناب محمد عيسيٰ خان نظاماڻي ٽنڊو سومرو.
٢٠٢. جناب شهيد مير جان محمد خان ٽالپر جنگ مياڻي هيرو ١٨٤٣ع.
٢٠٣. جناب مرحوم نسيم علوي ايڊيٽر بلوچستان جديد ڪراچي.
٢٠٤. جناب شيخ عبدالمجيد سنڌي مرحوم ٺٽو سنڌ.
٢٠٥. مرحوم نور محمد پليجو ٻني وارو.
٢٠٦. جناب شهيد حافظ رڪن دين ڪونڙي.

٢٥٦. جناب خالق داد مرحوم ٽرام جو ڪنڊيڪٽر ڪراچي.
٢٥٧. شفيع محمد خان بگٽي مرحوم جيڪب آباد.
٢٥٨. جناب غوث بخش خان بزنجو مرحوم بلوچستان.
٢٥٩. جناب محمد حسين عنقا مرحوم بلوچستان.
٢٦٠. نواب محراب خان بلوچ والي قلات بلوچستان.
٢٦١. جناب ضيا لال گابا ڪراچي.
٢٦٢. مرحوم علامه قاضي احمدي پاٽ شريف ضلع دادو.
٢٦٣. جناب مولائي عطا محمد لٺ مرحوم معراج محمد خان جو والد.
٢٦٤. جناب مير علي احمد خان ٽالپر حيدرآباد.
٢٦٥. جناب لال بن يوسف چانڊيو حيدرآباد.

ن کان علاوه انهن سينڪڙين نامعلوم شهيدن تي . سلام ۽ صلواتون هجن جن انگريز سامراج سان وڙهندي سر صدقي ڪيا پاڻ آزادي جو سورج نه ڏسي سگهيا پر پنهنجي نسل کي آزادي جي نور سان منور ڪري ويا. آئون لکين دفعا انهن جي اڳيان سر نمايان ٿو.

علاج نه روئڻ پٽڻ م
اسان جو علاج نه مٿو ڪٽڻ م
اسان جو علاج ڏيئو
پٽ سڀ ڏرتيءَ جٿيا
اُتو جو اُٿڻ م
اسان جو علاج.
احمد شاهه "استاد" بخاري عليه رحمت

# سرڪار سان مهاڏو اٽڪائڻ وارا

١. جناب ڪرشن چندر پونو پارت.
٢. محترمہ سرلا ديوي ڪلڪتہ پارت.
٣. جناب دادا فيروز دين منصور مرحوم لاهور.
۴. جناب سيٺ هرچند راءِ وشنداس مانجهو وارو مرحوم رئيس غلام محمد خان پرڳڙي جو ساٿي.
۵. جناب سيد رحمت شهيد عليہ رحمت.
٦. جناب شاهہ عبدالعزيز عليہ رحمت.
٧. جناب حاجي ترنگزئي مرحوم چارسده صوبہ سرحد.
٨. جناب حضرت مولانا شاهہ عبدالغفور سواتي مرحوم.
٩. جناب مولانا نجم الدين صاحب مرحوم صوبہ سرحد.
١٠. جناب مولانا عزيز گل عليہ رحمت صوبہ سرحد.
١١. جناب حضرت مولانا رشيد احمد مرحوم گنگوهي پارت.
١٣ جناب حضرت مولانا سيف الرحمان صاحب مرحوم قنڌاري.
١۴. جناب مولانا رحمت الله صاحب پاڻيپت پارت.
١۵. جناب حضرت مولانا عبدالرحيم صاحب مرحوم راءِ پور.
١٦. جناب مولانا ظهور صاحب مرحوم سهارنپور پارت.
١٧. شيخ عبدالرحيم صاحب سنڌي حيدرآباد مولانا عبيد الله مرحوم جو قريبي دوست.
١٨. خاڪسار حاجي مير غلام حسين خان ٽالپر مرحوم مير جي لانڍي.
١٩. خاڪسار محمد حسين خان لغاري مرحوم، نزديڪ ميرپورخاص.
٢٠. جناب محمد خان گرهوڙ پناڻ سعيد آباد.
٢١. ڪامريڊ ڪيشو داس مينگهواڙ عمرڪوٽ.
٢٢. ڪامريڊ حاجي محمد ميان هاليپوٽو مرحوم هنگورنو ضلع سانگهڙ.
٢٣ ڪامريڊ مجنون مسلم مرحوم سانگهڙ.

٢٤. حضرت شهيد صوفي قلندر بخش عليہ رحمت ڳوٺ صوفي فقير ضلع عمرڪوٽ.
٢٥. جناب روشن علي پيم جي شهيد مير علي بخش خان جو دوست.
٢٦. سيد سجاد حسين مرحوم ڪراچي.
٢٧. مرحوم مطلبي فريد آبادي پارت.
٢٨. مرحوم ڊاڪٽر شيخ نور محمد ولد ديوان ريجهو مل حيدرآباد.
٢٩. مرحوم مولانا دائود غزنوي لاهور.
٣٠. مرحوم مولوي ابوالقاسم فضل حق بنگالي.
٣١. جناب مرحوم اچاريہ ڪرلاڻي حيدرآباد وارو.
٣٢. جناب مرحوم لالا لجپت راء.
٣٣. جناب مرحوم نواب محمد بهادر شهيد ٽيپو سلطان جي خاندان جو.
٣٤. جناب مرحوم ٺانور داس ليلا رام واسواڻي حيدرآباد.
٣٥. جناب مرحوم رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي ڊينگاڻ ٽرياڪر.
٣٦. ڪامريڊ حاجي علي محمد ناهيون مرحوم نزديڪ ٽنڊو ڄام.
٣٧. ڪامريڊ محمد علي شاهہ هاري ليڊر نزديڪ ٽنڊوڄام.
٣٨. جناب سيد ڪشور گرديزي مرحوم ملتان.
٣٩. جناب خاڪسار احمد خان لانگاهہ وڪيل مرحوم شڪارپور.
٤٠. ڊاڪٽر رام منوهر لوهيا پارت.
٤١. ڪشنچند گرناڻي نوابشاهہ.
٤٢. ڪامريڊ عجائب سنگهہ هاري ليڊر سڪرنڊ.
٤٣. ڊاڪٽر ڪيلاش ناٿ ڪاٽجو پارت.
٤٤. مسٽر ڀولا ڀائي ڊيسائي گجرات پارت.
٤٥. مسٽر تلوڪ سنگهہ ڪپور پنجاب پارت.
٤٦. شهيد ٽينڊر هيمون ڪلياڻي سکر سنڌ.

وارو دوزخي آهي / هتي مير، پير، وزير، وڏيرا، چوڌري ۽ ڪامورا اڪثر ڪري سڀ زاني ۽ چڪلائي آهن. پنهنجين نڪاح وارين عورتن وٽ عيد جي رات به ڪو نه وڃن، اهي ويچاريون وليج ورڪرن ڏي وينيون نهارين!!

١٢- مردن کي سونا زيور ۽ ريشمي ڪپڙا پائڻ حرام آهي / هتي جا مير، پير، وزير، وڏيرا پنهنجن هٿن ۾ سون جون منڊيون، سچن هيرن واريون ٻانهن ۾ زنجيرون، سوني هيري واري رادو واچ، ڳچي ۾ سونو لاڪيٽ پائين، پنهنجو جسم بوسڪي جي ڪپڙي سان ڍڪين.

هن ملڪ ۾ هاڻي حڪومت شريعت جو قانون ٿي لاڳو ڪري! هاڻ ڏسجي ته اها شريعت ڪهڙي اهي. مون الله جي شريعت جا چند حڪم اوهان پڙهندڙن جي اڳيان رکيا آهن، سي غور سان پڙهو، جي اهي شرعي قانون اوهان کي وڻن ته انهن جو مطالبو ڪريو. باقي اسيمبلين واري نهيل شريعت کان بچو، اها ته صفا پينگ ڪندي، فتنو ۽ فساد ڪرائي الله جي مخلوق کي پاڻ ۾ ويڙهائيندي.

ملڪ ۾ پاڻي جي وارابندي ۽ ورهاڱي جي سرڪاري واهه واهه پوري ڪا نه ٿي ته وري شريعت بل جي شرنائي وڄڻ شروع ٿي، سرڪاري مولوين ۽ ٻين اهلڪارن جو جمالو پيو لڳي. مون الله جي شريعت جا چند اصول پڙهندڙ صاحبن لاءِ پيش ڪيا آهن. هن ملڪ ۾ جيڪا شريعت هلي پئي اها به پيش ڪئي اٿم. منهنجي ملڪ جي علماءِ حق کي اپيل آهي ته هو به قوم کي الله جي شريعت کان آگاهه ڪن. اسيمبلي جي شريعت کان ماڻهن کي ۽ ملڪ کي بچائين. نه ته ملڪ اندر اسيمبلي واري شريعت وڏو فتنو ۽ فساد پيدا ڪندي. ماڻهو هڪ ٻئي جا ڪنڌ لاهيندا ۽ وڏي تباهي ٿيندي.

اختلاف هڪ پاسي رکي، هن قومي فريضي لاءِ يڪ مشت ٿين. هيءَ ڌرتي مير چاڪر خان ۽ ٻين بلوچن بهادري ۽ پنهنجي خون جي قرباني سان آباد ڪئي ۽ ان جو نالو بلوچستان رکيو. جي بلوچ اسان سنڌي پائرن جا ٻانهن ٻيلي ٿيا تہ پوءِ اسان سنڌ ورهائڻ وارن جا منصوبا مليا ميٽ ڪنداسين.

سنڌ ۽ بلوچستان جو اهڙو رشتو آهي، جيئن انسان جي جسم تي ڪل ۽ ان جي اندر هڏا آهن. سنڌ ۾ سون سالن کان بلوچ آباد آهن، منهنجي خيال ۾ انهن ڪڏهن بہ سنڌ ورهائڻ جي ڳالهہ نہ ڪئي آهي، سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ سنڌ ڌرتي کي پنهنجي ماءُ سمجهن ٿا، بلوچستان جا بلوچ سنڌ کي يتيم پال سڏيندا آهن. جيڪي پاڻ کي سنڌ جا سڄڻ ٿا سمجهن انهن جو فرض آهي تہ هن مصيبت کي منهن ڏيڻ لاءِ بلوچستان جي بلوچن سان سنڌي - بلوچ متحده محاذ ناهڻ گهرجي، جي اهو اتحاد مضبوط ٿي ويو تہ پوءِ للو ۽ پنجو اک ڪٺي کو نہ نهاريندا.

قافلي جو ذرو پر بہ نوٽيس ڪو نہ ورتو، ڪنهن مشير بہ بيان ڪونہ ڏنو. شايد اهي انهن تڪليفن سان دوچار نہ اهن. مزيدار بہ ڳالهہ اها آهي تہ جام ساقي جي امن مارچ جي مقابلي ۾ پليجي صاحب پنهنجن پرستارن سان گڏجي سڪر فور اسٽار هوٽل کان لانگ مارچ شروع ڪيو، پوءِ پليجو صاحب جن ڪڏهن لاهور ۾ ڪڏهن پشاور ۾ بہ بڌن ۾ ايندا هئا، سدائين بندوق وارن باڊي گارڊن سان گڏ، جيڪر عقل هجي ها تہ اهي ٻئي ليڊر گڏجي لانگ مارچ شروع ڪن ها تہ سرڪار بہ نوٽيس وٺي ها ۽ ڪئين وڏا ڪم ٿي وڃن ها پر هي ليڊري جي انا بہ وڏي مصيبت آهي. ڪو بہ ڪنهن سان گڏ هلڻ لاءِ تيار نہ آهي. هتي ليڊر ۽ رنڊي رٽائرڊ ڪو نہ ٿين، جيسين وڃي رب کي پيارا ٿين. سنڌي ليڊرو! اوهان ئي امڙ سنڌ جا پٽ آهيو، تنهن ڪري پيا جڪ هڻو، جيسين پاڻ ۾ اتحاد نہ ڪندئو تيستائين ڪو بہ منزل نہ ماڻيندو.

آمريڪا سرڪار سيني تيل وارن ملڪن جي عرب بادشاهن ۽ شيخن کي پڙڪايو تہ عراق وارو صدر صدام حسين اوهان کي هضم ڪري ويندو، گهڻو ڪري ڪيترا سڪيا ملڪ بہ آمريڪا جا قرضي ۽ جي حضوري آهن، انهن ۾ برطانيہ، فرانس ۽ ٻيا يورپي ملڪ خاص طرح آهن، انهن بہ شيخن کي ساڳي ڳالهہ ٻڌائي. عراق جي صدر صدام حسين کي خبر پئي تہ آمريڪا فوجون گڏ ڪري اول ڪويت ۾ ايندو ۽ پوءِ عراق تي حملو ڪندو. صدام عراقي فوجن کي حڪم ڪيو تہ ڪويت تي قبضو ڪريو. هڪدم عراقي فوجون ڪويت تي قبضو ڪري ويون، ڪويت وارا شيخ ڀڄي ويا، پوءِ آمريڪا، برطانيہ، فرانس، سعودي عرب، مصر ۽ ڪن ٻين ملڪن جي فوجن عراق تي حملو ڪيو. بغداد ۽ ٻين شهرن تي شديد بمباري ڪئي وئي، لکين مسلمان مري ويا. آمريڪي فوجون سعودي حڪومت تي قابض ٿي ويون. سعودي عرب جنهن کي جاهل مسلمان اسلام جو نمونو ڪري پيش ڪن ٿا ۽ اها سرزمين مسلمانن لاءِ مقدس بہ آهي. انهي پاڪ ڌرتيءَ تي آمريڪن سولجر اگهاڙا هٿن ۾ وسڪي جون بوتلون کنيو پيا گهمن ۽ لئي ڪندا گهمن. ڪنهن بہ مسلمان دانهن نہ ڪئي، نڪو دنيا ۾ ڪٿي مسلمانن جلوس ڪڍيو، مڙئي ست خير ٿيا، آمريڪا پنهنجي

پرتي ڪن، جن جي عمر وڌ ۾ وڌ سورنهن سال هجي، انهن کي سعودي عرب ۾ جيڪي آمريڪي سولجر آهن، انهن جي خدمت لاءِ ڏاپون ڪري موڪلجن. هتي ته ڏاين جي به کوٽ نه آهي، آهي به بکيرن مان شيدي ملي ويندا نه ته اهو ڪم محب شيدي ڪندو.
سبحان الله انهي اعلان بعد آمريڪا جو صدر بش جيڪو وڏو قدردان آهي. پاڪستان جي سموري قرض جي معافي جو اعلان ڪندو، جي وري قرض جي ضرورت ٿي ته پوءِ ڏاين جي ٻي قسط رواني ڪبي ته قرض منظور ٿي ايندو. خدا ڪري ته آمريڪي سولجر سدائين سعودي ۾ ديرو ڄمايو ويٺا هجن ته ايشيا جا مسڪين ملڪ جيڪي آمريڪا جا قرضي آهن. سي ڏاپون سپلاءِ ڪري قرض کان اجا ٿين. خدا نيت غريب قرضدارن جي ٻڌي، هاتي حاڪمن جي مرضي اهڙو موقعو وري نه ملندو پوءِ هٿ هنن مان ڇا ملندو. اليڪشني نعرو به ٿي پوندو ته اسان آمريڪا جو قرض معاف ڪرايو.

باقي جن مال ميڙيا انهن جو نالو نشان ئي ڪو نہ آهي، پٽي مرحوم جي شهادت بعد سندس جانشين ڪير ٿئي؟ پنجاب مان ڪر ڪوڏڙا پيدا ٿيا، انهن بہ بغل وڄايا، سنڌ مان بہ ڪيترن پانگون ڏنيون تہ اسين پٽي صاحب جا جانشين آهيون. پٽي مرحوم جي پنهنجي ذاتي جائداد جا وارث سندس پٽ آهن. جن مان ننڍو شاهنواز ويچارو ملڪ کان ٻاهر مارجي ويو، هتي سندس لاش پهتو، آئون جنازي نماز ۾ لاڙڪاڻي ۾ موجود هئس، باقي سندس وڏو فرزند مير مرتضيٰ خان پٽو حياتي آهي، جيڪو ملڪ کان ٻاهر آهي، اهو وارث ۽ مالڪ آهي، رهيو سوال پٽي جي سياسي جانشيني جو اهي ويچارا مسڪين اشراف پارٽي جا ڪارڪن آهن، جن ڪڏهن بہ پنهنجو ايمان ڪو نہ وڪيو صدائين صبر ۾ ثابت قدم رهيا. هاڻ انهن نيڪ سيرت ڪارڪنن جو فرض آهي تہ هو گڏجي پارٽي لاءِ سياسي جانشين پٽي مرحوم جو چونڊين ۽ ان کي مضبوط بنائين تہ جيئن پارٽي جو ڍانچو سٺي نموني هلي ۽ انهن جاگيردار ليڊرن مان ڇوٽڪارو ملي.

جيڪي ايماندار ۽ اشراف پارٽي جا ڪارڪن مون سان رابطو رکندا تہ ڪين نيڪ صلاحون ڏيندس جيئن پارٽي اندر جيڪا تنظيم ٿهي تنهن ۾ اشراف ڪارڪنن کي وڏا عزت وارا مقام حاصل ٿين ۽ پاڻو ليڊرن جي پنيان هنبوڇين هڻڻ کان بچي وڃن. ڪارڪن عزت وارا، بيعزت وڏيرن کي ڪلهن تي ڪڻڻ کان بچي پون. انهن لٽيرن، اليڪشني وڏيرن، ميرن پيرن جا دروازا سدائين لاءِ بند ٿي وڃن. پوءِ مزو ڏسو انهن جي جنازن ڪڻڻ وارو بہ نہ ملندو. جيئن مولانا مودودي گهر جي باٿ روم ۾ دفن ڪيو ويو، تيئن هنن کي بہ گهر جي ڪنڊ ۾ دفن ڪندا.

جيئي پٽو - جيئن ايمان وارا ڪارڪن

ڪبوتري ويني آهي، ان مريض جو ڪاڏو چڪن سوپ، چڪن برياني، چڪن قورمو، هڪ اڌ سبزي، آئس ڪريم يا ڪسٽرڊ وغيره، ناشتي ۾ اڌ ڊزن ڪن بيضا، جن مان ڪي آمليٽ ته ڪي بوائل، ڪي اڌ ترپل، تازو مکڻ، ڊبل روٽي جام! ان مريض جي ٽڪڻ ۽ پيشاب لاءِ جيڪي ٿانو رکيل هئا. اهي به اڪين تي رکڻ جهڙا هئا. صبح ۽ شام جو وڏا ڊاڪٽر حاضري به ڀرين.

هاڻ ڏسو ته جيڪو حرامخور، ملڪ تي چٽي آهي، اهو بيمار ٿئي ٿو ته ان لاءِ هيترا سک ٿين ٿا، هزار نخرا، مسڪين جيڪو هن ڌرتيءَ کي گل و گلزار بڻائي ٿو ۽ هن ڌرتيءَ تي بار ڪونهي ان جو جنرل وارڊ ۾ جيڪو علاج پيو ٿئي سو به اوهان ٻڌو. اسپتال اندر ڊاڪٽر صاحبن جو عشق هڪڙو موچارين نرسن سان، ٻيو مريضن جي کيسي سان. ڊاڪٽرن جو عشق جيڪر مريضن سان ٿئي تڏهن مريض کي شفا ملندي. هتي الٽو قصو پيو هلي، ڪيترا ڊاڪٽر صاحب مريضن کي اهڙي ڏيک ٿا ڏين جهڙا مارشل لا وارا ڪرنل هجن. ڊاڪٽر صاحبن کي خبر ضرور هوندي ته کين ايم بي بي ايس جي جيڪا ڊگري ملي، ان تي سرڪاري خزاني مان به خرچ ٿيو هوندو. منهنجو خيال آهي ته هڪ ڊاڪٽر تي سرڪاري خزاني مان ست اٺ لک روپيا خرچ ٿين ٿا، خزانو مسڪينن جي ڪمائي مان گڏ ٿئي ٿو. ڊاڪٽري پڙهڻ وارو ڪو ڏيپلي مان خزانو ڪٺي ڪونه آيو آهي. اڄ وري ماڊرن ڊاڪٽر صاحبن جا نخرا ۽ سينگار به عجيب آهن، جو خبر نه ٿي پوي ته ڊاڪٽر صاحب نر آهي يا ناري.

ڏنائين تہ اوهان ترقيء جا ڪم ڪرايو. انهن رجعت پرستن عوام جي ڀلي جو ڪو بہ ڪم ڪو نہ ڪيو، صرف پنهنجي ذاتي ترقي ڪيائون. ضياء انهن کي اسلام آباد، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ لکن جا پلاٽ ڏنا. ضياء شڪار جي شوقين وڏيرن، ميمبرن لاء اسلام آباد ۾ ڪارتوسن جا دُڪان بہ کوليا هئا. جتي ٻڌڻ ۾ آيو تہ هڪ ڪارتوس پنجن روپين ۾ ملندو هو، جيڪو بزار ۾ پندرهن روپين ۾ ملندو هو. انهن مردود وڏيرن اهي ڪارتوس وري اچي وڪرو ڪري پئسہ ڪمايا ۽ خوب جاوا ڪيا. ضياء جي حڪومت ۾ وڏيرا، مير، پير ميمبر بنيا. انهن مان ڪيترا فوجي عملدارن جا دلال بنيا. انهن پنهنجن مخالفن ۽ غريب هارين، شاگردن تي انهن فوجي عملدارن هٿان وڏا ظلم ڪرايا، ڪيترن ظالم وڏيرن پنهنجا فورس بہ ناهيا. جيئن لاڙڪاڻي طرف مگسي فورس قائم ٿيو، جنهن ڪو بہ چڱو ڪارنامو انجام ڪو نہ ڏنو هو. بہ سال ڪن ٿيندا تہ انهن مگسي فورس وارن ڪيترا مسڪينن جا ڳوٺ ناس ڪري ڇڏيا. ڪيترا بي گناهہ زالون، مرد ۽ معصوم ٻار ماري ڇڏيا هئا. جن لاء ڪجهہ بہ ڪو نہ ٿيو. جيڪي مُئا سي ڇٽا. ٻڌڻ ۾ اچي پيو تہ اهو مگسي فورس اڃا قائم دائم آهي. ڪلاشنڪوف جي زور تي اهي اڄ بہ وحشي جانورن وانگر پيا هلن. هن عوامي حڪومت بہ انهن ڪاسائين جي فورس جي زور تي اهي اڄ بہ وحشي جانورن وانگر پيا هلن. هن عوامي حڪومت بہ انهن ڪاسائين جي فورس مان جند ڪا نہ ڇڏائي. الٽو انهن جي سردارن کي پنهنجي پارٽي جو اميدوار بنائي ميمبر بنايو. اڄ انهن جي ساڳي ٽنگ جي لوڏ پئي پوي. مسڪينن جو انهن کان ساهہ پيو نڪري، ضياء ميمبرن کي جيڪو حرام جو هڏو ڏنو هو، تنهن سڀني ۾ عادت وجهي ڇڏي پٽ پٽان جي. هينئر جڏهن هي عوامي نئي واري حڪومت نهي ۽ ساڳيا همراهہ ضياء جي دور وارا ڊوڙي اچي اسيمبلين ۾ پهتا. تڏهن انهن وري ساڳي راهہ اختيار ڪئي. جو تہ هارهياڙي جي هير ٽنگ پڳي بہ نہ رهي.

هينئر ٻڌڻ ۾ آيو تہ اسلام آباد ۾ ميمبرن جي ٻڙي لڳي پئي آهي. جيڪي واپاري انهن ميمبرن جا خريدار هئا. انهن ڪن لکن ۾ تہ ڪن ڪروڙن ۾ خريداريون ڪيون تہ ڪي سياڻا ميمبر هئا. جن انهن ٻنهي خريدارن کي سيرون چوڙيون پوء جي خبر نہ اهي تہ ڪهڙي واپاري سان سچا رهيا. هاتي عقل وارا خود

ريت ميرن، پيرن، وڏيرن ۽ جاگيردارن، نوابن ۽ سرمائيدارن جون آبادي جي لحاظ کان سيٽون مقرر ڪجن. پوءِ هي انهن سيٽن تي سڀ گادين وارا پنهنجي ڏاڙهي پٽ ۾ لڳي ويندا. غريب ووٽرن تان بار لهي ويندو، پوءِ ڪو بہ مسڪين وچولي درجي وارو چوندجي اسيمبلي ۾ ويهي سگهي ٿو، نہ تہ ٿيا ست خير. اهي ساڳيا مغز ۾ هوندا. هڪ دفعي ڪچهري ۾ هڪ ڪٽيل اليڪشني اميدوار چيو تہ "ڪامريڊ لڏو اجايو پيو متو هٽي، اسين پچر ڪو نہ ڇڏينداسون." هن چيو تہ جيڪڏهن افغانستان کان روس هتي آيو تہ اسين سيني کان اڳ، ڪنهن کي بہ خبر ڪا نہ پوندي، اسين وچي استقبال ڪنداسين، جي هندستان هن طرف آيو تہ اسين سيني کان اڳ ڪوڪرا پار وٹ، ڏوتيون ٻڌي، تلڪ لڳائي هيرانند ۽ جيٺانند سڏائي سندن استقبال ڪنداسين.

ووٽر حضرات ڪي ڪپي تہ هاڻي زوردار جدوجهد ڪن تہ اسان کي طبقاتي نمائندگي ڪپي، اها ناٽڪ واري اليڪشن تہ آزمائي چڪا آهن. ووٽر خاص ڪري سنڌي ووٽر حضرات اجا بہ انهن واري جمهوريت ۽ اهي اميدوار ساڳيان ڪريو وينا هوندا تہ پوءِ سنڌي ووٽر ياد ڪن تہ انهن جي ڪل ماس ڪان ڏار ٿي ويندي. جيئڻ تہ محال پر قبر جي جاءِ بہ ڪا نہ ملندي. ڪرڻو اٿو تہ ڪري وٺو، الله ڪانپوءِ اوهان ووٽر حضرات سگهارا آهيو. ڏسو جيڪي اڳي ڪتن ۽ رڇن جي ويڙهہ ڪرائيندا هئا. ڪي ملاڪڙن ۾ ملهن جون جتيون اجرڪ ۾ هڙ ٻڌي ڪٽندا هئا. انهن کي بہ اوهان ووٽر صاحبن ووٽ ڏيئي لئي ڪرائي ۽ اوهان گڏين جي وٽ ۾ آهيو. چيو نہ اوهان پنهنجن مان چونڊي موڪليو جيڪو اسيمبلين ۾ اوهان جي ڳالهہ ڪري، اوهان جي ظلمن جا داستان بيان ڪري، اوهان جو مان وڌائي، چو تہ ووٽر جيڪر مان نہ ڏي تہ پو، ٿيو خير. انرايبل، عزت ماب ووٽر اهي. ميمبر مڙا خطابن جا حقدار نہ آهن جي انهن کي ووٽر ووٽ نہ ڏين ها تہ هو ميمبر ڪيئن بنجن ها، رڳو رڇ ڪتي جي ويڙهہ حوالي هجن ها. پڱوان تجهي مين خط لڪتا، ليڪن تيرا پتا معلوم نهين.

# صوبہ پنجاب جي اليڪشن جون جهلڪيون

هن موجوده پاڪستان جي وڏي آبادي وارو صوبو پنجاب آهي، اتي اليڪشن جا وري ناٽڪ نرالا هئا. پنجاب کي پنهنجو ليڊر ڪڏهن نصيب ڪو نہ ٿيو آهي. ڪڏهن جناح جي پويان، ڪڏهن ايوب جي پويان، ڪڏهن ڊاڪٽر خان صاحب جي پويان تہ ڪڏهن پني مرحوم جي پويان هئا. ضياءُ خود پنجابي هو، تنهن ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ پنجاب ۾ ڪو ليڊر پيدا ڪريان، جو پوءِ اڳتي هلي پاڪستان جو حڪمران بنجي. ضياءُ پنجاب مان ڪيترا چوڌري، راڻا ۽ رائو وڏيون رشوتون ڏئي پنهنجا دلال بنائي ڇڏيا هئا! انهن مردودن جي ٽولي ۾ نواز شريف بہ هو، جيڪو خود سرمائيدار هو ۽ وڏي خزاني جو مالڪ هو. ضياءُ ان کي پنهنجو پٽ بنايو، ضياءُ جي دور ۾ نواز شريف پنجاب جو وزير اعليٰ بنيو، اڄا بہ آهي، انهن ضياءُ جي مهربانين، پوءِ تہ بابرا شريف جي پاءُ نواز شريف جا پاڳ ڪولي وڌا. سندس پير پڪا ٿي ويا. اليڪشن ۾ چون ٿا تہ سرڪار جي خزاني جا در ڪولي ڇڏيائين، لٽ لڳائي ڇڏيائين، مائهن کي مالامال ڪري ڇڏيائين.

پيپلز پارٽي وارا اميدوار ويچارا جيڪي يارنهن سال گهرن ۾ پيا ڳنا چوسيندا هئا. انهن جي دال ڪا نہ ڳري، اهي ٽڪا خان، چوڪا خان، رائو خان، سڀ هارائي ڌوڙ ٿي ويا. پيپلز پارٽي وارن کي ڪنڌ ۾ ڪلي هئي ۽ وڏو ناز هو تہ پنجاب اسان جي جاگير آهي، سئو سيڪڙو اسين کٽي ويندا سون، پر سندن ٿي ڏاٿيون ٿي ويون، نواز شريف پنهنجي ٽولي سميت اڪثريت سان کٽي آيو ۽ صوبي ۾ حڪومت ناهي ويهي رهيو، هن ويهڻ شرط اهڙو ڌيڪ ڏنو تہ هو سڀ ڪجهہ آهي، ملڪ جو اعليٰ ترين حڪمران بہ پاڻ آهي، اسلام آباد واري سرڪار جيڪا آئيني طرح مرڪزي حڪومت آهي، ان کي بہ نواز شريف سنگل ڪو نہ ڏنو، چون ٿا تہ اسلام آباد مان کي ڪامورا لاهور موڪليا ويا هئا. انهن کي بہ نواز شريف بي ڳاڏي ۾ واپس ڪيو. ڪين ايتري قدر چيائين تہ اوهان کي جيڪر لاهور شهر ۾ ڏنو ويو تہ اوهان کي ڪوٽ لکپت جيل موڪليو ويندو، چون ٿا تہ مرڪزي سرڪار کي

ڪاوڙ آئي، انهن وري سڪا خان کي ڪو ـر ڪري موڪليو تہ نون وجي نواز شريف جون تسون ڪڍ. چون ـ ـ نواز شريف نڪي کي بچيو بہ ڪونہ. گورنر هائوس ۾ نظر بندي واري حالت ۾ پيو هو. جيئن پٽي مرحوم جي ڏينهن ۾ صدر فضلو اتين پوريو پيو هوندو هو.

چون ٿا تہ اسلام آبادي وزير يا مشير لاهور ۾ يا پنجاب جي ٻي ڪنهن شهر ۾ اچي ٿو تہ رات جي اونداهي ۾، ڏينهن جو همت ڪو نہ اٿن، چمڙا ٿي وـا اهن. نواز شريف، پيپلن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا آهن. چون ٿا تہ نواز شريف پنهنجين ذاتي ڪچهرين ۾ وزير اعظم جي شان ۾ بہ ڪُڏا لفظ ڳالهائي ٿو، نواز شريف کي خبر هئن ڪپي تہ وزير اعظم سنڌ ڌرتيءَ جي ڌيءَ اهي. اهل سنڌ بہ بيغيرت ڪونہ اهن.

ملڪ جي وڏي بجيت پنجاب تي خرچ ٿئي ٿي.
ايتري قدر جو لاهور دراءِ پورٽ اهي، سامان سنڌ جي ڪراچي بندر تان وجي ٿو، سنڌ کي ڪو بہ ٽيڪس ڪو نہ ٿو ملي. نواز شريف کي آڪڙ ان ڪري آهي تہ اسلام آباد جو شهر بہ پنجاب ۾ اهي، ملڪ جي فوج روپئي مان چوڏانهن آنا پنجاب مان اهي، باقي پاڪستان جي ٽن صوبن ۾ پنجابين جي ڪافي آبادي اهي، اتي زرعي زمين ڪارخاندار ۽ وڏن واپارين تي پنجابين جو قبضو آهي.

# صوبہ سرحد ۾ اليڪشن جا رنگ

صوبہ سرحد جي گھڻائي واري آبادي پٺاڻن جي آهي، هڪڙا پٺاڻ بنياد پرست ملن جا پيروڪار آهن. جن جو عشق ڏوڪڙن سان آهي. صوبہ سرحد جي سياست تي سرخ پوشن جو اثر رهيو آهي. سرخ پوشن پنهنجي محبوب اڳواڻ خان عبدالغفار خان جي قيادت ۾ جنگ آزادي ۾ ڀرپور حصو ورتو. خوب قربانيون ڏنيون انگريزن جون خوب سختيون ڏٺيون. ان زماني ۾ بہ وڏا خان ۽ ملان، انگريز جا دلال هئا. انهن کي انگريز ساليانہ يا ماهوار پينشنون پڻ ڏيندا هئا. جڏهن هندستاني سياست ۾ مسلمانن ۾ قوت وجهڻ لاءِ جناح کي ٺيڪيو ويو ۽ مسلم ليگ جي پني ٺوڪي وئي، جناح بہ صوبہ سرحد ۾ اهڙا لغور ۽ ٺوڊي قسم پٺاڻ ڳولي لڌا. انهن ۾ هڪڙو ڪشميري وڪيل عبدالقيوم خان هو، سو جناح جي ور چڙهي ويو. هڪ واقفڪار ٻڌايو تہ، قيوم خان مرڪز مضبوط هو، حمام دستي جي ڳن جيڏو جنهن جو خلتسو هوندو هو، انکي پنهنجو هيلپر ڪري رکندو هو. جڏهن پشاور ۾ قيوم خان وڪالت ڪندو هو تڏهن وٽس هڪ منشي هوندو هو جيڪو سندس مرڪز کي مضبوط ڪندو هو. ان منشيءَ جو نالو شمش الحق هو. پر ماڻهو کيس شمش الفق سڏيندا هئا. عبدالغفار خان اٽڪل ٻہ سال کن ٿيندا تہ رب کي پيارو ٿي ويو. سندس جانشين عبدالولي خان سندس پٽ آهي، جنهن جي پارٽي نيشنل عوامي پارٽي آهي. هن جماعت بہ اليڪشن ۾ مڪمل ڪاميابي حاصل ڪا نہ ڪئي. هيروئن بي تاج بادشاهہ ۽ ضياءَ جو خاص دلال، جنرل فضلو جهڙا بہ پٺاڻن کي خريد ڪري اليڪشن ۾ ميمبر بڻيا. ڪي وري بنياد پرست ملان بہ چونڊجي آيا. چند جايون پيپلز پارٽيءَ بہ ڪٺيون. ولي خان جن آمريڪا جا دلال ڪو نہ آهن، تنهن ڪري بنياد پرست ملن سان ولي خان وارا اصولي طرح ڪو نہ ٺهن. ان ڪري ولي خان وارن پيپلز

پارٽي سان اتحاد ڪيو ۽ اتي گڏيل حڪومت ٺهي، جي ولي خان پيپلن جو ساٿ نہ ڏي تہ هي ملان بنياد پرست، پيپلز پارٽي وارن جي نسوار ڪڍي وجهن ها. پر اهو ولي خان جو تورو اٿن. چو تہ وڏو آمريڪي دلال، بنياد پرستن جو روح روان، پروفيسر خورشيد احمد، هر وقت چوندو آهي تہ ولي خان پيپلز پارٽي وارن جي اڳيان هڪ ڍال آهي. نہ تہ اسين انهن کي نڪ ۾ دم ڪري ڏيون. ڪين جيئرو هلڻ ڪو نہ ڏيون.

نوٽ:- هينئر جيڪو نئين سر ولي خان سياسي ڪردار شروع ڪيو آهي سو باعث شرم آهي. سندس قد ۽ نڪ بادشاهہ خان جهڙو آهي. باقي ذهنيت، هاڻ خرڪار پنهنجي ڪان بہ گهٽ اٿس.

۾ نيپام بم وسايا هئا. اتر ويتنام جي گادي واري شهر هنوئي تي هڪ ڏينهن ۾ نيپام بمن جا هڪ هزار حملا ڪيا ويا. مجاهدن ويتنامن کي ان وقت غيبي امداد به ملي. چون ٿا جنهن ڏينهن هنوئي شهر تي نيپام بمن جو حملو ٿيو هو ان وقت هر پاسي باهه ئي نظر آئي پوءِ هڪدم ايڏي برسات پئي جو باهه جو نالو به ڪو نه رهيو، ويتنام جي تاريخ ۾ چون ٿا ته اهڙي برسات ڪا نه پئي هئي، ويتناميـن جو رهبر مقدس ۽ مخلص ڊاڪٽر هوچي منه عليه رحمت هو ۽ سندن اعليٰ مرتب ساٿي جنرل گياپ، مادام بند جهڙا گوهر ناياب هئا. پوءِ وري ڪمپيوٽر سسٽم تي بيا جديد نمونا به پيدا ٿيا. تڏهن آمريڪا ۽ ان جي دلالن وري انسان جي تباهي جا اوزار ۽ بم ڪمپيوٽر سسٽم تي ناهيا، انهن جا به انهن وٽ ڍير ٿي ويا، هاڻي سيني لاءِ اهو معاملو اچي بنيو ته هاڻ ڪهڙن ماڻهن تي ڪهڙي ملڪ تي هي اليڪٽران وارا بم وسائي ڏسون ته تجربو به ٿئي ته برابر سجايو خرچ ويئا ڪريون.

❋

خاني ۾ مريدائين جا ميڙ، انهن جي چيرن جا چمڪا ايترا زوردار هوندا، پوءِ سبحان الله نيٺ عرش تان پير ۽ سندس مريدائين تي نور وسندو رهندو. انهي سڄي ناٽڪ کي رونق ويچارو ورڪر بخشي ٿو. اوهان ڏٺو هوندو ته جڏهن ان جڳاڏري ليڊر جو جلوس پيو ايندو آهي ته اڳيان هڪڙا نوجوان سائيڪلن تي سوار هوندا آهن. انهن وٽ جهنڊا هٿن ۾ سندن سيني تي ليڊر جي تصوير ته ڪن جي هٿن ۾ وڏا وڏا بينر هوندا آهن. جنهن تي ليڊر جون قربانيون بيا ڪي جمهوري نعرا هوندا. ڪي ورڪر ليڊر جي مرسڊيز موٽر سان ڊوڙندا ايندا جيڪي جيئي جيئي جو نعرو هڻندا ڊوڙندا آهن.

جڏهن اهو ليڊر پنهنجي منزل تي پهچندو ته اتي سندس دلال اڳي دلي دروازا ٺاهيو رستن تي چن هاريو گلم وڇايو، ڏاڙهين تي ڪيس ۽ مينديون مکيو گلن جا هار کنيو بيٺا هوندا آهن. جڏهن ليڊر پهچندو تڏهن وڏا نعرا هڻي ڪيس رسول جو درجو ڏئي وڏا هار اجرڪون پارائي اچي اسٽيج تي ويهاريندا. ورڪر ويچارا رڳو ڊوڙ ڊوڙان ۾ هوندا آهن پوءِ اتي انهي ليڊر جو چاڙتو وڏو سپاسنامو پڙهڻ شروع ڪندو. جنهن ۾ سواءِ سندس ڪوڙي تعريف جي بيو ڪجهه به نه هوندو آهي. جنهن بعد ليڊر کي ڪن ۾ چوندا ته هلو ماني تيار آهي پوءِ جتي اها ماني جي ٽيبل هوندي ان جي چوڌاري ورڪر لنيون ڪٽي پهچندا پوءِ انهي ليڊر سان سندس خاص چمچا اندر اچي ڪرسين تي ويهندا. ماني جي ميز تي جي ناشتو آهي ته بمبئي بيڪري حيدرآباد واري جا ڪيڪ، ڪي آمليٽ، ڪي فرائي، مغز ۽ جيرا پڳل، بيضن ۽ بادامن جو حلوو، شيزان جون جام جيليون، جي ماني جو وقت آهي ته ميز تي سڄا چيلا پڪل، اچا ڳاڙها بوڙ، ڪٽليس، شامي ڪباب، پلا پلاءُ، تتر پڪل، پدنگ ڪسٽرڊ جا ڪونڊا باسپتي چانورن جي برياني، زردي جا ڊش هوندا. انهن تي وارو هوندو، ٺهڪن جا ٺاڪوڙا لڳا پيا هوندا.

جڏهن اهو ليڊر ڪائي اوور فلوٽ ٿيندو تڏهن

ڪيس آئي عاليشان ايئر ڪنڊيشن ڪمري ۾ ويهاريندا. ماني جي ميز تي رڳو اوباريل ٻوڙ ۽ هڏا هوندا آهن. پوءِ ورڪرن کي هڪل ڏيندي اچي ماني کائو پوءِ، اهي مسڪين ورڪر جن سڀ هاءِ وي جي ٽول پلازه کان وٺي ڊوڙ ڊوڙان ڪئي تن کي بک جا ٻارڻ سي مسڪين هڏا چوپي اچي وري ٻاهر شاميانن ۾ پٽ تي ويهندا ۽ اتي جيڪي گرم پاڻي جا ڊرم پريل پيا هوندا، اهو پاڻي پيئندا، اندر انهي ليڊر کي سيون اپ، ڪوڪا ڪولا، فنٽا جا ڪريٽ پيارڻيا ويندا، نيٺ اعلان ڏيندو ته صاحب هاڻ آرام پيو ڪري. مون هڪڙي ورڪر کان پڇيو ته تون ورڪر مان ليڊر ڪڏهن ٿيندين تڏهن هن چيو ته سائين ڪا خبر نه آهي شايد ورڪر جي حيثيت سان ئي حياتي گذري وڃي. مون ڪيس چيو ته موڳا انهي ليڊر جي مردي جسم کي تون رت ڏيو پيو جيارين، جنهن مان نڪو اڳ وريو نڪو هاڻ ورندو، عقل ڏار ڦتڪا تنهنجي چيلهه ڪاڏا ۽ زنده آباد اهو حرام خور ليڊر پيو ٿئي. ڏوڙ جا ٻڪ وجهينس حقيقت ۾ تون ڦتڪن وارو زنده آباد آهين، اهو ته مردود مرده آباد آهي. موڳا ورڪر هوش ڪريو، اجايو تاڙيون وجائي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي انهن ڪڌن جي پويان نه هلو، جيئي جيالو ورڪر.

قاتڪ جتي پناهن جي گهٽائي آهي گولين سان پچي ڇڏيندا. نوجوانو رٽائر قيادت اوهان کي هڪ واڳونءَ جي وات مان بڻي واڳونءَ جي وات ۾ ٿي هٽي. منهنجا جوشيلا سهڻا ڪونڌر دودي ۽ هوشو کان وڌيڪ بهادر جيئي سنڌ جا جيالا سوچيو اوهان جي جيلن جي تڪليفن ڦٽڪن ۽ ٻين قربانين جو ڦل سجائو ٿيڻ کپي، اوهان جي خوابن کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ بہ نوجوان قيادت جي ضرورت آهي. رٽائر ٽيل قائدن کي صرف اول سندس سالگرهون پوءِ پيالي پيئڻ ڪانپوءِ ورسين تائين محدود رکو "پهر ديکهہ مزا" وڌيڪ پاڻ جائو. اتي سن شهر ۾ انهي اجتماع ۾ صرف هڪ جيالي جيئي سنڌ جي نوجوان ڪارڪن ظلم کي ظلم منهن تي چيو.

مسٽر ممتاز علي ڀٽو صاحب وري لنڊن ياترائون ڪري نئون نعرو ڪٽي اچي هٽ پهتو. اهي هوائي جهاز مان هن وقت سندس منهن تي سيون او ڪلاڪ ڦريل هو. هاڻ شايد ڏاڙهي رکي اٿن، جا ڏسڻ ۾ پئي آئي، ان کي بہ موقعو ڏنو ويو تہ اوهان تقرير ڪريو، جڏهن اهو تقرير ڪرڻ لڳو تڏهن فرمايائين تہ هتي ٣٨ سالن کان ظلم ٿيندو اچي، تڏهن هڪڙي جيئي سنڌ جي جيالي نوجوان ڪارڪن اتي انهي وڏيري کي چيو تہ ٣ ورهيہ توبہ اسان تي خوب پادر وسايا، پريان سابق دفاعي وزير مير علي احمد خان ٽالپر وينو هو، تنهن ڏي هٿ ڪري چيائين تہ اٺ سال پورا هن بہ اسان تي هر هلرائي ڇڏيا هئا. هاڻ وڏا سنڌ دوست ۽ قومپرست بنيا وينا آهن. مون نوجوان کي حق چوڻ تي داد ڏنو. سندس چپن تي چمي ڏني. اهڙن جيالن جي ضرورت، باقي ڪنڌ ۾ اجرڪ، سلوار جو پانچو ١٦ آنا بي دولي ڏاڙهي پيرن تي قميص لڳي موقعي تي لاري بہ ڦرجي ونجي پوءِ جيڪو ديش نهندو اهو بہ سمجهي سگهو ٿا. جذبات کان ٿڌا ٿي بہ سوچيو. اهو بہ لکي ڇڏڻ ضروري آهي تہ انهي اجتماع ۾ وڏيون هستيون وينل صرف چار هيون، جناب جي ايم سيد صاحب، غفار خان، رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙي، جناب حفيظ قريشي باقي جيالن ورڪرن کان سواءِ سڀ شرنائي قسم ليڊر هئا. جيئي سنڌ جيئي جيالو ورڪر.

# جيالن - قومپرستن جي سڏ تي پاتو ليڊرن جو ڳم ٽيڻ

تازو سنڌ جي جيالن ۽ سرويچن نوجوان قومپرستن، ڪراچي ۾ هوائي اڏي تي، بهارين جي خلاف مظاهري جو سڏ ڏنو هو. پوليس سنڌ جي رستن تي ناڪابندي ڪري بيهي رهي. ڪراچي ويندڙن تي ڏنڊا ۽ ڳوڙها گيس وسائيندا رهيا. پر سنڌي جيالا زالون توڙي ٻار پوليس جون سختيون سهي به وڃي ڪراچي جي هوائي اڏي تي پهتا. سنڌ ۾ هڪڙو نام نهاد قومپرست پير آهي، جيڪو پاڻ کي مقبول بنائڻ لاءِ اهڙا بيان ڏيندو رهندو آهي. ان وٽ به نوجوان شاگرد ويا هئا ته، اوهان اچي مظاهري ۾ شريڪ ٿجو. چون ٿا ته پير چاتي نوڪي چيو ته، آئون ايندس ۽ مظاهري جي اڳواڻي ڪندس. پر ان ڏينهن پير ڪو نه آيو. سندس هڪ خليفي اچي چيو ته سائين ڪو نه ايندو، هو رات ڪوٽ ادو ويو هليو. اتي اليڪشن ٿي رهي هئي. سنڌ ۾ غلام مصطفيٰ خان جتوئي پيپلز پارٽي کان اليڪشن هارائي ويو هو، تنهن کي پنجاب جي گڏهه ۽ نواز شريف وارن ڪوٽ ادو ۾ اميدوار بنايو. پڌڻ ۾ آيو هو ته پيپلا پارين بچين ڪوٽ ادو وڃي نڪتا هئا. ميان منو ته موچڙا به کاڌا هئا. پوليس وارن ڪيس ڏاڙهي ۾ هٿ وجهي لوڏا به ڏنا هئا. پر جتوئي کٽي ويو، پير سوڌا بيا پيپلا پڌڻ ۾ آيو ته برقعا پائي رات جي پيٽ ۾، اچي گهر پهتا. نوجوانن کي انهن پيرن جي قومپرستي جي خبر پئجي وئي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سنڌ قومي اتحاد وارن سڏ ڏنو ته اسيمبليءَ جو اجلاس هلڻ وارو آهي، ان جي ٻاهران مظاهرو ڪبو. سنڌين جي قتل عام جي خلاف ڪي ليڊر سنڌ جي ڏهيسر وٽ به ويا، ته اوهان اچي مظاهري ۾ شريڪ ٿجو، چون ٿا ته ان صاحب به چاتي نوڪي چيو ته آئون سيني جي اڳيان هوندس. جيڪو مظاهري جو ڏينهن مقرر هو، ان ڏينهن

اسيمبلي بلڊنگ ڪان پري، رستن تي پوليس ناڪابنديون ڪريو بيٺي هئي. سنڌ جا جيالا نعرا هڻندا آيا، پوليس انهن تي ڏنڊا وسايا، ڳوڙها گيس جا شيل هنيا. ويا. ماڻهن کي ڏهيسر جو انتظار هو. ڏهيسر ته ڪو نه آيو، هن جو هڪ پاٽو قسم خليفو آيو، جنهن چيو ته آئون صاحب جو نياپو کڻي آيو آهيان. صاحب کي دل جو دورو پيو آهي. ڊاڪٽرن آرام جي صلاح ڏني آهي. هاڻ ڏهيسر ٻه ڏهه سير ٽي، ٻه رليون بوٽ تي وجهي سمهي رهيا. باقي ٻڌڻ ۾ آيو ته دادو ضلع جو نوجوان سينيٽر اعاجز جتوئي پڙ جهليو پختو ٿيو، بيٺو هو. بابا ڏهيسر ٽيڻ وارو اڃا ڪو بيو.

# اوهان ٽي ووٽ ڪپي يا ماني ڪپي

انگريز جي حڪومت کان وٺي اڄ تائين ماڻهو ووٽ ڏيندا آيا آهن پر تجربو اهو حاصل ٿيو آهي تہ هتي صرف ووٽ حاصل ڪرڻ واري جي لئہ ٿي آهي. ووٽر سدائين سورن ۾، بک، بيماري، جهالت جي حوالي رهيو آهي. ووٽ اسان کي زردار چالاڪ، موقع پرست، فرقي پرست، خون چوس، بداخلاق، بدڪردار قسم جا حاڪم ميسر ڪري ڏنا. ووٽ بيمار کي دوا ڪو نہ ڏني، ووٽ يتيم ٻار کي ڪو بہ سهارو ڪو نہ ڏنو، ووٽ ڪنهن بيوهہ جي پرگهور ڪا نہ ڪئي، ووٽ ڪنهن يتيم ٻار لاءِ اسڪول جي في ۽ ڪتابن جو بہ بندوبست ڪو نہ ڪيو. ووٽ صوبيدار جي ڏاڙهي پٽ، چور جي ڏنڊي، وڏيري جي بيگر ۽ڪري جي خرچ مان جند ڪانہ ڇڏائي.

ووٽ ڏئي مٿي لغڙباز، ڪڪڙ باز، ڪتي باز، سوئر باز، رنڊي باز، چرس باز، هيروئن باز، پير جي نذراني واري ڦر کان بہ جند ڪا نہ ڇڏائي.

ووٽ بيگناهہ جي جيل کان بہ جند ڪا نہ ڇڏائي.

ووٽ واپارين جي ڦر، ڪاموري جي رشوت مان بہ جند ڪا نہ ڇڏائي. انهن سيني ڳالهين مان نتيجو اهو ٿو نڪري تہ موجوده ووٽ جو طريقو صحيح نہ آهي. تنهنڪري اسان کي ووٽ ڪو نہ ڪپي ماني ڪپي. ماني لاءَ ڪهاڙي جي ضرورت ٿيندي، هرڪو اوهان کي ووٽ ڪپي تہ پوءِ طبقاتي نمائندگي هجي بکئي جو نمائندو هجي جيڪو اسيمبلي ۾ بک جي ڳالهہ ڪري هتي ووٽرن جي گهڻائي مسڪينن جي آهي پر ووٽ حاصل ڪرڻ وارا سڀ زردار، مير، پير ۽ وڏيرا آهن اهي ووٽ وٺي وڃيو پنهنجيون رنگ رليون مائين، پرمٽون وٺن، بئنڪن جا خزانہ لٽين، ڌاڙا هڻائين، غريبن جون لجون لٽين، ڪامورن جي پڙوت ڪن، شڪار ڪرائين مطلب تہ هر طرح ماڊول ويڪرا ڪرائين. سرڪاري خزاني مان باغن جا پڪا رستا ٺاهي پينگ ڪن ٿا. تنهن ڪري ضروري آهي تہ اسيمبلي ۾ جيئن قاديانين، هندن ۽ عيسائين لاءِ مخصوص جايون آهن اهڙي طرح ميرن، پيرن، وڏيرن، رئيسن ۽ جاگيردارن لاءِ بہ سندن آبادي جي بنياد تي سيٽون مقرر ڪيون وڃن پوءِ پاڻ ۾ وڃي ڏاڙهي پٽ ڪن. مسڪينن جي جند ڇٽي ويندي.

# خالي خزاني جي دانهن

جنهن ڏينهن کان مارشل لا گذري ويو ۽ عوامي حڪومت قائم ٿي تڏهن کان ملڪ جي وڏي حاڪم کان وٺي معمولي مشير تائين سڀني جي اها رٽ آهي ته خزانو خالي آهي، اڳيان حاڪم ڪائي ويا، ناس جي چپٽي به ڪا نه آهي جيڪا وڏي مائي ڪٽي سونگهي ويچاري.

قبول ڪجي ته خزانو خالي آهي، چو ته هتي شروع جي دور کان ڪو به پڇڻ وارو ڪونه هوندو آهي. خزاني خالي جي سزا عام ماڻهو کي نه ملڻ کپي چو ته ماڻهو قصور وارو ڪو نهي. خزاني کي لٽڻ لاءِ خاص ماڻهو هوندا آهن، هيئنر ماڻهن کي سرڪاري ڏر وارا چون ٿا ته في الحال صبر ڪريو، خزاني ۾ ڏوڪڙ ڪو نه آهن، پوءِ اوهان جا سڀ ڪم ٿي ويندا. ماڻهن کي ان جواب تي اعتبار ڪو نه ٿو اچي، هي ميمبر، وزير، مشير، سرڪاري ڪامورا، پوليس ڪماني، ٿاڻن جا صوبيدار، پاٿارين ۾ ماڻهو اغوا ڪرڻ وارا ته ساڳي لئي پيا ڪن، باقي مسڪينن جو اڌ ميل جو رستو، شاخ جي ڪاٿي ۽ مسڪين جي بيروزگار پٽ کي نوڪري نه ٿي ملي.

❋

# خزانو ڪيئن ڀرجي

گهڻن صاحبن کي خبر هوندي تہ هي ملڪ .زراعت وارو آهي، صنعتي ملڪ نہ آهي. ملڪ جي هلائڻ جو سرشتو هتي عجيب غريب رهيو آهي. هن ملڪ ڪڏهن بہ سچي جمهوريت ڪانہ ڏني، جنهن دور کي جمهوري دور سڏجي ٿو، ان ۾ خاص حلقو عيش ڪندو هو. ٻيا ويچارا حاڪمن جي موچڙي هيٺ هوندا هئا. وڏو عرصو ملڪ تي لانگ بوٽ وارن راڄ ڪيو آهي. انهن ڪان تہ پڇڻ وارو ڪير ڪو نہ هوندو آهي. چو تہ انهن جي وردي قل شيءِ قدير آهي، ملڪي ڪامورا جيڪي انتظام هلائڻ وارا آهن، لکن ڪروڙن روپين جون بجيٽون انهن جي حوالي ٿين ٿيون. هن ملڪ ۾ ڪامورن جو واحد ادارو آهي جيڪو مضبوط آهي، ڪامورن جو پاڻ ۾ وڏو اتحاد آهي.

هندستان جي ورهاڱي وقت جيڪي اردو وات ڳاڙها، شودا قسم ڪامورا دهلي سيڪريٽريٽ ڪان هتي اچي پهتا، تن پنهنجن کي وسائڻ لاءِ سرڪاري نوڪرين ۾ نيون جايون کولي وڌيون، اڳ ضلعي تي پوليس جو صرف ايس پي هوندو هو جيڪو سڄي ضلعي جو ڪم هلائيندو هو. هاڻ وري ان آفيس تي ايس ايس پي جو بورڊ لڳل نظر ايندو اهي، اها نئين مصيبت، هڪڙو گڏهہ تہ ٻيو وري گڏهہ جو ڦر. ڪامورا اهڙا ڪاريگر آهن جو هنن پنهنجا گريڊ خود ناهيا آهن، ١٦ گريڊ ڪان مٿي وارن جا ديڱڙا سٽيا آهن. ڪاموري ايڏي مضبوطي ان لاءِ حاصل ڪئي جو هو بہ ڪتاب پڙهيل آهن، هتي فوجي جنرل ۽ نڙڪو جمهوريت ۾ اڻ پڙهيل وڏيرن صاحبي ڪئي آهي. جن کي حڪومت ڪرڻ جي ڄاڻ گهٽ هوندي آهي. ان ڪري جنرل توڙي وڏيرا وزير ڪامورن جا محتاج رهندا آهن، جيڪي ڪامورا ڪن تنهنجي هو منظوري ڏئي ڇڏيندا هئا. ان جي معنيٰ تہ ڪامورو هر دور ۾ مضبوط رهيو آهي، هتي اڪيلن وارا صرف ڪامورا آهن، باقي ٻيا هنن جي پيٽ ۾ نابين آهن. ڏنو ويو تہ هڪڙي اڻپڙهيل وزير پنهنجي سيڪريٽري کي گهرايو جيڪو وات ڳاڙهو پناهگير هو، تنهن وزير کي ڪورا جواب ڏنا، واپسي

اردو ۾ وزير کي گاريون ڏيندو ويو، ڪامورن پنهنجي رهائش جون ڪالونيون ڌار قائم ڪيون آهن، شام جي وقت پنهنجن گڏجاڻين لاءِ ڪلبون ۽ جيم خانا قائم ڪيا آهن. جتي ٻين جي داخلا بند آهي. ڪامورن پنهنجي لاءِ خزاني مان رقم ڪڍڻ لاءِ ٽي اي ڊي اي، مسواڙي الائونس، سال ۾ ٻه دفعا ڊاڪٽري تپاس لاءِ سرڪاري خزاني مان لکين ڊالر خرچ ڪري آمريڪا جا چڪر لڳائڻ، پنهنجي سڄي فيملي جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ، هتي جو ڪامورو ايتري قدر دولتمند آهي جو سندس اولاد تي ٻه انَ جو اثر ٿيو آهي. وڏن ڪامورن، ڪليڪٽرن، ڪمانين، ٻيلي ڪاتي جي ڪامورن، واهن جا انجنيئر صاحب، انهن جا نون مهينن جا ٻار ته ويچارا ٽن مهينن تائين گونهه ۾ پريا پيا هوندا آهن، هليو ڪو نه جائن. هتي سنڌ ۾ جيڪي صاحب هاڻ تير ڏيکاري، ماڻهن کي دم دلاسا ڏئي ووٽ وٺي، وڃي اسلام آباد جي پرفضا مقام جي محلاتن ۾ وزير ٿي وينا ۽ پنهنجين تجوڙين پرڻ جي فڪر ۾ لڳي ويا آهن. ڪي صاحب ڪراچي جهڙي عروس البلاد شهر ۾ تخت نشين ٿيا. انهن جي ٻه لئي ٽي وئي. انهن کي ٻه ماڻهو چڱي طرح سڃاڻن ٿا.

ڪيترا ميمبري ۽ وزيري ڪان اڳ ٻئنڪن جي قرضن ڪان لڪل هئا، ڏينهن جو ٻراڻ جي پيٽ ۾، ڪيلي ۾ يا ديوين جي جهنگ ۾ لڪا پيا هوندا هئا. جن کي گلاس جي سڃاڻپ ٻه ڪانه هئي ٻر ٻوءِ ڊنر سيٽ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. تندي الهيار جي طرف هڪ وڏيري کي تپيدار ڊل ۾ ڪاهيو پئي ويو، وڏيري جي سٽڻ گونهه سان پريل هئي ۽ مکيون وينيون هيون، اهو ٻه ميمبر ٿي ويو. اهڙن نڪمن، جڏن ڪامورن، صوبيدار ۽ پيرن جي دلالن کي ماڻهن ووٽ ڪو نه ڪيو آهي. سنڌ جي بهادر ۽ غيرمند عوام سنڌي قوم پرستي جي بنياد تي ٻئي مرحوم جي پارٽي کي ووٽ ڪيو، هينئر ڪرسي تي ويهڻ ڪان پوءِ پيپلا جڪ پيا مارين ته سنڌ جي ماڻهن سنڌي قومپرستي ڇڏي وفاق کي ووٽ ڪيو آهي. ٻيلي يار پيپلا! اجايا خوار نه ٿيو. وفاق وارو ضياءُ به هو، شهيد اهو ٻه سڏيو ويو هو، پوءِ ڇو نه ان جي نالي تي اوهان سنڌ جي ماڻهن ڪان

ووڻ گهريا، پوءِ وڪ وڪ تي موچڙا کائو ها، جيئي پٽي وارو نسخو سدائين ڪو نہ هلندو. اهو بہ سوچيو تہ اڳتي جي اميد اٿئو تہ اوهان خود خزاني کي بچائڻ شروع ڪيو ايڏيون وڏيون آفيسون جن ۾ وزير صاحب توڙي سيڪريٽري صاحب وينا آهن. انهن تي ڪروڙين روپيا خرچ اچي ٿو، صاحبن جي ويهڻ لاءِ جيڪا ڪرسي رکيل آهي، ان جي ٽيڪ بہ آسمان تائين آهي. ڪي صاحب ٿوم جي ڳڙي جيڏا قد ۾ آهن، اهي تہ ويچارا ان ڪرسي ۾ ڏسڻ ۾ ئي ڪو نہ اچن. اوهان خود کي عوامي سڏايو ٿا اوهان پنهنجي هر شي کي پيپل سڏيو ٿا، بهتر آهي تہ آفيسن ۾ زمين تي ويهو، صوفا سيٽ وارا نخرا بند ڪريو. صبح کان شام تائين دروازا کولي ويهو، وزيرن ۽ ٻين ڪامورن جي رهائش لاءِ بہ هاسٽل هئڻ کپي. لکين روپين جو وري سينگار جو سامان، ڪو ضرور ڪونهي. وزير، سيڪريٽرين ۽ ٻين ڪامورن وٽ سواري لاءِ پيجارون جيپون، مرسڊيز، هونڊا ڪارون ۽ ٻيون بہ ڪيترن قسمن جون ايئرڪنڊيشن گاڏيون آهن. انهي نخري جو بہ ضرور ڪونهي. اسٽاف بس هئڻ کپي جيڪا هاسٽل کان سيڪريٽريٽ تائين کڻي اچي وڃي، باقي خير. صاحب پنهنجو بندوبست پاڻ ڪري. وزيرن ۽ مشيرن جي لوڏ پرتي ڪئي وڃي تي. پر ان جو بہ ضروز ڪونهي صوبو مسڪين آهي. هڪڙي وزير کان ڪم هلي تہ ٻيو وزير پرتي نہ ڪجي. وزيرن جا استقبال، تنبو، تولان، ڪرسيون گلم غاليچا، گلي ۾ نوٽن جا هار پائڻ لاءِ اهي شود پايون بہ بند ٿيڻ کپن. انهن سيني نسخن تي جيڪر عمل ڪيو ويو تہ متان صاحب بہ سادگي اختيار ڪري خزانو بہ بچائي ويندا ۽ ٻين ماتحتن لاءِ سبق بہ پيدا ڪندا. پوءِ ڪاموري جي ٽر ۽ عيش واري زندگي حاصل ڪرڻ وارو رستو بند ڪرڻ سولو آهي.

ڪيترين ڪامورن جون بيڪار وڏيون آساميون آهن، جن کي هزارين روپيا پگهار سواري لاءِ لکن روپين جي گاڏي، سينگاريل آفيس، سينگاريل بنگلو جنهن ۾ ڊسڪو جو سامان بہ سرڪاري خرچ تي فٽ ٿيل هوندو، ڪاموري کي ساڳيو درجو

ڏجي، ڇو تہ ھي پبلڪ سرونٽ آھي. ھڪڙو سورھون درجو تہ ٻيو ٻاويھون درجو ٿيو وينو آھي. انھن ڪامورن کان محلات نما آفيسون ترت ڦري ورتيون وڃن، ڪامورو آفيس ۾ ڪيترن دروازن ڪيترن پردن جي پويان وينو ھوندو آھي، جيئن سوئر ٻيلي ۾ ٿميو پيو ھوندو آھي، ڪامورو مسڪين پيرن اگھاڙي جو نوڪر آھي جو ان جي ڪمائي وينو کائي. ڪاموري کي عالي جناب حضور، عالي صاحب بهادر لکڻ بند ڪيو وڃي، ڇو تہ پنھنجي ملازم کي اھڙن لقبن سان لکي نہ ٿو سگھجي. ٿاڻن جي صوبيدار ڏي نظر ڪريو تہ سندن ٻن مٽن جيڏا پيٽ آھن، شرابن جا ليٽر پيئو اکيون ڳاڙھيون ڪريو، مسڪينن تي گار ۽ موڇڙي جي پيڙ لاھيو وينا آھن. صوبيدار، چورن، پاٽاريدارن، ماڻھن کي رستن تان اغوا ڪرائڻ وارن سان رنگ رليون ڪن، انھن سان حصا رکي ملڪ کي ڦرين وينا.

ڪراچي جي مشھور رھائشي ڊفينس سوسائٽين ۽ حيدرآباد جي لطيف آباد ۾ ٿاڻن جي صوبيدارن جا بنگلا آھن. ڪجھ وقت ٿيو تہ ڪراچي ۾ ھڪ صوبيدار ۽ سپاھي ايم ڪيو ايم وارن ماريا ھئا. صوبيدار جي لاش جي پير ۾ سنڌيءَ لکن روپين وارا ڪار ھوندا اڪارڊ بہ بيٺي ھئي. سپاھي جي پير ۾ صرف رٽ پيو ھو، صوبيدارن جا ڪنڌ مان ور ڪڍي ڇڏجن، ڪين پورو سپاھي بنائي ڇڏجي، صوبيدار اھڙو فرمانبردار ٿي وڃي جو چور ۽ ڌاڙيل تي نظر پوڻس تہ صوبيدار جا ٻئي ھٿ ان جي ڏاڙھي ۾ ھجن. اشراف ۽ مظلوم ٿاڻي ۾ اچي تہ صوبيدار اٿي بيھي ڪيس سلوٽ ڪري. باقي اھي ٿاڻا صوبيدارن لاءِ جاگيرون ھوندا تہ پوءِ ڪم ڪو نہ ھلندو. وزير پلي بيان ڏين، جڪ مارين، ڪامورا انھن کي ھلڻ ڪو نہ ڏيندا. چون ٿا تہ وزير جيڪو ڪجھ سيڪريٽري ڏي لکيو موڪلين، سيڪريٽري ان جو ڪو بہ جواب ڪو نہ ٿا ڏين، جي درخواست وارو سيڪريٽري صاحب کي تنگ ٿو ڪري تہ ھزارين گاريون سيڪريٽري وزير کي ڏي ٿو تہ اڻ پڙھيل وزير آھن، قاعدي جي خبر ڪا نہ اٿن، رڳو لکيو وينا ڏين. وزير سگھارا ھجن، پاڻ

## خاص تعليمي ادارا بند ڪجن يا انهن جا دروازا مسڪين شاگردن لاءِ کولجن

هتي ڪي اهڙا تعليمي ادارا، ڪاليج ۽ اسڪول آهن جن تي مسڪينن جي ڪمائي جا ڪروڙين روپيا خرچ ٿين ٿا. جن ۾ ملڪ جي حقيقي وارثن هارين، مزدورن ۽ وچولي طبقي جو اولاد تعليم، نہ ٿو حاصل ڪري سگهي. اتي رئيسن، ميرن، پيرن، سينين، ڪامورن، ڪرنلن ۽ جنرلن جا ٻار تعليم حاصل ڪن ٿا، داخلا بہ انهن کي ملي ٿي. خاص ڪري هن ريت اهي تعليمي ادارا آهن، پبلڪ اسڪول، ڪانونين اسڪول، ڪيڊٽ ڪاليج، گرامر اسڪول ۽ ٻيا انيڪ نالا رکيل آهن. انهن اسڪولن ۽ ڪاليجن کي هلائڻو آهي تہ انهن ۾ سٺ سيڪڙو جايون غريب شاگردن لاءِ مخصوص ڪيون وڃن، انهن جي پڙهائي جو خرچ اڌ حڪومت ادا ڪري ۽ اڌ جيڪي شاهوڪارن جا ٻار پڙهن ٿا انهن کان وصول ڪجي، جيئن غريب شاگرد بہ انهن اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪري سگهن. مسڪين شاگردن جو ڪپڙن، ڪتابن ۽ هاسٽل جو خرچ حڪومت ڀري. ڊاڪٽري انجنيئري ڪاليجن ۾ ٦٠ سيڪڙو جايون غريبن لاءِ رکيون وڃن.

زوردار سفارش ڪيپي. معلوم ٿيو تہ ڇورو ان پڙهيل هو. مڙئي لم نم تي زور هئس. سنڌ جي وڏي آبادي ٻهراڙي ۾ ڳوٺن ۾ رهي ٿي جتي ماڻهو جا بنيادي سک تہ آهن ڪو نہ پر تعليم جو بہ حال پورو سارو آهي. ڪٿي شاگرد آهن تہ اسڪول ڪونهن، ڪٿي اسڪول آهي تہ وري شاگرد ڪو نہ ليندو، ڪي اسڪول اڌ ڊنل آهن. انهن ۾ نانگ بلائون بہ اندر وينا آهن. ماستر صاحبن جي بہ گھڻائي اڻپڙهيلن جي آهي، ڪي نشي باز ۽ ڪي وري وڏيرن جي سريتن جو اولاد آهن، جيڪي اصل ڪو نہ ٻارن کي پڙهائين. هينئر ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ ماستري جي نوڪري جي رشوت ويهہ هزار ڪن آهي، ماستري مليو وجي علم عقل تجربي جي پڇا ڪا نہ آهي. رڳو رشوت جي رقم جي پڇا آهي. روهڙي جا شيخ، ڏيپلي جا ميمن ڪامورا دڪان کوليو وينا آهن، هينئر پٽيوالي لاءِ بہ رشوت جو انگ ڏهاڪو هزار روپيا پيو ٻڌجي. چو تہ عوامي راڄ آهي. اڻ پڙهيل جي هٿ ۾ ماڻهو جي تقدير اچي وڃي آهي. ٻهراڙي ۾ تعليم اڻپوري هجڻ ڪري شاگرد جي تعليم جو معيار گهٽ هوندو آهي، شهري شاگرد جو معيار وڏيڪ هوندو. ٻهراڙي جو شاگرد مسڪين، اسڪول ۾ موالي اڻ پڙهيل ماستر جا موچڙا کائي ماستر جي گهر جو ڪم ڪار بہ ڪري موڪل مهل جڏهن گهر وڃي ٿو تہ اتي بہ هن لاءِ ڪم رکيو آهي.

ڪانئن جي پري آئيندو، ڳاهہ جي پري ڪٽي ايندو. مقابلي وارين نوڪرين ۾ ٻهراڙي جو شاگرد اچي نہ ٿو سگهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ جيسين شهر ۽ ٻهراڙي جو تعليمي نظام صحيح ٿئي ۽ هڪ جهڙو هلي، تيسين مقابلي جي امتحانن ۾ شهري شاگرد صرف ٻي جي مقابلي ۾ ويهن. انهن کي چاليهہ سيڪڙو جايون ڏجن. باقي سٺ سيڪڙو صرف ٻهراڙي وارا شاگرد پنهنجي مقابلي ۾ ويهن، پوءِ انهن ڳاري ڳپ ۽ ڇيڻن سان هٿ پيريل مسڪينن جي حق تلفي نہ ٿيندي نہ تہ مسڪين سدائين سورن ۾ هوندو.

چاچا... ڪري ٿا سگهن....؟ هن ڪان اڳ چرخ ڪُهنَ جي سفر ۾ چاچا نہ ڪري چڪا آهن...! ۽ نہ معلوم تہ اڃا بہ چا چا نہ ڪري سگهندا...!! جنهن لاءِ ايندڙ نسل کي هميشہ تيار رهڻ گهرجي. آئون هن وقت فقط مرحوم جناب ذوالفقار علي ڀٽو سان، سياسي، سماجي ۽ نظرياتي اختلاف رکڻ جي باوجود نيڻن مان نير وهائيندي، ڏڙڪندڙ دل کي ويتر وڌيڪ ڏڙڪائي، ڪيس....! رسم منصوريءَ ۾ تختہ دار تي ڏسي، شان سَرمدي ۾ اڻيندي، شهادت جو درجو ڏيان ٿو. بقول "تنوير" نقوي،

"کتني منصور سوليون پہ چڙهي، کتني سرمد قتل مزيد هوئي،
کتني پيدا يهان يزيد هوئي، کتني ابن علي شهيد هوئي."

اهڙي طرح سان، مولانا محمد علي جوهر جو اهو غزل بہ ياد آيو اٿم، جيڪو گول ميز ڪانفرنس لنڊن جي موقعي تي لکيو هيائين، تنهن کي بہ هتي پيش ڪجي ٿو.

غزل

مل چڪا تجهہ سي صلا، مجهڪو وفاداري کا،
پاس آيا نہ سليقہ، ڪبهي دلداري کا.

-١-

طفل مَڪتب هي تري سامني خود چرخ ڪهن،
کَسني سکهايا هي يہ، انداز دل آزاري کا.

-٢-

هم ڪو خود شوق شهادت هي، گواهي ڪيسي!
فيصلہ کر بهي چکو، مجرم اقراري کا.

-٣-

عاشقون کيلئي هي، دارهي داروئي شَفا،
عشق کي طِب مين دوا، نام هي بيماري کا

-٤-

هم نہ سب ڪو يهين، چوڙ چَلا - اي "جوهر"
نام سنتي ٿي بهت، تيري وفاداري کا

مولانا صاحب کي بہ انهيءَ فلڪ ڪج رفتار ناهنجار کان سخت شڪايت هئي، سندس ميت بہ وصيت مطابق لنڊن کان بيت المقدس آئي، مسجد ابراهيمي جي صحن، ۾ آخري آرامگاهہ طور دفن ڪئي وئي، جهڙي طرح جناب ذوالفقار علي ڀٽو جي ميت کي بہ اُڏان ۾ آڻي، پنهنجي جدِ امجدِ اباڻي قبرستان، نئين ديري جي

تي ڳائيندا وڄائيندا رهندا. ٻي پاسي اديب پنهنجي ادب ۾ قلم هلائي ڪيئي ڪهاڻيون، افسانا ۽ حقيقتون پيش ڪري، بار بار ورجائي دهرائي ايندڙ نسل کي اهو ٻڌائيندا تہ، هتي ڇا ڇا نہ ٿي گذريو آهي، جنهن لاءِ بہ "تنوير" نقوي پنهنجي هڪ طويل نظم ۾ چيو آهي تہ،

آني والي افسانہ گو ڪهين گي يہ افساني،
آني والي گاني والي، گائين گي يہ گاني.
تواريخ دهرائي گي، جب، يہ خوني دؤر همارا،
آني والي نسلون کا دل، هوگا پاره پاره،
تُف هي تجهہ پہ، ابن آدم ڪهتا هي شيطان،
لعنت بر شيطان نهين، درنده نما انسان.

مٿئين مضمون کي ختم ڪندي درس عبرت حاصل ڪري توبهہ استغفار پڙهندي، آخر ۾ اهو لکجي ٿو تہ،

ناڪرده گنا هون ڪي سزا ملتي رهي گي،
گو جرمِ ڪئي آج بهي تشريح طلب هين."

بخشڻ مهراڻوي، مسٽر قمر پٽي ۽ ٻيا ڪي نوجوان ليکڪ ۽ شاعر هئا . مون سان اول شمشير الحيدري وڏي اچي ياڪر پائي مليو . پيڻ وينا بہ اچي ملي، مون ڪيس پنهنجو پورو تعارف ڪرايو. جنهن تي مائي وينا منهنجي اچڻ جو اعلان ڪيو ۽ ماڻهن سان تعارف ڪرايو، شاهہ لطيف سميلن پهرين تاريخ کان شروع هو پر آئون ٣ تاريخ تي پهتس بہ ڏينهن اڳ واري ڪارگذاري مون کا نہ ڏٺي. هندستان جي نامور سنڌي اديبن مان مسٽر آسن اُتمچندائي، سندس گهر واري مائي سندري هئا ، ٻين ۾ مس پشپا ياناڻي، مائي پدما ياتيا ، مسٽر ملڪاڻي جيڪو سنڌ جي مشهور ڪانگريسي پروفيسر ملڪاڻي جو پاءُ هو، اهو بہ صاحب علم ٿي ڏٺو. سنڌ مان جيڪي مهمان آيل هئا ، انهن جي رهڻ ۽ کائڻ پيئڻ جو بندوبست بہ ان هال جي ويجهو هڪ بنگلي ۾ ڪيل هو. اهو سمورو انتظام مائي وينا شرنگي جو ڪيل هو.

مون دوستن لاءِ ڪجهہ سوکڙيون سنڌ مان آنديون هيون. سنڌي ٽوپيون، اجرڪون، زنانيون پوتيون. مون هڪ پوتي مائي وينا کي پارائي، هڪ پوتي مائي سندري کي پارائي. جلسي ۾ هندستان جي راڄ سڀا ، هتي سينيٽ سڏين ٿا ، ان جو ميمبر شري رام جنرن وڪل بہ مهمان خاص ڪري گهرايل هو. ان صاحب بہ تمام وزن واري ۽ ياڻيچاري واري تقرير ڪئي. ٻيو خاص مهمان هندستان جي لوڪ سڀا ، پارليامينٽ جو ميمبر ، مسٽر گائڪواڙ هو، جيڪو بڙودي جو رهڻ وارو ۽ بڙودي جي اڳين حاڪم راجا جو پٽ هو، ان بہ تمام سٺي تقرير ڪئي. هن کي شاهہ صاحب متعلق چڱي ڄاڻ هئي. مسٽر گائڪواڙ چيو تہ سورٺ تہ هندستان جي صوبي گجرات جي هئي. جنهن جي نالي شاهہ صاحب جي رسالي ۾ سر سورٺ آهي. مسٽر گائڪواڙ سال ١٩٩٠ع ۾ ٿيندڙ جشن لطيف، بڙودي ۾ ملهائڻ جو اعلان ڪيو، نوجوان ۽ خوبصورت هو.

سندس اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ شاهي خاندان وارو هو، شهزادو ٿي لڳو، مون ڪيس نمائي سنڌ ڌرتي جي سوکڙي اجرڪ ڪلهن ۾ پارائي، بيحد خوش ٿيو . سندس نيڻ نري پيا . مون

کي پاڪر پائڻ ۽ اجرڪ کي چمڻ لڳو. جڏهن هڪ ٻئي مان پاڪر ڪڍياسين، تڏهن اسان ٻنهي جون اکيون ڳوڙهن سان پرجي ايون، ڪارڻ ڪهڙو هو - سا خدا کي خبر هوندي. منهنجي خيال ۾ اسان جو پنهنجن هٿن سان هڪ ٻئي کي وڇوڙو پيدا ڪيل هو. مونکي گائڪواڙ ۽ پاڻ ۾ ڪو به فرق محسوس ڪو نه ٿي ٿيو.

ڪانفرنس ۾ آيل مهمانن به پنهنجا مقالا پڙهيا. هند واسين سنڌين به پنهنجا مقالا پيش ڪيا، راڳ جون به محفلون ٿيون. مقامي سنڌي پيترن سني سر سان شاهه لطيف، سچل سرمست، سامي صاحب جا ڪلام ڳائي ٻڌايا. جن کي سيني آيلن داد ڏنو. مائي وينا مونکي به هڪ سيشن جو مهمان خاص ڪري مٿي اسٽيج تي ويهاريو. گلن جو هار پارايو مونکي به چيو ويو ته ڳالهايو. منهنجي لاءِ اهو وڏو مسئلو پيدا ٿيو. ڇو ته آئون نڪو شاهه لطيف جو ڪاهوڙي، نڪو علامه، ڇا ڳالهه ڪجي؟ آئون به همت ٻڌي مائڪ تي اچي بيٺس. شروعاتي مرحبائي ڪلمات ڪان پوءِ مون ايترو عرض ڪيو ته شاهه لطيف ان دؤر جو واحد شاعر آهي. جنهن، وقت جي حاڪمن جا گيت ڪو نه ڳايا آهن. مون حاضرين کي چيو ته هت دهلي ۾ امير خسرو جهڙا مدفون آهن. جن مغلن لاءِ سارنگيون ۽ ٻيا ساز ناهيا، انهن جي چاپلوسي ڪندا رهيا. پنجابي شاعر اقبال سيالڪوٽي انگريزن جا ڳڻ ڳايا، بادشاهه جارج پنجين لاءِ وڏي مناجات لکيائين. تنهن ڪري انگريزن هن کي "سر" جو خطاب ڏنو.

سنڌ جي مشهور ليکڪ مرحوم مرزا قليچ بيگ به انگريزن جي بادشاهه لاءِ وڏي دعا لکي، جيڪا ان وقت اسڪولن ۾ صبح جو پڙهائي ويندي هئي، سا هيءَ هئي.

شهنشاهه کي اسان جي تون سلامت رک خداوند

ان جي عيوض انگريزن مرزا قليچ بيگ کي شمس العلماءَ جو لقب ڏنو ۽ کيس ڊپٽي ڪليڪٽر جي نوڪري به ملي هئي، سندس سوين ڪتاب به لکيل آهن.

صرف پٽ ڌڻي شاهه لطيف سائين آهي، جنهن بنا

ذات پات جي انسان کي ڳايو آهي، سڄي دنيا جي خوشحالي لاء دعائون ڪيون اٿس. ٽاٽا ۽ برلان جهڙن شاهوڪارن کي ننديو اٿس. هن جو سڄي برصغير جو سير ڪيل هو. خاص ڳالهه جيڪا شاهه صاحب ڪري ويو سا هي آهي ته مذهبي ٺيڪيدارن، ملن، پنڊتن، پروهتن، ساڌن جي منهن تي دانگي ملي ويو آهي. انهن سيني کي انسان ذات جو دشمن ڪوٺيو اٿس. اهي اکر چئي مون پنهنجي جاء والاري. ۴ تاريخ تي اسيمبلي جو آخري اجلاس هو. ان ڏينهن تي سڀني مهمانن کي منجهند جي ماني مسٽر رامچند وڪيل ميمبر راجيه سڀا پارليامينٽ هائوس ۾ ڪارائي، اهو به سنو موقعو هو، اها جاء ڏسڻ لاءِ. اسان سيني وٽ پاسون هيون، مسٽر وڪل اسان سان گڏ هليو، مين دروازي تي هر هڪ کي سيڪيورٽي وارا چيڪ ڪندا ويا. جڏهن اندر داخل ٿياسون، آئون ڏاڍو خوش ٿيس ته هن اسيمبلي ڪڏهن به مارشل لا جو منهن نه ڏٺو آهي. وزيٽرس بڪ تي سيني صحيح ڪئي، پوءِ ڪائنڊ واري هال ۾ داخل ٿيا سون، صاف سٿرو هال هو، هني جا ته نخرا نرالا آهن، ٽيبل تي سڀ ويهي ويا سون، اندازن سٺ ماڻهو هوندا. مسٽر وڪل ويشنو هو، گوشت ڪائيندڙ ڪو نه هو، تنهن ڪري اسان کي ويشنو کاڌو مليو. سبحان الله ڇا تعريف ڪجي. وسري ڪو نه ٿو. ماني کائي فارغ ٿيڻ کانپوءِ مسٽر وڪل اتي جي هيڊ بورچي سان ملايو، جيڪو مسلمان هو. اسان سيني سنڌ واسين سندس رڌل ماني کي ساراهيو. مون مسٽر وڪل کي سنڌ اچڻ جي دعوت ڏني ۽ کيس چيم ته اتي توکي شاهه لطيف جي زيارت به ڪرائيندس.

مون ڪوشش ڪئي ته راجستان ۾ منهنجي اباڻي ڳوٺ جا ماڻهو رهن ٿا، انهن کي به ڏسجي، الائجي ڪهڙا زنده آهن، ڪهڙا گذري ويا. ڪيترا ننڍي هوندي اسڪول ۾ گڏ پڙهيا هئا. ان ڪري آئون دهلي ۾ پاسپورٽ آفيس ۾ ويس، اتي هڪ خالصو سردار جي آفيسر هو. ان کي مون پنهنجو پاسپورٽ ۽ ويزا ڏيکاري، کيس ٻڌايم ته اجمير، جئپور ۽ جوڌ پور شهرن جي چئن ڏينهن جي ويزا کپي جو اتي منهنجا اصلوڪا هم وطن رهن ٿا.

آئون انهن کي ڏسڻ چاهيان ٿو، سردار جي مونکي ويهاريو ۽ پنجن منٽن ۾ مونکي ويزا ملي وئي، ڏاڍو خوش ٿيس، مون پوءِ پنهنجو پروگرام ناهيو. اهو بہ خيال ڪيم تہ واپس وري دهلي کان وڃبو. ان ڪري في الحال بين شهرن مان گهمي ڦري اچجي. مون وٽ ڀارت ۾ رهڻ جي ٽن مهينن جي ويزا هئي.

مون دهلي کان صوبي مڌيہ پرديش جي شهر راءِ پور وڃڻ جو ارادو ڪيو، اتي منهنجو جواني جو پيارو ۽ عظيم دوست مسٽر گلاب راءِ پڳواڻي رهندو هو، گلاب راءِ اصل نوابشاهہ جو رهاڪو آهي. جنگ آزادي جو هيرو آهي. هن انگريزن جا ڪيترا جيل بہ ڪاٽيا. مون ٽيليفون تي ان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ ڪيس راءِ پور اچڻ جو ٻڌايم. بيحد خوش ٿيو، چوڻ لڳو تہ هڪدم پهچ دير نہ ڪر، هاڻ منهنجون اکيون توکي ڏسڻ لاءِ سڪي رهيون آهن.

هندستان ۾ سٺي سواري ريل جو سفر آهي. منهنجي خيال ۾ دنيا جي جن ملڪن ۾ ريلوي جو سٺو انتظام آهي، تيئن ڀارت ۾ بہ ريل جو سٺو انتظام آهي.

ريل گاڏيون بجلي تي هلن ٿيون، جن جي اسپيڊ بہ تمام گهڻي آهي. مون دهلي مان ڇتيهہ ڳڙهہ نالي ايڪسپريس ۾ سيڪنڊ ڪلاس ايئر ڪنڊيشن ۾ پنهنجون بہ سيٽون بڪ ڪرايون. دهلي مان گاڏي هلڻ جو ٽائيم شام جو ٥ بجي هو. تاريخ ٨٩-٩-٦ هئي. منهنجو دوست مسٽر ٽولا رام جنهن جي گهر اسان مهمان هئاسون، ٽيڪسي ڪري دهلي جي اسٽيشن تي پهتاسون، گاڏي تيار هئي. اسان سامان کڻي گاڏي ۾ پنهنجن سيٽن تي ويناسون. ريل عاليشان هئي، جنهن سيڪنڊ ڪلاس گاڏي ۾ اسان جون سيٽون هيون، اهو بہ عاليشان هو. هن ۾ بہ مسافر هئا، جيڪي ڀوپال وڃي رهيا هئا، گاڏي جڏهن رواني ٿي، تڏهن انهن ٻن مسافرن مان هڪ ڄڻي مونکان خبر چار پڇي، ڇو تہ مون کي سنڌي لباس پاتل هو. مون هن کي ٻڌايو تہ آئون سنڌ کان آيو آهيان. هي ننڍڙو منهنجو پٽ آهي، اسين راءِ پور وڃي رهيا آهيون، اتي

منهنجو هم وطن دوست آهي، ان سان ملڻ ٿو وڃان، هن مونکان منهنجي دوست جو نالو نشان پڇيو، جو ڪيس مون ٻڌايو، اهو همراهه منهنجي دوست گلاب راء جو واقف هو. هنن مونکي منهنجي دوست لاءِ ٻڌايو تہ وڏو غريب پرور ۽ بهادر انسان آهي. هن جي شهر ۾ وڏي عزت آهي، آئون دل ۾ خوش ٿيس تہ منهنجو يار هتي بہ عزت وارو آهي. ان همراهه چيو تہ آئون بہ ڏينهن ۾ راءِ پور ايندس، پوءِ اوهان جي دوست وٽ ملاقات ڪبي.

ريل ۾ کاڌي جو سٺو بندوبست هو، ويشنو کاڌو في ماڻهو ساڍا ست روپيا هو. گوشت وارو کاڌو في ماڻهو ساڍا ٻارنهن روپيا هو. اسان ٻئي قسم گهرائي کاڌا. ان ريل ۾ ٻہ راتيون ۽ هڪ ڏينهن لڳي ويو. رات جو ريل وارن طرفان بسترن جو بہ انتظام آهي. ريل ۾ في بسترو پنج روپيا آهي. ان ۾ هڪ ڪمبل بہ چادرون هڪ وهاڻو، هڪ ننڍو توال، سي بہ صاف سٿرا، اسان بہ پنهنجي لاءِ بہ بسترا ورتا. واٽ تي خاص شهر جهانسي ۽ ڀوپال آيا، ايئرڪنڊيشن گاڏو هو. ان ڪري دريون بہ بند هيون، شيشي جي دريءَ مان ٻلي نظارا ڏسندا هلو. ملڪ سڄو سائو هو. سڄي رستي سان اسان جام ڪارخانا ڏٺا، ڪي لوهه جا هئا، ڪي سيمنٽ جا ۽ ڪي کنڊ جا. هندستان ۾ هر کنڊ جي ڪارخاني ۾ شراب جو بہ ڪارخانو آهي. ڪمند مان اعليٰ درجي جو شراب ٺهي ٿو ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي ٿو، جام ناڻو اچي ٿو. واقف ڪار ٻڌايو تہ هتي جو شراب سئيٽزرلينڊ جي اوچي وسڪي کان بہ اعليٰ عمدو ۽ سستو بہ آهي. هن همراهه چيو تہ هتي چاليهہ روپين کان سئو روپين تائين اوچي وسڪي جي بوتل ۽ اعليٰ قسم جو بيئر ١٢ روپيا بوتل، اها ٽڏي ڪري پيئو تہ چوڏهن طبق روشن! اصل نيڻ نرڀو پون. مون ان همراهه کي چيو تہ ادا اوهان ڀارت واسي خوش نصيب آهيو، جو طبق روشن پيا ڪريو. اسان وٽ ماڻهو ڀنگ جي دڪي لاءِ پيو سڪي. اتي وارن جا طبق روشن ٿيڻ بجاءِ اونداها ٿي ويا آهن.

ريل اسان کي ١٠ بجي صبح جو راءِ پور تي آندو. اسان جو پيارو دوست پاڻرن کان بہ وڌيڪ مسٽر گلاب راءِ پگوانائي، پنهنجي جوان

جيو ته هن جي اکين ۾ ڪا به تڪليف نه آهي، پوءِ شيشي جا نمبر ٽيسٽ ڪيائين، ان جون به مشينون هيون. هتي ته پت تي ي بي سي ۽ الف بي لکي پئي آهي، ماڻهو جي اک تي هٿ رکي بي اک سان اکر پڙهايو، نمبر ڏيو چڙين، تنهن ڪري پاڻ وٽ انڌن جو تعداد وڏيڪ آهي. اسان جي گهمڻ ڦرڻ لاءِ پروگرام منهنجي يار، پنهنجي پٽ اڏير جي سهري سان ناهيو. اهو پاڻيءَ جو انجنيئر هو. راءِ پور کان اٽڪل هڪ سئو ڪن ميل پري اهو همراهه اتان جيپ ڪاهي آيو. اسين ان ۾ چڙهي روانا ٿيا سون. برسات به هئي، سڄو علائقو ساريال پوک جو هو. هر طرف ساوڪ آبادي کي پاڻي برسات جو هو. ان علائقي ۾ سال جي سراسري برسات ۵ انچ کان به مٿي هئي ۽ برسات جي پاڻي کي وري وڏا ڊيم آهن، انهن ۾ گڏ ڪيو تو وڃي، اتان واهه نڪرن ٿا.

اسان اها رات انهي انجنيئر صاحب جي بنگلي تي ڏمري شهر ۾ گذاري. صبح جو سوير ناشتو ڪري، اسين جيپ ۾ سوار ٿي، ادي باسين جي علائقي جڳدلپور روانا ٿيا سون جيڪو اتان به سئو ڪن ميل هو. ان علائقي ۾ ٽائيگر شينهن رهن ٿا. برساتن جي ڪري نديون نالا پاڻي سان پئي ڪڙڪيا، پڪي ڪاٺ جا جهنگل آهن، ٽاڪرو لاهيون چاڙهيون به آهن، واٽ تي سرڪاري ريسٽ هائس به نهيل هئا. اسان به هڪ بن ۾ چانهه پيتي، ماني ڪاڌي، ريسٽ هائوس به انگريزن جي وقت جا هئا، عاليشان ۽ سستا هئا. جنهن علائقي ۾ ٽائيگر شينهن رهي ٿو، اتي رستي تي بورڊ لڳل آهن. انهن تي لکيل آهي ته هوشيار رهو، هن ايراضي ۾ ٽائيگر شينهن رهن ٿا. بورڊ تي شينهن جي تصوير به پينٽ ٿيل هئي. رستي ۾ هلندي اسان جهنگلي ڪڪڙ به جام ڏٺا، پولڙا ۽ لنگور به هزارن ۾ هئا. پارت ۾ هر قسم جي شڪار تي پابندي آهي. ان ڪري اتي پکين ۽ جانورن کي پناهه آهي. اتي ٻڌايو ويو ته شينهن کي مارڻ واري جي لاءِ سزاءِ موت آهي، مور پکي، هرڻ، تتر وغيره لاءِ ١٥ سال قيد جي سزا آهي. هتي وارا شڪاري مير، پير ۽ وڏيرا ان طرف شڪار لاءِ موڪلجن ته ڦاسيون چڙهي وڃن. پاڻ

ڪلڪتي ۾ هڪ نمائش هئي، جنهن ۾ هڪ اسٽال چترڪاري جو به هو، يار جي ننهن به چترڪار هئي، ان کي نمائش ۾ پنهنجون پئينگس رکئيون هيون. مون چيو ته يار نيڪ. هن اتي ڪن پنهجن واقف ڪارن سان ملايو. هڪ ڏينهن گوشت مارڪيٽ ۾ وٺي ويو. جنهن ڪاسائي کان گوشت وٺندڙ هو. ان کي چيائين ته هي منهنجو دل جو ٽڪرو اچي ويو آهي. تنهن ڪري تون به گوشت اهڙو ڪاراءِ، ان اشراف به گوشت اعليٰ ڏنو. چاءِ سگريٽ جي به خاطري ڪيائين. هڪ ڏينهن بازار ۾ هڪ بندوقن جي واپاري بوهري وٽ وٺي ويو، مون پنهنجي يار سان جيڪا ڪچهري ڪئي هئي، ان ۾ مون عبدالستار ايڌي جي خدمتن جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو هو. دڪاندار بوهري کي مون واري يار، چيو ته هي منهنجو دلبر دوست آهي. سنڌ مان مون سان ملڻ آيو آهي. هي پهريون مسلمان آهي سنڌ جو جيڪو منهنجي گهر آيو آهي. بوهري سيٺ چاءِ بسڪٽ جي خاطري ڪئي. بوهري سيٺ جا به نوجوان پٽ به دڪان تي هئا. انهن مان هڪڙي لاءِ منهنجي دوست گلاب راءِ چيو ته ياءُ عبدالستار ايڌي جي نيڪين جي ڳالهه ڪئي هئي، تيئن هتي راءِ پور ۾ عبدالستار ايڌي وارا ڪم، هي نوجوان بوهري پيو ڪري. آئون هڪدم ڪرسيءَ تان ٽپ ڏئي اٿيس. ان نوجوان بوهريءَ کي پنهنجي سيني سان لڳايم. سندس پيشاني مون چمي. وڏي سيٺ کان پڇيم ته هي اوهان جا نوجوان پٽ شادي شده آهن؟ سيٺ مشڪي چيو ته نه! ٻئي ڪنوارا آهن! مون سبب پڇيو سيٺ چيو ته هندستان۾ اسان بوهرين پنهنجي پير جي انڌي عقيدي جي مخالفت ڪئي. آءُ به انهن مان هڪ بوهري آهيان. بغاوت سبب اسان جي پير مون کي پنهنجي جماعت مان خارج ڪري ڇڏيو آهي. نه ڪو بهرو اسان کي رشتو ڏيندو، جي مري وڃجي ته به بوهري ڪو به ڪونه ايندو. انهن حالتن جي ڪري هي نوجوان منهنجا پٽ وينا آهن. مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو ته پير ڪيتري قدر پينگ پيا ڪن. مون مذاق ۾ وڏي سيٺ کي چيو ته اوهان پنهنجي خزاني سميت ترڪ وطن ڪري اسان وٽ هلو. اتي اهڙا پير اوهان کي ملندا، جي اوهان جا ڇوڪرا پاڻ وٽان شادي

ڪرائي ڏيندا، ڏاڍو ڪليو. مونکي چيائين تہ ائين ٿيندو؟ مون چيو مانس بلڪل. تون ڪروڙ پتي آهين. ڪراچي ۾ هلي وڏو ڪاروبار شروع ڪر، تنهنجا پٽ چوريون غراري باز ڪٿي وينديون. مونکي سيٺ هڪ لڪڻ ڏنو، يادگيري لاءِ مون بہ آتي ان لڪڻ کي گهر پيڙو ڪيو.

پوءِ منهنجي دوست ريل جي بڪنگ ڪرائي ڪلڪتي لاءِ. اسان سان سامان بہ جام ٿي ويو. جو مائيءِ جئي شري جي، پيننگ جا ڪوڪا ڪم از ڪم چار وڏا سارا هئا. مائي جئي شري جا ناناڻا ڪلڪتي ۾ هئا. ان ڪري فون تي انهن کي اطلاع ڏنو ويو. ريل جو وڏو سفر هو، اسان کي بہ ڏينهن لڳا. ڪلڪتي ۾ اسٽيشن جو نالو هوڙا آهي. اتي صبح جو چار بجي ريل پهتي. مائي جئي شري جو مامو مسٽر ٿهلياڻي موجود هو. پليٽ فارم تي ان سان هڪ نوڪر بہ هو، بہ چار ڪولي ڪري سامان آندو سون، ٻاهر ويگن هئي. ان ۾ سامان رکي روانا ٿيا سون. هوڙا ريلوي اسٽيشن ڪانپوءِ پل رستي هو گلي ندي پار ڪبي پوءِ ڪلڪتي جو شهر ايندو آهي. اسان بہ گهڻو مفاصلو ڪيو. منهنجو اندازو هو تہ ٽيهارو ميل ٿيندو، وڃي مسٽر ٿهلياڻي جي گهر پهتاسون، هي پاڻ ۾ ٽي ڀائر هئا. هر هڪ ڀاءُ جو الڳ فليٽ هو. سندن پيءُ بہ حيات هو، جيڪو نندي پٽ سان رهندو هو. مونکي ٻڌايائين تہ آئون سنڌ ۾ ٻيلي ڪاتي ۾ نوڪري ڪندو هوس. مرحوم مير غلام علي خان ٽالپر ٽندي محمد خان واري جا وڏا ڳڻ بيان ڪيائين. اجا تندرست هو، سندس گهر واري بہ حيات هئي. اها بہ تندرست هئي. اسان ان ڀاءُ سان رهيا سون جيڪو اسٽيشن تان اسان کي وٺي آيو هو.

ان جي گهر واري سنڌ جي مشهور سخي شهيد ڪنور ڀڳت جي نياڻي هئي، اسان کي اهو شرف حاصل ٿيو، جو اسان ان خاتون جي هٿن جي ماني ڪاڌي. سندس شهيد والد جي هڪ تصوير ۽ سندس ڳايل ڪلامن جي هڪ ڪيسٽ بہ ڏنائين. هن فيملي جو ڪاروبار ٺيڪيداري هو. وڏا امير ماڻهو هئا، سندن رهائش اميرن واري هئي، ٽي چار موٽر ڪارون هنن وٽ هيون.

فليٽن ۾ لفٽ جو انتظام هو، دروازي تي هر وقت دربان موجود هوندو هو.

اسان ڪي هنن ڪلڪتي شهر جون تاريخي جايون ڏيکاريون. خاص علائقا شهر جا ٻه گهمي ڏنا سون. ڪلڪتو هندستان جو وڏو شهر آهي. هن جي آدمشماري پونا ٻه ڪروڙ ماڻهو آهي، سواري لاءِ شهر ۾ بجلي جو ٽرام آهي، رڪشا ٽيڪسيون به جام آهن، منهنجي خيال ۾ ڪلڪتو سستو شهر آهي. ماڻهو جي ضرورت جون شيون ايتريون مهانگيون نه آهن. ڏيڍ روپئي ۾ به ماڻهو پيٽ پري سگهي ٿو. اسان اتي آني وارو پلو به کاڌو، بنگالي پلي کائڻ جا شوقين آهن. پلي کي بنگالي زبان ۾ هلسا چوندا آهن. هندستان جي عظيم شاعر ڊاڪٽر رابندر ناٿ ٽيگور جي قائم ڪيل شانتي نڪيتن يونيورسٽي به ڪلڪتي کان ڏيڍ سئو ڪلو ميٽر پري آهي. مونکي ڏاڍو شوق هو ته اهو ادارو ڏسجي پر موقعو نه مليو. ڪلڪتي ۾ زمين جي اندر ريلوي جو نظام قائم ڪيو ويو آهي، في الحال زير زمين ريلوي اسٽيشنون پنج آهن، ان زمين دوز ريل جو به سفر ڪيو سون، سهڻي ريل هئي ۽ تمام تکي اسپيڊ واري هئي، ٻه دفعا اسان ان جي سواري ڪئي، طبيعت ئي خوش ٿي وئي. ڪلڪتي ۾ وڪٽوريا ميوزم ڏسڻ جهڙو آهي، جنهن ۾ انگريز دور جون ڪيتريون شيون آهن. لارڊ ڪلائيو جي پائڻ جا ڪپڙا به رکيا هئا. ڪلي پور وارو چڙيا گهر هو پر هينئر ان جو حال ڪو نه هو. هڪڙي چوڪيدار چيو ته هاڻ ايترا سياح ڪو نه ٿا اچن، تنهن ڪري پکين ۽ جانورن جو تعداد گهٽجي ويو آهي، ڪلڪتي ۾ ماڻهو هوميوپيٿڪ علاج جا شوقين آهن، اتي ڪيترا ناميارا هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر ٻڌڻ ۾ آيا. هڪڙي هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر جو نالو ڊاڪٽر گنگولي هو . چون ٿا ته هو مريض جو منهن ڏسي بيماري ٻڌائي ٿو. اهو علاج به سستو آهي، اسان ڏهاڪو ڏينهن ڪلڪتي ۾ گذاريا، اسان پيءُ ۽ پٽ ڪي پوءِ بمبئي اچڻو هو. اسان جي دوست گلاب راءِ کي راءِ پور اچڻو هو. اسان ڪلڪتي مان بمبئي هڪ پراڻي دوست مسٽر گوبند پنجابي کي فون ڪيو، جنهن چيو ته

پلي اچو، منهنجو گهر حاضر آهي. آئون اسٽيشن تي اوهان کي وٺڻ ايندس. پوءِ ڪلڪتي کان اسان بمبئي لاءِ ريل ۾ سيٽون بڪ ڪرايون. بمبئي ۾ پهچڻ تي ٻہ ڏينهن لڳن ٿا. گاڏي شام جو ٦ بجي هوڙا اسٽيشن تان رواني ٿي. واٽ تي منهنجو دوست گلاب راءِ راءِ پوز اسٽيشن تي موڪلائي لٿو. مون کان صرف هڪڙو واعدو ورتائين، وري جلد هن طرف اچجانءِ ۽ سنڌ مان شاهہ لطيف جي ننگري مان سنڌ جي مٽي کنيو اچجانءِ، جڏهن آئون جهان ڇڏيندس، تڏهن سنڌ جي مٽي منهنجي مرده جسم تي وجهن، تہ منهنجو اڳيون جهان موچارو ٿيندو. ائين چئي روئي ڏنائين. مونکي بہ روئڻ جهڙو ڪري ڇڏيائين. هاڻ اسين پوءِ پٽ ريل ۾ وينا هئاسين، واٽ تي ڪيترا نظارا ڏسندا رهيا سون. عجيب ماڻهن جون زبانون هيون. واٽ تي ٽاٽا ننگر ۾ ريل هلي. اتي هندستان جي وڏي شاهوڪار ٽاٽا جو رڪ جو ڪارخانو آهي. واٽ تي پوني جو بہ شهر ڏسڻ ۾ آيو. اسان جي دوست گوبند پنجابي چيو هو تہ اوهان بمبئي شهر جي باندرا اسٽيشن تي لهندا، آئون در وٽ بيٺو هوندس. ريل گاڏي باندرا اسٽيشن تي صبح جا ٨ ڪن ٿيا تہ پهتي. اسان در تي ۽ دروازي تي نهاريندا رهيا سون، پر دوست اسان کي نہ سڃاتو، ڪا خبر ڪا نہ پئي. گاڏي نيٺ رواني ٿي. آخري اسٽيشن بمبئي جي وڪٽوريا ٽرمينس آهي، اسان اتي لهي پيا سون، مزدور کان سامان کڻائي ٻاهر آياسون. ڏاڍي پريشاني ٿي. خيال ڪيوسون ڪنهن هوٽل جي پر ونون، سامان رکون پوءِ دوستن جي پڇا ڪريون. ٻاهر بيا ڪيترا مزدور بينا هئا. اسان هڪڙي کي چيو تہ هتي ويجهي ڪنهن هوٽل ۾ وٺي هل. اهو سامان کڻي هڪ نزديڪ واري هوٽل تي آيو. هڪڙو ٿلهو ڪارو گجراتي وينو هو، پر هن اسان کي رهڻ نہ ڏنو. چيائين تہ آئون پاڪستاني کي هوٽل ۾ رهڻ ڪو نہ ڏيان.

مون وٽ گوبند پنجابي جو فون هو. اتي هڪ چانهہ جي هوٽل هئي. اسان فٽ پاٿ تي سامان رکيو، چانهہ بہ پيتي سون، اتان گوبند کي فون ڪيم، جنهن چيو تہ اوهان ڪٿان پيا ڳالهايو؟ مون ڪيس چيو تہ باندرا اسٽيشن تي اوهان آيا هئا يا نہ؟

اسان کي پتو ڪو نہ پيو. هن ويچاري چيو تہ آئون پڻ سوڊو ڪار بہ ونئي آيو هوس، پر اوهان کي ڏسي سڃاڻي ڪو نہ سگهيس، چو تہ ڏني بہ ورهيہ ٿي ويا. مون ڪيس چيو تہ اسين وي ٽي اسٽيشن کان ٻاهر فٽ پاٿ تي وينا آهيون، هڪڙي هوٽل ۾ بہ ويا سين پر هن رهڻ ڪو نہ ڏنو. گوبند چيو تہ فڪر نہ ڪريو، اتي ترسو. آئون اچان ٿو. هاڻ اسين پيءُ پٽ پريشان مسافر ٿيا رستي تي وينا آهيون، سڄو ڪلاڪ گذري ويو، ڪيڏي مهل اسان جي اڳيان هڪ نوجوان ڇوڪري اچي بيني، جنهن چيو تہ اوهان سنڌ مان آيا آهيو، مسٽر گوبند پنجابي جا مهمان آهيو. آئون ان جي فيڪٽري جي مئنيجر آهيان، اوهان کي وٺڻ آئي آهيان. اسان کي پيٽ ۾ ساهہ پيو تہ هاڻ هٽيڪا آهيون.

مائي موٽر ڪار آندي هئي، ان ۾ سامان رکي مسٽر گوبند جي فيڪٽري ۾ آيا سون، جيڪا ڪافي پري هئي، بمبئي جي متونگا واري علائقي ۾ مسٽر گوبند فيڪٽري ۾ موجود هو، هڪدم گلي مليو. چيائين تہ مون دري مان اوهان کي ڏٺو هو، پر خبر نہ پئي، هڪڙو تہ باندرا اسٽيشن تي گاڏي صرف پنج منٽ بيهي ٿي. مسٽر گوبند پنجابي جي فيڪٽري ۾ گنجين ۽ ٽوالن نهڻ جو ڪپڙو نهندو آهي. اسان کي هڪدم چانهہ عاليشان پياريائين. پوءِ ڪار ۾ سامان رکي سندس گهر روانا ٿيا سون. سندس گهر بمبئي جي خوبصورت علائقي ۾ هندي سمنڊ جي ڪناري تي هو. سندس عاليشان فليٽ هو. سندس ننڍو پٽ هن سان گڏ رهندو هو. وڏو پٽ بہ نزديڪ ٻي هنڌ رهندو هو. اسين سامان لفٽ ۾ رکي مٿي پهتاسون. دوست گوبند جي گهر واري موجود هئي. جنهن هٿ ٻڌي اسان کي پليڪار ڏني. هڪڙو ڪمرو جيڪو اسان لاءِ خالي هو. ان ۾ اسان جو سامان رکيو ويو. اسان وهنجي ڪپڙا بدلايا. منجهند جي ماني کاڌيسون، پوءِ ڪجهہ آرام ڪيوسون، جو ريل جي سفر جو ٿڪ هو. منهنجي دوست پوءِ مسٽر اتم کي فون ڪري، منهنجو ٻڌايو، اهو دهلي ۾ شاهہ لطيف سميلن ۾ مليو هو، ان چيو تہ آئون صبح جوايندس.

انهي شام جو مسٽر گوبند اسان کي سمنڊ جي ڪناري تي سير ڪرايو. ان ايراضي ۾ هندستان جي مشهور فلمساز، محبوب خان مرحوم جو فلم ناهڻ جو اسٽوڊيو هو. جنهن کي چوڌاري وڏي ديوار هئي. ان رستي جو نالو بہ محبوب خان هو. هڪ پارڪ بہ هو، ان تي بہ لکيل هو محبوب خان پارڪ. اسين اٽڪل بہ اڍائي ڪلاڪ گهمندا رهيا سين. پوءِ گهر آياسون، منهنجي يار جو پٽ بہ گهر اچي ويو هو، ان جي فيڪٽري هئي گنجين جي ڪپڙي ناهڻ واري، ان کي هڪ ڪکي بہ هئي ڇهن پنجن سالن جي. رات جو گڏجي عاليشان ڊنر ڪاڌيسون. تي وي بہ ڏٺيسون، پوءِ ويهي ڪچهري ڪئيسون. اسان ورهاڱي کانپوءِ پهريون ڀيرو مليا هئاسون.

مسٽر گوبند اصل شڪارپور جو رهاڪو هو. اسان رات جو هند جي مشهور سنڌي اديب مسٽر ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ سنڌي اديب مسٽر گوبند مالهي کي بہ فون ڪيو، جيڪي بمبئي شهر ۾ رهندڙ آهن، اهي بہ صبح جو اچي مليا، ڏاڍي حب سان ڪچهريون ڪيونسون.

صبح جو مسٽر پنجابي جي گهران ناشتو ڪري ڪار ۾ سوار ٿي مسٽر گوبند سان سنڌس فيڪٽري ۾ ايندا هئاسون. جيڪا مائي اسان کي پهرئين ڏينهن بمبئي اسٽيشن جي ٻاهران اسان کي وٺي آئي هئي، ان جو نالو مونکي وسري ويو آهي. مون مائيءَ جو نالو سنڌ راڻي رکيو هو ۽ هئي اصل سنڌ جي لاڙڪاڻي شهر جي. وڏي خوش اخلاق خاتون هئي. مسٽر گوبند فيڪٽري جو ڪم ڪار ڏسي پوءِ اسان کي گهمائڻ وٺي ويندو هو، بمبئي شهر بہ تمام وڏو آهي. هن ۾ فلڪ بوس عاليشان عمارتون آهن. وڏا وڏا واپاري مرڪز آهن. شهر صاف سٿرو آهي. شهر ۾ بس سروس بہ سٺي آهي، رڪشا ۽ موٽر ٽيڪسيون بہ جام آهن، جيڪي سڀ ميٽر تي هلن ٿا. هتي وارو قصو ڪونهي، جو ميٽر ائين خالي ٽيڪسين تي لڳا پيا آهن پر انهن تي ڀاڙو ڪو نہ وٺن، ٽيڪسين وارا پنهنجي مرضي سان ڀاڙو وٺن.

اسان ان گاڏي جي بڪنگ ڪرائي، جنهن ۾ هوائي جهاز جهڙيون سيٽون هيون. اسان سان مسٽر اتم بمبئي جي اسٽيشن تي هليو، ٽڪيٽ جي بڪنگ لاءِ ان چيو تہ ان ريل گاڏي ۾ هفتو اڳ بڪنگ ڪرائبي آهي. سبحان الله اسٽيشن تي جيڪو بڪنگ هال هو، فرش اهڙو هو جو تکي هلڻ وارا ڪري ٿي پيا. هندستان ۾ ريلوي جي بڪنگ ڪان اڳ هڪ فارم پرڻو آهي. جنهن ۾ ماڻهو پورو نالو، جتي رهي تہ ان جي ائڊريس، فون نمبر جنهن پاسي وڃي ٿو اتي جي بہ مڪمل ائڊريس لکڻي آهي، اها ڳالهہ سني. ڪنهن حادثي جي صورت ۾ خبر پئي سگهجي ٿي. هتي تہ ٽڪيٽ وٺڻ جو رواج ڪونهي. هينئر تازو سکر وٽ سانگي اسٽيشن تي ريل جو جيڪو حادثو پيش آيو، ان ۾ بہ ريلوي وارن چيو تہ ٽن حصن ماڻهن وٽ ٽڪيٽ ڪو نہ هو. گهڻا حادثي جا مئل بہ بنا ٽڪيٽ جي هئا. اسان جو ڀاڳ چڱو هو، ٻي ڏينهن لاءِ گاڏي ۾ سيٽ ملي وئي، ڏاڍا خوش ٿياسون، پوءِ اسان تياري ڪئي، سامان وغيره بند ڪيو سون، ڪن دوستن سان فون تي ڪن سان روبرو موڪلايوسون. منهنجي ڀاءُ گوبند ٻڌايو تہ ان ريل ۾ هوائي جهاز وانگي ماني بہ ملندي، صبح واري چاءِ بہ ملندي، جنهن جي قيمت ڪا نہ ڏبي. اها بہ ڀاڙي ۾ اچي وئي. ريل گاڏي جو هلڻ جو ٽائيم شام جا ساڍا چار هو. رات جو اوچتو منهنجي دوست جي طبيعت خراب ٿي پئي. ان ڪري اسٽيشن تي پاڻ ڇڏڻ ڪو نہ آيو، سندس مائي مئنيجر جنهن جو مون نالو سنڌ رائي رکيو هو، سا گڏجي اسٽيشن تي آئي. اسٽيشن تي ورري مسٽر اتم ۽ سندس گهر واري مائي سندري بہ موڪلائڻ آيا.

مائي سنڌ رائي منهنجي ڪکي کي هڪ سٺي ٻال پين سوکڙي ڪري ڏني. مائي سندري کيس قميص جا ٻہ ڏنا.

سامان رکڻ جو گاڏو الڳ آهي. اتي سامان رکي اوهان کي ٽوڪن ڏيندا. جيڪو اوهان پنهنجي منزل تي ڏيکاري، سامان واپس وٺو تنهنڪري سامان اسان ان گاڏي ۾ رکائي ٽوڪن ورتو. پوءِ اچي گاڏي ۾ چڙهياسين، سبحان! بهشت اگو پيو آهي.

بہ ٺري ڍيو. ڪن ماڻهن وٽ چادرون وغيره هيون، اهي انهن ۾ ويڙهجي ويا. اسان سان سڀ ڪجهہ هو پر سامان ٻي گاڏي ۾ بند هو. پوءِ هڪ خاتون هڪڙي ننڍڙي چادر منهنجي پٺ کي ڏني.

صبح جا چار ٿيا هئا تہ ٽڏ گهٽجي وئي. پوءِ هڪدم لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ٿيو تہ گڊمارننگ، نمسڪار، اوهان سڀ مسافر دوست، خيريت سان هوندا. هينئر اوهان جي خاطري چاءِ سان ڪيون ٿا. هڪدم ٿرماسن ۾ بند گرم چاءِ اچي وئي. ان بعد ناشتو بہ اهڙي ريت مليو. گاڏي صبح جو ١٠ بجہ دهلي ڪينٽ تي اچي بيٺي. اسان لهي وڃي ان گاڏي جي اڳيان بيٺاسون، جنهن ۾ سامان بند هو. سڀ ڪو مسافر ٽوڪن ڏيکاريندو سامان کڻندو ويو، اسان سامان ڪنيو، اتي مزدور بہ موجود هئا. اسان سامان کڻائي ٻاهر اچي ٽيڪسي ۾ رکيو ۽ مسٽر ويراڻي جي گهر روانا ٿياسون. رات جو ڪچهري ۾ مون مسٽر ويراڻي کي چيو تہ يار هاڻ هتان اجمير وڃڻو آهي. اتان جو ڏيور، اتان جئپور پوءِ واپسي دهلي پوءِ هتي گهمي ڦري دهلي جا درشن ڪبا. دل وارو جي جيئرو هوندو تہ ملبو، مري ويل هوندو تہ ان جي قبر تي بہ وڃبو.

اسان ريل ۾ دهلي کان سيٽ بڪ ڪرائي اجمير لاءِ، پر اها ايئر ڪنڊيشن نہ هئي. سيڪنڊ ڪلاس هو. گاڏي جي هلڻ جو ٽائيم صبح جا ٦ هو. منهنجي دوست مسٽر ويراڻي جو گهر انهي دهلي جي اسٽيشن کان ٻن اڍائي ڪلاڪن جي مفاصلي تي هو. اسان ٣ بجہ تيار ٿياسون. اسان پاڻ سان بہ چار وڳا ڪپڙن جا، ٻيو ٿورو ضروري سامان، هڪ ٿيلهي ۾ وجهي کنيو. ويراڻي جي گهر کان ٻاهر ٿوري پنڌ تي ٽيڪسي اسٽينڊ هو، اتي گهڻو ڪري سواري ملندي هئي. اسان اتي پهتاسون، ڏٺوسون تہ ڪا بہ سواري ڪانهي. جيڪا سواري لنگهي پئي سا ڦل - ڏاڍا پريشان، گاڏي ويندي هلي، ٥ اچي ٿيا. ٻيلي هڪڙي ٽيڪسي ڪار اچي بيٺي، ان ۾ ويهي هڪدم روانا ٿيا سين، ڇهہ بجي روانا ٿي ويا سين، اچا اسٽيشن پري آهي. دوست چيو تہ هاڻ واپس گهر هلي پوءِ ٻي ڪنهن گاڏي جو بندوبست ڪبو. مون هن کي چيو تہ يار اسين غريب نواز

بجي منجهند جو جوڌپور اسٽيشن تي وڃي رُڪي، جام سواريون هيون ٽانگا بہ هئا پر گهوڙا ٽڪل ٻڪري جي قد جيترا. اسان هڪڙي رڪشي ۾ وينا سون، رڪشي وارو بہ مسلمان هو، ان کي چيم تہ ڪنهن مسلم هوٽل تي وٺي هل، هو اسان کي هڪڙي مسلمان جي هوٽل تي وٺي آيو، هوٽل سادي هئي پر گذاري جهڙي هئي. اسان وهنجي تيار ٿياسون، هوٽل مان نڪري ڪجهہ شهر جي رونق ڏٺي سون. ورهاڱي کان اڳ منهنجي جوڌپور ڪيترا دفعا ڏٺل هئي، مائٽن جا دوست هئا. انهن وٽ هفتن جا هفتا اچي رهبو هوس. هڪڙو واقفڪار ذهن ۾ هو ان جي مون هوٽل واري کان پڇا ڪئي انهن چيو تہ اهو همراهہ آهي. پٽر جو ٺيڪيدارآهي، سندس هڪ پٽ ڊاڪٽر آهي، خوشحال آهي، هوٽل وارن هڪ ڇوڪرو گڏي ڏنو. اسان انجي گهر ويا سون. مون اها گهڻي سڃاڻي جايون ضرور بدلجي ويون آهن، سندن گهر وارو هنڌ بہ مون سڃاتو پر اڳ اهو گهر ننڍڙو پراڻو هو. هينئرعاليشان پٿر جي عمارت هئي. سڌ ڪرڻ تي اهو همراهہ نڪري آيو، اسان هڪ ٻئي کي سڃاتوڪو نہ، هوٽل تان گڏ آيل ڇوڪري هن همراهہ کي اسان جي نالي چيو تہ هي سنڌ کان آيل آهن، اوهان جا پراڻا واقفڪار آهن. همراهہ اسان کي اندرهلي ويهاريو، سندس نالو انعام الله خان هو، مون ڪيس ڪافي پراڻيون يادگيريون ڏياريون تہ هتي اوهان جي پاڙي ۾ بابو عزيز احمد وارن جو گهر هو. اسين انهن وٽ ايندا هئاسون. منهنجو والد مرحوم بہ ايندو هو، اوهان بہ انهن جي گهر ايندا هئا پاڻ اتي ملندا هئاسون، آخر هن ويچاري سڃاتو مون کي چوڻ لڳو تہ هاڻ اوهان کي ان جاءِ تي وٺي هلان، اوهان اهو گهر سڃاڻي ويندا. مون کيس چيو تہ هل اسان نڪري هڪ هنڌ بيٺا سون، مون هڪدم ان کي چيو تہ هي اهو مڪان آهي، جتي اسين اچي رهندا هئاسون، حيران ٿي ويو مونکي چوڻ لڳو تہ اوهان جي يادگيري سٺي آهي، اسان جوڌپور جي بازار وغيره جو سير ڪيو، شهر تمام عاليشان ۽ صفائي وارو هو، جوڌپور۾ گهڻ جهڙيون تاريخي جايون آهن، راجائن جو شهر آهي. شهر جي ڪجهہ مفاصلي تي مندور جو باغ آهي، اتي پراڻا

خود تڪليف هئي. ان ڪري اسان ارادو ڪنهن هوٽل ۾ رهڻ جو ڪيو ڇو ته هاڻ دهلي ۾ ٻه چار ڏينهن رهڻ جو پروگرام هو.

پوءِ اسان سامان کڻي دهلي جي مشهور سياحن جي هوٽل اشوڪ ياتري نواس ۾ آياسون. هوٽل جي عمارت ١٦ منزل آهي. هوٽل ۾ ماڻهن جو ميلو لڳو پيو هو. دنيا جي هر هڪ ملڪ جو ننڍو وڏو مرد توڙي عورت اتي ڏسڻ ۾ آيو. اسان کي ١۴ منزل تي ڪمرو مليو، وڃي سامان رکيو سين. دهلي ۾ اوچتو هڪ اخباري ايڊيٽر سان ملاقات ٿي هئي، جيڪو وڏو قربدار هو. جنهن چيو هو ته اوهان گهمي ڦري جڏهن واپس اچو ته مون کي فون ڪجو. ان پنهنجو نمبر ڏنو هو. ان همراهه کي پنهنجي دفتر ۾ فون ڪيوسون، ملي ويو. چيائين ته آئون صبح جو سوير هوٽل تي ايندس. هو همراهه صبح جو ٩ بجي ڌاري هوٽل ۾ آيو. اسان کي چوڻ لڳو ته جيڪي ٻه چار ڏينهن اوهان دهلي ۾ گذاريو، مون وٽ هلي رهو. منهنجي گهر ۾ جاءِ آهي. هو اسان جو سامان کڻائي پنهنجي گهر هليو. سندس گهر صحافي ڪالوني ۾ هو. جنهن جو مفاصلو ڪافي پري هو. واٽ تي قطب مينار به نظر آيو. صحافين جي ڪالوني ڏاڍي خوبصورت هئي، عاليشان فليٽ هئا. جيڪو صاحب اسان کي هوٽل تان وٺي آيو. ان جو نالو مسٽر گپتا هو. "سن" نالي انگريزي اخبار جو ايڊيٽر هو. سندس گهر پهتاسون اتي هڪ پوڙهي خاتون هئي ۽ هڪ ٧ سالن جو ننڍڙو ڪڪو به هو. اتي خبر پئي ته پوڙهي مائي گهر ۾ ڪم ڪرڻ واري هئي، ننڍڙو ڪڪو مسٽر گپتا جو پٽ هو. ڪڪي جي والده هندستان جي مشهور اشتراڪي ليڊر سيد سڄاد ظهير جي ڌيءَ آهي پر مائي جي مڙس سان اڻبڻت ٿي پئي، تنهن ڪري هن مڙس کان علحدگي اختيار ڪئي. ننڍڙو ڪڪو ڏاڍو پيارو هو، منهنجي پٽ جو هڪدم دوست ٿي ويو، گهر ۾ ۽ ٻاهر ٻئي گڏجي پيا راند ڪنداءِ گهمندا هئا. مسٽر گپتا اسان کي دهلي ۾ جنگ آزادي جو هيرو ۽ لينن انعام يافته خاتون مسز ارونا آصف علي سان به ملاقات ڪرائي، عظيم خاتون هئي مون ڪيس سنڌ جي اجرڪ پارائي، بيحد خوش

اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ اعلان ٿيو تہ ڪراچي جو جهاز تيار آهي، مسافر هلن. اسان بہ قطار لڳائي وڃي هوائي جهاز جي پنهنجين سيٽن تي وينا سين، جهاز ،ڏاڍو رات جي ماني جهاز ۾ ملي، جهاز وڏو هو، جهاز ۾ ٢ اڍائي سئو مسافر هئا. ڏيڍ ڪلاڪ اڏامڻ ڪان پوءِ جهاز خير سان ڪراچي هوائي اڏي تي لٿو. اسان بہ لهي اچي هال ۾ پهتاسون. پاسپورٽ وغيره ڏيکاري، هاڻ سامان جي انتظار ۾ هئا سون، سامان بہ اچي ويو، اهو ڪٺي ٽرالي تي رکي ٻاهر آياسون، ڪسٽم وارن لامارا ڏنا بہ سهي پر الله جي مهرباني اسان کي ويجها کو نہ آيا. اسان وٽ اهڙو ڪو بہ سامان ڪو نہ هو، ڪسٽم وارا بہ ٻارکو آهن، مائهن کي سڃاڻيو وٺن.

بهرحال خير خوبي سان اسان اهو ڏيڍ مهينو کن هندستان جو سفر پورو ڪري سنڌ ڌرتي تي پهتاسون.

# رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي



رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي مرحوم ولد آفتاب هند انگريزن سان جنگ آزادي جو هيرو آنربل رئيس غلام محمد خان پرڳڙي، بار ايٽ لا.

رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي سنڌ جي حقن لاءِ جيڪا جدوجهد هلي ان ۾ پنهنجو سمورو خزانو لٽايو. رئيس سنڌ اسيمبلي جو ٻه ميمبر رهيو، جڏهن پنجابين ڏنڊي جي زور تي ون يونٽ ٺاهيو هو تڏهن سنڌ جي وزير اعليٰ ايوب کهڙي سنڌ اسيمبلي کان ون يونٽ جي حق ۾ بل پيش ڪيو هو، تڏهن رئيس پرڳڙي پير ڪوڙي ون يونٽ خلاف ووٽ ڏنو هو.

سنڌ ۾ قبر پرستي اڃا بہ وڌي عروج تي آهي. هتي انهي بدعت خلاف ڪيترن نيڪ مردن وڏا جهاد ڪيا، انهن ۾ هڪ مرد مجاهد درس عليم فقير عليہ رحمت بہ هو جنهن ويچاري انهي جهاد ۾ وڏا سور ڪاڏا. درس صاحب اصل جيسلمير جا هئا پوءِ لڏي اچي عمر ڪوٽ تعلقہ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ساڀو ۾ رهيا. پاڻ اڻ پڙهيل هو رڍن چارڻ وارو ڏنار هو، هي چند شعر آهن جيڪي هن بدعتن خلاف چيا سي ناظرين لاءِ حاضر آهن.

جي دل ٿينئي دوزخ ڏي تہ ڪر پيرن جي پوڄا،
عابد جي انسانن جا حاوي ۾ هوندا،
ٻڏي ڏڌ ڪو دوزخ جو پري پير ٿيندا،
في النار جهنم خالدين چيو پاڻ خدا،
پوڙن ڪين ٻڌا اهي وعدا واحد جا.

زاريون نہ ڪر ضعيف ڪي نڪو قبر ڏئي ڪم،
هڏا جدا تي ويا آهن لهي ويو آهي چم،
پوڙو ٻڌي ڪين ڪي نڪو ڪڏڙو ڄٽي چم،
گونگو ڪيچي ڪيز ڪي نڪو انڌو ڪري ڪم،
دانا جهلي دم ڳولي ڏس ان ڳالهہ ڪي،

لڄائي لوڪ ۾ پيرن پڪيڙي،
مڪر سان بي عقلن جي دنيا آهي ميڙي،
ملڪ ۾ ماٺهن جي ٻوڙي ويا ٻيڙي،
جوڙ جنهن جوڙي سو مالڪ ٻيو ملڪ جو.

خرابـو خلـق ۾ پـيـــرن پـيـــدا كـيـــو،
پـكـيـــڙيـو پـلـيـتن هـي چار ڇنن لاءِ،
سنبري پيا سنڌ ۾ جيئن مهاڻا مڇي لاءِ.
عجب اهو آهي جو كير بنائي ويا قومن کي.

ايمـان اڳي ويـو پـئـسـا ويـا پـوءِ،
عـقل تڏهن ويو جڏهن پيرن پـئيان پيو،
شرم تڏهن ويو جڏهن سينگاري ڏنئين جوءِ،
حق هادي جو هـو سـوڇن تان لـهي ويـو.

## پيل

اهڙي پر نـ تي آهي جهڙي هيل تي،
ويچارن ماڻهن جي ڇپي چيلهـ تي،
تـئـي روز ڏرتـي ڳاڙهـي خون سـان،
سـلـو سـائـو كـونـهي اهڙي پـيـل تي.
**استاد بخاري**

روس ۾ جڏهن هارين مزدورن ڪامريڊ لينن جي اڳواڻي ۾ جدوجهد ڪري اتي جي بادشاهه زار کي ختم ڪري دنيا ۾ پهرين پورهيت سرڪار ناهي، ان وقت سنڌ ڌرتي جي انمول شاعر حضرت مولانا حاجي احمد ملاح عليہ رحمت هي شعر چيو هو.

اي اميرو عامرآهون، رنگ لائيندئون ضرور
نت نماڻن جو نڳاهون، رنگ لائيندئون ضرور.

ظلم ظاهر تن مٿي، جن لئي ضروري ٿي زڪوات،
ڳاهجي ويون، تن جون ڳاهون، رنگ لائينديون ضرور.

ڪن پلاهون پيٽ ۾، پرپيٽ ڪن جاتيا پلا،
هي پلاءِ پلاهون، رنگ لائينديون ضرور.

منجهه ڪنگالن ڪنگ رڙن، ڪرڪِل ڪلهن جا سرڪلهن،
واهري جي وير، واهون رنگ لائينديون ضرور.

وير! ووٽن ري آ ورتو، تو تراڙين ساڻ تخت،
عامرائي ڌار، راهون رنگ لائينديون ضرور.

هن بکين ڪئين بادشاهه برباد ڪيا اي بي خبر!
هي ڪمهريو، قهر ڪاهون، رنگ لائينديون ضرور.

زار کي زاري ڪرائيون، روس ۾ جو هو رئيس،
تون! نہ تنهن ڪان پنڌ براهون رنگ لائينديون ضرور.

ملڪ "احمد" آه لااله الاالله جو،
تن تي ڪلمي جون ڪلاهون، رنگ لائينديون ضرور

# ڪامريڊ جا قول

زمين تي ڪنڌ هيٺ ڪري هلو آڪڙ رب کي ڪانہ وڻي.

(رب جو حڪم)

جن سرڪار جو خزانو ڪاڌو اهي محب وطن سڏائڻ لڳا اسان ڪنهن

بہ سرڪار جو خزانو ڪو نہ ڪاڌو پوءِ بہ غدار سڏيو ويو.

(ڪامريڊ)

سٺيا ۽ خوش حال ماڻهو موقع پرست ۽ بي ايمان آهن،

ايمان جا ڪٽا صرف مسڪين ۾ آهن.

(ڪامريڊ)

فرد فنا آهي. دنيا اڃان هاڻ جوان تي آهي.

(ڪامريڊ)

انسان اهو آهي جو انسان کي ڪم اچي.

(ڪامريڊ)

هن دور ۾ اشراف جو پٽڪو پيرن ۾ آهي. بد معاش سرهو پيو هلي.

(ڪامريڊ)

پنهنجي پيٽ کي ڀرڻ جو مزو نہ ونو

ڪجهہ مسڪين کي کارائي مزو ونو.

(ڪامريڊ)

ڪجهہ ٻي جي عزت ڪريو تہ اوهان جي عزت وڌي.

(ڪامريڊ)

رڳو مٺن ماڻهن جا ختما نہ ڪريو اهي مٽي کي ڪم ڪو نہ ايندا.

جيئرن کي ڪارايو جيڪي حقدار آهن.

(ڪامريڊ)

هن دور ۾ اولاد مائٽ جي عزت گهٽ ٿو ڪري، جڏهن مائٽ مري ٿو سندس جنازو گهر کان نڪري ٿو تڏهن اولاد کي خبر پوندي تہ گهر جو ڇپر ۽ ڇانو وارو وڻ سدائين لاءِ هليو ويو.

(ڪامريڊ)

صالح اولاد اهو آهي جيڪو پيءُ جو نالو روشن ڪري.

(ڪامريڊ)

جن ضمير وڪڻي سرڪاري عهدا حاصل ڪيا، اهي پوءِ ڏاڍا خوار ٿيا.

(ڪامريڊ)

هن جهان کي سينگارڻ وارو مسڪين آهي.
ستابا رکو هن جهان کي پيلڻ وارا آهن.

(ڪامريڊ)

پنهنجي رب کي رحمت وارو سمجهو.
ملن تہ رب پاڪ کي مارشل لا ايڊ منسٽريٽر ڪري پيش ڪيو.

(ڪامريڊ)

هي سنڌ ڌرتي جنت جي ڌرتي آهي ان جا نمڪ حلالي بنجو جي هن جيجل سنڌ ڌرتي سان دغا ڪندا تہ اوهان جا ٻئي جهان ويا.

(ڪامريڊ)

جيڪا اوهان پاڻ نيڪي ڪندا اها اوهان کي ڪم ايندي.

(ڪامريڊ)

جيڪر اوهان کي رب سان پيار آهي تہ پوءِ هن جي هر مخلوق انسان جانور ۽ پکي سان پيار ڪريو تہ رب پاڪ راضي ٿيندو،

(ڪامريڊ)

ٻي کي ايترو ڏک رسايو جو پوءِ اوهان بہ اوترو سهي سگهو.

(ڪامريڊ)

ڳٺون ۽ مينهن جو ڪير قدرت واري سندس ڦر لاءِ پيدا ڪيو آهي اوهان انهن جانورن کي ڪارائي پيار ڪري ڪير ڪيو جانور کي ڏنڀا ۽ شيون هٿي ڪير نہ ڪيو.

(ڪامريڊ)

ماني جو هڪ گرهہ بہ زبان نہ ڪريو اهو بکئي انسان جي پيٽ ۾ وڃي.

(ڪامريڊ)

ٻي جي عيب تي ڪلڻ سان پنهنجن عيبن ۾ واڌارو ٿئي ٿو.

(ڪامريڊ)

دنيا ۾ پهريون انسان جيڪو چتو ٿيو هو ان جو ڪارڻ بک هئي.

(ڪامريڊ)

دنوي لذتون ڪوريئڙي جي ڄار وانگر آهن جن ۾ خود ڪوريئڙو ڦاسي مرندو آهي ۽ انسان بہ دنوي لذتن ۾ ڦاسي فنا ٿيندو آهي.

(ڪامريڊ)

اڄ جو بکيو بزار ۾ اني جون ٻوريون ڏسي ٿو پر کٽي ڪو نہ ٿو.
اگهاڙو بزار ۾ ڪپڙن جا ٿان ڏسي ٿو پر کٽي ڪو نہ ٿو.
پر ياد رکو ايندڙ وقت ۾ بکيو زوري اني جي ٻوري کڻندو.
اگهاڙو ڪپڙن جا ٿان کڻندو.

(ڪامريڊ)




مزار مقدس حضرت سرمد شهيد تي حاضري.



ڪامريڊ مير محمد مسلمان ڪاريگر سان جنهن ننڍڙو پٿر جو تاج محل ٺاهيو
آهي. آگرو- ڀارت



برصغير جي جنگ آزاديءَ جي هيرو محترمه ارونا آصف عليءَ ڪامريڊ مير
محمد ٽالپر مير غلام رسول ٽالپر سميت 1986 دهلي ڀارت



امر شهيد ڪنور ڀڳت جي ڏهٽي سان، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر سندس
گهر ڪلڪتہ ڀارت



برصغير جي بلبل مائي لتا منگيشڪر سان ڪامريڊ مير محمد ٽالپر ۽ سندس
پٽ مير غلام رسول ٽالپر [redacted] ڀارت.



ڪامريڊ سجاد ظهير جي ڌيءُ، نور ظهير سان گڏ جئہ پور جي راجہ جي محل ۾ 1986 جئہ پور ڀارت.



برصغير جی کميونسٹ رهنما سيد سجاد ظهير جی مزار تی حاضري.



مهاراجہ گائڪواڙ، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر ۽ سندس فرزند مير غلام رسول ٽالپر 1986 دهلي- ڀارت.



ڪامريڊ، جئہ پور جي مهارائيءَ سان گڏ محلات، اندر جئہ پور ڀارت.



17 سال جلاوطني بعد ڪابل کان ڪوئيٽا پهچڻ تي نواب خير بخش خان مري
سان ڪامريڊ مير محمد ٽالپر 1992 ڪوئيٽا.



صدر بلوچستان نيشنل موومينٽ ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ 1991 ڪوئيٽا.



ڪامريڊ مير محمد ٽالپر ۽ ڄام صادق علي.



شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر. حاجي عبدالرسول لغاري



ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جو وڏو فرزند مير مظفر ٽالپر پروفيسر زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام

## مولوي حاجي احمد ملاح



(١٨٩٦ع- ١٩٦٩ع)



ع - ق شیخ



انور سولنگي جنهن جي محنت سان هي ڪتاب تيار ٿيو

(آرٽ ڊزائين: مرتضيٰ دائود پوٽو)



مير آچن ٽالپر



مير آچن جو پٽ مير غلام علي خان ٽالپر



مير علي بخش جو وڏو ڀاءُ مير امام بخش ٽالپر



ڄام صادق علي جو پٽ ڄام جاني



غلام رسول خان ٽالپر پنهنجي پياري دوست مسٽر جپسي سان گڏ جيڪو دنيا جي اول درجي جي ڪميونسٽ ليڊر سيد سجاد ظهير جو ڏوهٽو آهي، نيئن دهلي سندس گهر ۾.



ڪامريڊ مير محمد ٽالپر ۽ مير غلام رسول ٽالپر 1986 دهلي، ڀارت.



فقير ميرل شر،



استاد جمن،



شهيد عنايت علي



ظرافت جو شهنشاهہ ۽ مسڪينن
جو آواز ڪامريڊ غلام محمد لغاري



شهيد مير علي بخش ٽالپر مرحوم خان،بهادر غلام محمد وساڻ کان اليڪشن
کٽڻ وقت پنهنجي ياءُ مير امام بخش ٽالپر ۽ ورڪرن سان گڏ.



ڪامريڊ مير محمد ٽالپر لوڪ سڀا جي ڪاڏي جي ڪمري ۾ پنهنجي پٽ مير غلام رسول ٽالپر سان گڏ 1986 دهلي يارت.



کاٻي کان- روچيرام، مير دين محمد ٽالپر ۽ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر.



ساڄي کان- حفيظ قريشي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، دوست محمد ابڙو.
پٺيان وينل- شفيع شيخ، شوڪت سنڌي، دادن جتوئي.



مولوي محمد حسن ٽالپر مرحوم نواب شاھ وارو.



فقير محمد رمضان مگربو سايي شريف وارو.




تو صاحب سرمایۂ از نخلۂ خلیل
تو پیغمبر است لیکن بي جبرئیل.

كارل ماركس



(شهيد صوفي قلندر بخش شهادت 1 جون 1930ع 10 محرم بروز جمع)



مرحوم میر غلام حسین تالپر



امام الهند

مولانا ابو الڪلام آزاد

انگريز سامراج جو وڏي ۾ وڏ دشمن



شهيد عارف الحسيني

جنهن جي شهادت ضياءَ آمر جي
ظلمن مان جند ڇڏائي




نواب نو روز خان زرکز ئي، جنهن جي پٽن ۽ پائٽين کي آمر ايوب قاسي ڏياري، بلوچستان.



جنگ آزاديءَ جو سپاهي ناگجي ڪولهي ننگرپارڪر وارو.




شهيد مير مرتضيٰ ڀٽي جي مزار تي نالي جو پٿر لڳائڻ وقت ڪامريڊ مير محمد ٽالپر سندس وڏو فرزند مظفر علي ٽالپر ۽ ڀٽي مرحوم جو خدمت گار گونگو فقير غمگين حالت ۾!



جيل ۾ پنج سال رهڻ کان پوءِ ڊاڪٽر دودي مهيري جو حيدرآباد | سينٽرل جيل تي استقبال.



ڪلڪتہ پارڪ ۾ مائي جنہ شري ننهن ڪامريڊ گلاب جي،
سندس ڪڪو ۽ غلام رسول خان ٽالپر.




جديد تركي جو باني مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ جنهن بنياد پرست ملن جي ترڪيءَ ۾ پاڙ پٽي ڇڏي.



ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، سوڀو گيانچنداڻي موهن جو دڙو سنڌ.



اجرڪ سان ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، ڊ ڪٽر مير ڄام خان ٽالپر،
مسٽر تولو ويرواڻي نئي دهلي.



ساڄي ڪان، ڪامريڊ مير ٽالپر مسٽر گوبند پنجابي، مير غلام
رسول ٽالپر، مرحوم گلاب پڳواڻاڻي، بمبئي ڀارت.



معلم ڄا خير محمد نظاماڻي.

سنڌي نثر جو شهنشاهه، جنهن جي قلم گهڻن جا وڻ وڃائي ڇڏيا



ڪامريڊ مير محمد ٽالپر بلوچستان جي بلوچي زبان جي شاعر، قوم پرست صوفي جناب جوان سال عرف محمد ابراهيم بگٽي جي فرزند عبدالڪريم سان گڏ ڪامريڊ جي خوشبختي ڇٽبي.



. ناگپور پارت ۾ شهيد هيمون ڪالاڻي جي يادگار چوڪ تي ڪامريڊ مير محمد ٽالپر ننڍڙو غلام رسول ٽالپر، ڊاڪٽر مير ڄام ٽالپر.



- مرحوم مير گل حسن خان ٽالپر ولد حاجي محمد خان ٽالپر سوٽ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر وڏو سخي انسان هو. گاجا موري.



فتح پورسيڪري ۾ مغل شهنشاهہ اڪبر جي هڪ محلات جي باغيچي ۾ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، مير غلام رسول ٽالپر، ڊاڪٽر مير جام خان ٽالپر.



ڪامريڊ مير محمد ٽالپر هڪ ڪرد نوجوان سان حجر اسود جي پر ۾!

## كامريڊ جا ٻه دوست.



شهيد ذوالفقار علي ڀٽو



مير رسول بخش خان ٽالپر



ساڄي کان ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ مير محمد خان ٽالپر.



ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جامع ملي دهلي جي پروفيسر مسٽر چشتي سان ڳالهه
ٻولهه ڪندي مير غلام رسول ڳڏ 1986 دهلي، ڀارت.



ڊاڪٽر شير محمد نظاماڻي ٽنڊي سومري وارو جنهن قابل هجرت ڪئي.



مصنف جو محسن امداد حسين جوڻيجو صدر الائيڊ بينڪ.



استي ساجن جو خليفو محمد بچل.



ڪيئي ڪتاب جو مصنف رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي.



ڪامريڊ جو قربائتو مرحوم گلاب پڳوانائي.



برِ صغير جو عوامي شاعر جناب حبيب جالب جنهن جي هر نظم ظالمن جا دِل ڏرا ڪيا، جنهن کي روحاني طاقت باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئيءَ کان ملي.



ڪامريڊ مير محمد ٽالپر ۽ سنڌس ساٿي 5-5-65 حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي.

ڪراڪولي ٽوپيءَ سان استو ساجن مرحوم



کامریڈ میر محمد تالپر

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٺي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوء چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)